# پير حسام الدين راشدي

## (سوانح ۽ علمي ڪارناما)

سيد صباح الدين عبدالرحمان

سنڌي ادبي بورڊ

# پير حسام الدين راشدي

## [سوانح ۽ علمي ڪارناما]


ليکڪ:

**سيد صباح الدين عبدالرحمان**

سنڌيڪار:

**امام راشدي**

سڌارا ۽ واڌارا:

**آزاد قاضي**



سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2011ع

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ



چاپو پهريون سال 2011ع تعداد 1000



هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي ڪي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي استعمال نٿو ڪري سگهجي.


قيمت: هڪ سؤ اسي رپيا

(Price Rs: **180**-00)


خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@ yahoo.com

www.Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ پريس مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

P.H. Rashdi Birth Centenary Celebrations!

هي ڪتاب پير حسام الدين راشدي جي صد ساله
يوم پيدائش جي سلسلي ۾ شايع ڪيو پيو وڃي.

اَنــدر روح رهيــام، سڄڻ اوطــاقون كــري

شــاهہ



# پير حسام الدين راشدي

ولادت

20- سيپٽمبر 1911ع

وفات

1- اپريل 1982ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| چپائيندڙ پاران | ادارو | 7 |
| مقدمو | آزاد قاضي | 9 |
| پيش لفظ | سيد صباح الدين عبدالرحمٰن | 17 |
| **پير حسام الدين راشدي** | سيد صباح الدين عبدالرحمٰن | 19 |
| (سوانح ۽ علمي ڪارناما) | | |
| ابتدائي سرگرميون | | 26 |
| 1. مثنوي چنيسر نامه | | 26 |
| 2. مثنوي مظهرالآثار | | 27 |
| 3. مقالات الشعراء | | 29 |
| 4. تڪمله مقالات الشعراء | | 33 |
| 5. مثنويات و قصائد قانع | | 42 |
| 6. تاريخ مظهر شاهجهاني | | 46 |
| 7. هشت بهشت | | 47 |
| 8. منشور الوصيت و دستور الحڪومت | | 51 |
| 9. ترخان نامو | | 52 |
| 10. مڪلي نامو | | 56 |
| 11. تذڪره شعراءِ ڪشمير | | 61 |
| 12. تذڪره حديقة الاولياء | | 68 |

| | |
|---|---|
| 13. تذڪره روضة السلاطين و جواهر العجائب | 70 |
| 14. ديوان فخري هَروي | 74 |
| 15. دود چراغ محفل | 75 |
| 16. مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کی بزم ادب | 79 |
| 17. تحفة الڪرام | 84 |
| 18. امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري | 86 |
| پڇاڙي | 92 |
| پياري پير حسام الدين راشديءَ جي ياد ۾ - سيد صباح الدين عبدالرحمٰن | 94 |
| [واڌارا] آزاد قاضي | 117 |
| الف: علمي ۽ قلمي پورهيو | |
| (1) ڪجهه وڌيڪ ڪتاب | 119 |
| (2) معاون ايڊيٽر مؤلف | 140 |
| ب: علمي وضاحتون | 149 |
| (3) اڻڇپيل/اڻپورو علمي ذخيرو | 155 |
| ج: علمي، ادبي ادارن سان تعلق | 164 |

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ کي سنوارڻ ۽ اداري جو ناماچار ڪرڻ ۾ جن نامور عالمن، اسڪالرن، محققن، اديبن، شاعرن، دانشورن جو وڏو هٿ رهيو آهي. انهن مان پير حسام الدين راشدي جو نالو سرفهرست آهي. جنهن جو بورڊ سان قلمي سهڪار آخري دم تائين قائم رهيو.

سنڌ جي تاريخ کي منظرِعام تي آڻڻ ۾ پير صاحب جو سهڪار بورڊ سان آخري دم تائين قائم رهيو. جنهن نہ فقط پنهنجي هر ڪتاب کي قيمتي حواشا ۽ تعليقات لکي ان جي اهميت وڌائي، پر سنڌ ۽ سنڌ واسين جا داستان چٽيءَ ريت بيان ڪري، سنڌ جي تاريخ کي هڪ نئون موڙ ڏنو، انهن ڪتابن ۾ تحفة الڪرام، تاريخ مظهرشاهجهاني، ترخان نامہ، منشور الوصيت و دستور الحڪومت، تذڪره روضة السلاطين، مڪلي نامہ، تذڪره اميرخاني، مقالات الشعراء ۽ تڪملة مقالات الشعراء جهڙا عظيم ڪتاب سنڌ جي تاريخ جا اهم ماخذ آهن.

پير صاحب پنهنجي علمي فضيلت سبب جڳ مشهور هو، سندن علم جي اعتراف ۾ پاڪستان ۽ ايران جي حڪومتن ڪيس "ستارهء امتياز" ۽ "نشانِ سپاس" جا تمغا ڏنا ۽ تهران يونيورسٽي کين ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري پڻ ڏني.

سنڌ جي هن نامور عالم ۽ اسڪالر جي ادبي خدمتن کي مدِنظر رکندي، ننڍي کنڊ جي عظيم شخصيت سيد صباح الدين

عبدالرحمان سنڌن علمي ادبي ڪارنامن ۽ سوانح تي مشتمل طويل مقالو اردو ۾ تحرير ڪيو. جيڪو پاڻ بورڊ طرفان ڪرايل هڪ ڪانفرنس ۾ پڙهيو. جنهن کي امام راشدي سنڌي ۾ ترجمو ڪري ٽِماهي مهراڻ 1997/2ع جي حسام الدين راشدي نمبر ۾ شايع ڪرايو. جنهن کي ڪتابي صورت ۾ سنوارڻ ۽ مڪمل ڪرڻ جو ڪم اسان جي مانواري اديب آزاد قاضي صاحب ڪيو آهي. جيڪو اسان شايع ڪندي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون.

اميد آهي تہ پير صاحب جي سوانح تي لکيل هي ڪتاب مؤرخن، اديبن ۽ طالب علمن لاءِ مفيد ۽ معاون ثابت ٿيندو.

جام شورو سنڌ
اربع 13 ربيع الثاني 1431هہ
بمطابق 19- مارچ 2011ع

پروفيسر سيد زوار حسين شاهہ نقوي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مقدمو

اپريل جي سخت گرميءَ جي موسم هئي ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ قاضي دڙا ۾ شام جو ريڊيو ٻڌي رهيو هوس. اچتو سنڌ جي سدا بهار عالم پير حسام الدين راشديءَ جي وفات جي آخر آئي ته آءٌ ان ڏانهن وڌيڪ متوجهه ٿي ويس.

اهو آواز، رڳو معلومات مهيا ڪندڙ خبر ڪانه هئي پر جيءُ جهوريندڙ هڪ صدمو هو. خبر سان گڏ ريڊيو تي ان وقت پير صاحب جو آواز به فضا ۾ گونجيو. سندس ڪنهن انٽرويوءَ جو ٽڪرو هو جنهن ۾ سوال ڪندڙ جڏهن ڪانئس سوال ڪيو ته:

”جيڪڏهن توهان جي دل ۾ اهو خيال اچي ته آءٌ فقط اچوڪو ڏينهن هيءَ گهڙي جيئرو آهيان، سڀاڻي آءٌ ڪونه هوندس، ته اهڙي آخري موقعي تي توهان ڇا چوندؤ سنڌ جي ماڻهن کي.“

جواب ۾ پير صاحب جو فضا ۾ گونجندڙ آواز اڄ به ڇڻ منهنجي ڪنن ۾ ٻُري رهيو آهي. ”سنڌ! سنڌ! تاريخ! تاريخ! سنڌ جي نوجوانن تي سڄي مستقبل جو مدار آهي. جيڪڏهن گهرن ته سنڌ سنڌ رهي ۽ سنڌي سنڌي رهن، ته ان جو سنڌ جي نوجوانن تي مدار آهي، ان لاءِ سوچڻ گهرجي، ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ تيار رهڻ کپي، نوجوان سنڌ لاءِ وڏي شيءِ آهن، سڄو مستقبل ئي انهن جو آهي، ڪين ئي ڪم ڪرڻو آهي“.

آءٌ پنهنجو پاڻ کي انهن چند خوش نصيب نوجوانن مان تصور ڪريان ٿو جن کي پير صاحب جهڙي محب وطن تاريخدان جو ديدار نصيب ٿيو. جيتوڻيڪ سائين جي-ايم-سيد ۽ راشدي صاحب جهڙين قداور شخصيتن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي حيثيت محض تعجب خيز اکين سان، عقيدت ۾ وينل شريڪ محفل واري هوندي هئي پر ان ڳالهه جو ايترو اثر ضرور ٿيو جو سنڌ سمجهه ۾ اچڻ لڳي ۽ ان ۾ واڌارو سيد صاحب ۽ پير صاحب جي ڪتابن ڪيو. اهڙي ريت پير صاحب جي لکيل ڪتابن پڙهڻ ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ سنڌ کي

سمجهڻ وارو شعور وڌڻ لڳو. اها پير حسام الدين راشدي سان ابتدائي شناسائي هئي، جيڪا اڳتي هلي پير صاحب جي حوالي سان، هڪ سنڌ شناس عالم محبِ وطن محقق واري حيثيت ۾ وڌيڪ پُر اثر ٿيندي وئي.

پير صاحب جي وفات واري سال تائين اها ايتري تہ پُر اثر ٿي چڪي ء جو خبر ٻڌڻ بعد ڪيتري دير تائين ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو هوس. اهو پير صاحب پاران سنڌ جي تاريخ کي قديم فارسي دفترن مان ڪڍي نئون موڙ ڏئي، سنڌ ۽ سنڌين کي سمجهڻ وارن ڏنل سبقن جو اثر هو، جن من ۾ ملاڪڙ مچائي ڇڏيو هو.

وچ ايشيا ۾ عربي زبان کان پوءِ فارسي زبان اٺ سؤ ورهين تائين علم جو وڏو ڪارگر ذريعو پئي رهي آهي. جنهن کي وڏن وڏن حڪمرانن جي سرپرستي پڻ حاصل هئي. فارسيءَ جي اهڙي علمي ۽ سگهاري علمي حيثيت سبب هر قسم جي لک پڙهہ جو ذريعو رڳو حاڪمن واري زبان فارسي ئي هئي. ان ڪري سنڌ بابت جيڪي بہ تاريخون لکيون ويون آهن: بقول پير صاحب جي تہ سنڌ جي فاتحن جي ثنا ۽ ساراهہ ۾ لکيون ويون آهن ۽ انهن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي نيچ ۽ ڪم ذات ڪوٺيو ويو آهي. انهيءَ گناهہ ۾ غير سنڌي ۽ سنڌ جا مؤرخ ٻئي شامل هئا. ”ڳالهيون منهنجي سنڌ جون“ (ساڳيو ڪتاب، ص 176)

ابتدا کان اهو شروع ٿيل سلسلو ويهين صديءَ جي آخر تائين هلندو پئي رهيو. ان جي ئي اثر هيٺ انگريزن جي آمد ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري درجي ملڻ کان پوءِ بہ، اڳ رائج فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل تاريخي ڪتابن جي سهاري سان ”تاريخ جا جيڪي ڪتاب لکيا ويا تہ، سنڌي مؤرخن ساڳي پراڻي غلطي ڪري فارسي تاريخن جي نقالي ڪئي ۽ سنڌ جي فاتحن کي ”ظل الله“ جي خطاب سان سڏيو“ (ساڳيو ڪتاب، ص 176)

پير حسام الدين راشدي ويهين صديءَ واري سنڌ جي ستارن ڀري آسمان جو هڪ اهڙو روح روان ستارو هو، جنهن نہ رڳو علم و ادب ۽ تاريخ ۾ واهڙ وهائي ڇڏيا پر سنڌن وڏو ڪارنامو. فارسي ٻوليءَ ۾ بيان ٿيل سنڌ جي تاريخ کي نئون موڙ ڏيڻ آهي.

سنڌ جي تاريخ جيڪا ڌارين لکي يا ڌارين لاءِ لکي وئي، جنهن ۾ هر خرابيءَ جو ڪارڻ مقامي ماڻهن (سنڌين) کي سمجهيو ۽ ظاهر ڪيو پئي ويو ۽

هر فاتح کي "ظل الله" سڏيو پئي ويو. اهڙي ماحول ۾ پير صاحب فارسيءَ ۾ پنهنجن ۽ پراون جي پيش ڪيل تاريخن ۽ تذڪرن کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لئبريرين ۾ رکيل قديم کان قديم تاريخن ۽ تذڪرن کي ڪڍڻ کان پاهر ي، انهن جي ورق گرداني ڪري، انهن ۾ موجود سنڌ ۽ سنڌين جي تاريخي قعن بابت مختلف اشارن ۽ اهڃاڻن جي روشنيءَ ۾ حقيقي تاريخ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پنهنجي اهڙي عرق ريزيءَ واري پورهئي جو ذڪر ڪندي پير صاحب لکيو آهي:

"منهنجي پنهنجي خدمت اها آهي ته مون سنڌ جي تاريخ جي سمورن مجرمن، سياهه ڪارن، باغين ۽ خونين کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هنن سنڌ ۽ اهل سنڌ جي مٿان جيڪو ظلم ڪيو ۽ تشدد ڪيو، تنهن کي پنهنجن تصنيفن ۾ آشڪار ڪيو اٿم. ان لحاظ کان مون سنڌ ۾ تاريخ نويسيءَ کي نئون موڙ ڏنو آهي، جنهن تي مون کي بجاءِ طور فخر ۽ خوشي آهي." (ص 176)

سنڌ ۽ سنڌين جي اصل مان ۽ مرتبي کان دنيا وارن کي روشناس ڪرائڻ واري پير صاحب جي اها محبت سان ڪيل محنت ئي آهي، جنهن ڪري سنڌ پنهنجي سڃاڻپ واري شڪل ۽ صورت، مان ۽ شان واري مرتبي سان يورپ، وچ ايشيا، وچ اوڀر، روس توڙي آمريڪا تائين گهڻ ۾ گهڻ علمي حد تائين گهربل مقام ماڻي چڪي آهي.

پير صاحب جنهن جي مادري زبان سنڌي هئي. فارسي به اڻ پوري طور مڪتب جي حد تائين پڙهيو، پر سنڌ ۽ تاريخ سان دلي لڳاءَ سبب فارسي ٻولي جيڪا سنڌ جي تاريخ واري مطالعي جي اڄ به وڏي ضرورت آهي، ان کي سمجهڻ لاءِ ايڏي ته دل جمعي ۽ شوق سان محنت ڪري ان تي عبور حاصل ڪري ورتائين جو دنيا جي چند اهم فارسي دان عالمن مان شمار ٿيڻ لڳو. ايتري قدر جو فارسيءَ جي خدمتن جي طور جڏهن شهنشاهه ايران دنيا جي چونڊ اٺن اسڪالرن کي اعليٰ ترين اعزاز سان نوازڻ جو اعلان ڪيو، ته انهن عالمن مان اسان جي سنڌ جو هيءُ عظيم اسڪالر به هڪ هو.

حقيقت اها آهي ته پير صاحب جيڪو علمي پورهيو ڪيو، ان جي پنيان سنڌ جي تاريخ، تذڪره نويسي ۽ ان جي علمي عظمت کي اجاگر ڪرڻ

وارو جذبو ڪار فرما هو. پاڻ سنڌ جي ذري ذري کي ان جي اصل عظمت واري بلند مقام سان نروار ڪرڻ لاءِ سڄي زندگي جاکوڙيندو رهيو. پلي بظاهر عنوان کهڙو بہ هجي پر ان منجهان پنهنجي روشن خيال، اعليٰ فڪر ۽ سنڌ جي محبت سان ڪيل تاريخدانيءَ واري پورهئي سبب، پاڻ سنڌ ۽ سنڌين . عظمت واريون ڏيائيون بلند ڪندي نظر اچي ٿو.

تاريخ رڳو قصن ۽ ڪهاڻين جو نالو ڪونهي، پر اها وقت جي ويرن ۽ لهرن ظاهر ڪرڻ ۽ ان ۾ ڪنهن بلند مقام فرد (ڪن حالتن ۾) يا قومن جي نشيب و فراز جي اظهار ۽ اجاگر ڪرڻ جو نالو بہ آهي جيڪا قومن جي قليم اهڃاڻن ۽ آثارن کي نکيري نروار ڪرڻ ۽ ان جي بنيادي قومي تعمير نو طرف قلم وڏائڻ جو هڪ ڪارگر هٿيار آهي، جنهن جي مطالعي سان قومن جي روشن ماضيءَ کي ڏسي، پرکي پروڙي ان کي، حال جي سنوارڻ لاءِ ڪتب آڻي، روشن مستقبل لاءِ راهون هموار ڪري سگهجن ٿيون. پير صاحب سڄي زندگي اهوئي ڪم ڪندو رهيو.

پير صاحب اهڙي تاريخي مواد جي اشاعت لاءِ ڪيترا ئي ادارا تشڪيل ڏنا، جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ مختلف جاين تي ملي ٿو. اهڙن ئي ادارن مان سندن ئي ڪوششن سان جوڙايل ادارو ”انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي يونيورسٽي“ بہ هو. جنهن جو پير صاحب ابتدا ۾ ڪارڪن ۽ پوءِ صدر پڻ ٿيو. ان اداري سنڌ، بر صغير ۽ سينٽرل ايشيا جي تاريخ ۽ تذڪرن جي حوالي سان ڪيئي مستند ۽ ناياب نسخا اشاعت هيٺ آندا. ان اداري پير صاحب جي وفات کان پوءِ سندس هڪ معتقد ۽ دوست ڊاڪٽر رياض الاسلام صاحب، سيد صباح الدين عبدالرحمان ناظم دارالمصنفين اعظم ڳڙهہ کي پاڻ وٽ گهرايو جنهن پير صاحب جي ڪراچيءَ وارن دوستن جي هڪ ميڙاڪي ۾ پير صاحب جي شخصيت ۽ سندس علمي ڪارنامن بابت هڪ طويل ليڪچر ڏنو. ان ليڪچر کي ساڳئي اداري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو.

سيد صباح الدين واري ان ليڪچر کي محترم ’امام راشدي‘، کان ترجمو ڪرائي ٽہ ماهي مهراڻ پير حسام الدين راشدي نمبر 2 (1997ع) واري پرچي ۾ شايع ڪيو ويو. ان کان اڳ 1983ع ۾ مهراڻ طرفان شايع ڪرايل حسام الدين راشدي نمبر 1 لاءِ پڻ مولانا صاحب هڪ يادگار مضمون لکي موڪليو هو، جيڪو محترم مراد علي مرزا سنڌي ۾ ترجمو ڪيو هو.

پير صاحب جي صد سالہ يوم پيدائش وارن پروگرامن جي هن شروعاتي مرحلي ۾ ابتدائي طور تي شايع ٿيندڙ هيءُ ڪتاب مولانا سيد صباح الدين طرفان لکيل متي ذڪر ڪيل مواد جو مجموعو آهي، جنهن کي ي ڪتابي شڪل ڏني، واڌار ۽ سڌارا ڪري جامع طور شايع ڪرڻ جي شش ڪئي وئي آهي. مولانا صباح الدين سنڌي ٻولي کان اڻ واقف هئڻ جو بار بار ذڪر ڪيو آهي. ان ڪري ئي پاڻ پير صاحب جي ڪيترن سنڌي ڪتابن ۽ ٻئي مواد بابت معلومات ڏيڻ کان قاصر رهيو.

هن ڪتاب ۾ اسان واڌارن طور ان ڪٽل ڪم جي پورائي ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. آخر ۾ اهڙي مواد جي نشاندهي ڪئي وئي آهي جيڪو اڻ پوري / اڌوري حالت ۾ رهيو پيو آهي جنهن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ محنت جي ضرورت آهي.

هن مواد جو ترجمي واري حوالي سان اهڙو حال هو، جو ان کي سڌارڻ، سنوارڻ ۽ مڪمل ڪرڻ لاءِ بي انداز محنت ڪرڻي پئي آهي. ان ڪم دوران ڪنهن مهل خيال آيو پئي تہ اهڙي ڪم ڪرڻ بجاءِ، پاڻ بہ ڪن لاٽار ڪري ڪم ٽپائڻ وارو طريقي ڪار اختيار ڪندي، ڪم ڪڍي وڃجي. پر اهو چاهيندي بہ نہ ڪري سگهيس. ڇاڪاڻ تہ جڏهن جڏهن بيزاريءَ واري لهر آئي پئي تڏهن تڏهن پير صاحب جو پر نور چهرو اکين اڳيان اچي ٿي بيٺو، ڇي:

”علم جي تلاش ۾ تن آساني، سهل پسندي، ڪوتاهہ قلمي، ڪن لاٽار، فرار ۽ چشم پوشي اختيار ڪرڻ، علم سان سراسر بي انصافي ۽ زيادتي آهي.“

پير صاحب جي اهڙن نصيحت ڀرين سبق آموز جملن مون ۾ هر ڀيري اها همٿ پيدا پئي ڪرائي تہ آءٌ هٿ ۾ ڪنيل ڪم کي، ان جي معيار موجب مڪمل ڪريان. ان ڪري مون هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي تہ هن ڪتاب کي مواد ۽ زيب و زينت واري حوالي سان محبوب ترين ڪتاب ڪري پيش ڪجي. ”ڇاڪاڻ تہ سچي زندگي“ سنڌ سنڌ ۽ تاريخ تاريخ، لاءِ جاکوڙيندڙ پير حسام الدين راشدي اسان سڀني لاءِ محبوب ترين شخصيت هئا. ان جو يادگار بہ اهڙو ئي محبوب هئڻ گهرجي.

مولانا صباح الدين صاحب جي پير صاحب سان محبت پنهنجي جاءِ تي قابلِ قدر صحيح، پر پوءِ بہ مون رات ڏينهن هڪ ڪري پنهنجي هن محبوب شخصيت واري هن مطالعي کي هر حوالي سان جامع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اميد تہ هن ناچيز جو هيءُ مختصر پورهيو پير صاحب جي عاشقن پسند ايندو ۽ پير صاحب لاءِ ڪم ڪندڙن جي ايندڙ دور ۾ بہ رهنمائي ڪندو رهندو.

زنده قومون پنهنجي محسنن کي ڪڏهن بہ نہ وساريندڙيون آهن، سندن ياد تازي رکڻ لاءِ، انهن جا يادگار ڏينهن ملهائي، ايندڙ نسل ۾ نت نئون جذبو ۽ اُتساهہ پيدا ڪرائينديون آهن. ان اهميت جي مدِنظر سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو هيءُ قدم قابلِ تعريف آهي، جن ان ڳالهہ جي اهميت کي نظر ۾ رکندي، سنڌ، تاريخ ۽ سنڌي ادبي بورڊ لاءِ جاکوڙيندڙ جڳ مشهور عالم پير حسام الدين راشدي جي جنم ڏينهن واري حوالي سان هن سال ۾ صد سالہ پروگرام ڪرڻ جو اعلان ڪيو، جن جي شروعات 1- اپريل 2011ع کان ٿيندي، ۽ پڄاڻي 1- آڪٽوبر 2011ع تي متوقع عالمي ڪانفرنس ڪرڻ سان ڪئي ويندي.


مخدوم صاحب جن جي رٿيل پروگرام موجب وچ واري عرصي ۾ پير صاحب جا ۽ پير صاحب بابت لکيل مختلف سنڌي، اردو ۽ فارسي ڪتاب شايع ڪيا ويندا ۽ سيمينار منعقد ڪرايا ويندا. اُميد تہ ذڪر ڪيل پروگرام سندن خاص توجهہ ۽ سعي سان وقت سر مڪمل ٿي ويندا. آءٌ سندن ٿورائتو آهيان، جو پاڻ مون کي سنڌ جي هن سدا بهار عالم بابت ٿيندڙ ڪم ڪار لاءِ منتخب ڪيائون.

شڪرگذار آهيان بورڊ جي سيڪريٽري پروفيسر سيد زوار حسين شاهہ نقويءَ جو جنهن خاص دلچسپي ورتي، ۽ بورڊ جي ٻين واسطيدار ڪارڪنن دلي تعاون ڪيو. مهربان دوست ڊاڪٽر غلام محمد لاکو منهنجي شڪريي جو حقدار آهي. جنهن جي مشورن ۽ مدد سان هيءُ ڪم مڪمل ٿي سگهيو آهي.

طالب العلم
آزاد قاضي
سيڪريٽري
پير حسام الدين راشدي صد سالہ يوم پيدائش ڪميٽي

# پير حسام الدين راشدي

## (سوانح ۽ علمي ڪارناما)



سنڌي ادبي بورڊ جي سڏ تي 8- ڊسمبر 1983ع تي حيدرآباد ۾، سيد صباح الدين عبدالرحمان، پير حسام الدين راشديءَ جي علمي خدمتن بابت ليڪچر ڏيئي رهيو آهي. ساڻس گڏ ڊاڪٽر ايس.ايم.قريشي، وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي، ڊاڪٽر فرمان فتح پوري، جناب غلام رباني آگرو، ڊاڪٽر امجد بيگ،
ڊاڪٽر نجم الاسلام، پير امجد حسين شاهه جيلاني ۽ نفيس احمد شيخ خراج عقيدت پيش ڪري رهيا آهن.

# پيش لفظ

هي مقالو محب جناب پير حسام الدين راشدي مرحوم بابت توسيعي ليڪچر جي سلسلي ۾ 7 ڊسمبر 1983ع تي انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز جي انتظام هيٺ، اردو لغت بورڊ جي نئين عمارت ۾ پڙهيو ويو. ان جلسي جي صدارت جناب حڪيم محمد سعيد صدر همدرد نيشنل فائونڊيشن ڪئي، جيڪو ان توسيعي ليڪچر واري بورڊ جو به صدر آهي. مهمان خصوصي جناب جميل جالبي صاحب وائيس چانسلر ڪراچي يونيورسٽي هو. انتظام ڪندڙ جناب رياض الاسلام صاحب هو، جيڪو ان انسٽيٽيوٽ جو سيڪريٽري به آهي ۽ هن وقت آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ قائداعظم چيئر جو وزيٽنگ پروفيسر آهي ۽ پنهنجي تصنيفن سبب علمي دنيا ۾ ممتاز حيثيت حاصل ڪري ورتي اٿس. ان انتظام ۾ ڊاڪٽر ابوالليث صديقي پڻ شامل هو، جيڪو اردو لغت بورڊ جو مدير اعليٰ آهي ۽ هن وقت اردو لغت جا ڇهه جلد ترتيب ڏيئي نه رڳو پاڪستان پر ان کان ٻاهر به وڏي شهرت ماڻي اٿس. هو ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اردو شعبي جي مايه ناز استادن مان آهي. انهن سڀني علم دوست شخصن کي جناب پير حسام الدين راشدي صاحب سان وڏي عقيدت هئي، انڪري انهن جلسي کي ڪامياب ڪرڻ ۾ ڏاڍي دلچسپي ورتي. اهو علم دوستن جو ڏاڍو سنو ميڙاڪو هو. جڏهن هن خاڪسار پنهنجو مقالو ختم ڪيو، تڏهن خبر پيئي ته، ان جي پڙهڻ ۾ پوڻا ٻه ڪلاڪ لڳا، ان تي سامعين جو شڪر گذار ٿيس، جو انهن اهو غور، سڪون ۽ دلچسپيءَ سان ٻڌو.

راقم جناب پير صاحب مرحومؒ جي ڀائٽي جناب حسين شاهه راشدي ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي ڊائريڪٽر جناب غلام رباني*، جناب مشفق خواجه ۽ ڊاڪٽر ابوالليث صديقي جو شڪر گذار آهي، جو انهن پير صاحب مرحوم جون ڪجهه تصنيفون بروقت ڏيئي، هن مقالي جي تياريءَ ۾ مدد ڪئي، پوءِ به مرحوم جون ڪي تصنيفون ۽ تحريرون ضرور منهنجي پهچ کان پري رهيون هونديون، جنهن جو افسوس آهي، ڇاڪاڻ ته هر طرح جي ڪوشش جي باوجود اهي ملي نه سگهيون.[1]

---

* غلام رباني صاحب ان وقت سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو. *(آزاد قاضي)*

[1] اهڙي مواد جو تفصيل هن ڪتاب جي آخر ۾ شامل ڪيو ويو آهي. *(آزاد قاضي)*

ڪراچيءَ ۾ اهو مقالو پڙهڻ ڪان پوءِ 29 ڊسمبر 1983ع تي سنڌي ادبي بورڊ پاران مان حيدرآباد گهرايو ويس، جتي پاڪستان نيشنل سينٽر ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ايس.ايم. قريشيءَ جي صدارت هيٺ هڪ بنهه چونڊ معززن جي ميڙاڪي ۾ پير صاحب مرحوم بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ ڪان پوءِ، هن مقالي جو اهو حصو پڙهيم، جنهن جو ڪراچيءَ واري جلسي ڪان پوءِ، ان ۾ واڌارو ڪرڻ جو موقعو مليو هو.

هي مقالو ڪجهه دير سان شايع ڪيو پيو وڃي. ان دير ۾ منهنجي ڪوتاهيءَ جو عمل دخل آهي. ڪراچيءَ مان اهو اعظم ڳڙهه گڏ ڪٽي آيس، تہ جيئن ان ۾ ڪجهه وڌيڪ مفيد واڌارا ڪري سگهجن. اهو ٽپال رستي موڪلڻ ۾ بہ دير ٿي، اهو سوچي تہ متان اهو نہ پهچي ۽ ائين سڄي محنت ضايع ٿي ويندي. آخرڪار اهو جناب ڊاڪٽر رياض الاسلام ڏانهن آڪسفورڊ موڪليو ويو تہ هو ان کي ڊاڪٽر ابوالليث صديقي ڏانهن موڪلي ڏئي، جنهن جي نگرانيءَ ۾ هي ڇپيو آهي

آخر ۾ اها گذارش تہ پير صاحب مرحوم جي علمي ڪارنامن جو مڪمل جائزو هن ڪتاب ۾ نہ ٿي سگهيو آهي. هن ۾ جا گهٽتائي رهجي ويئي آهي، اميد آهي تہ اڳتي ڪنهن علم دوست وسيلي پوري ٿيندي، تہ احقر ان حوالي سان شڪر گذار رهندو.

هن مقالي ۾ جناب سيد حسام الدين راشدي صاحب جو ذڪر ڪرڻ وقت لفظ 'پير صاحب' استعمال ڪيو ويو آهي، اهو انڪري جو سندس نجي صحبت ۾ بہ ڪيس اهڙي نموني مخاطب ٿيڻ ۾ خوشي ٿيندي هئي.

30 آگسٽ 1984ع

**سيد صباح الدين عبدالرحمان**
سيڪريٽري دارالمصنفين
شبلي اڪيڊمي
اعظم ڳڙهه
يو.پي. انڊيا

مان توهان دوستن جو شڪرگذار آهيان، جو اوهان مون کي هن انسٽيٽيوٽ ۾ سڏائي، هيءَ تحرير پڙهڻ جو موقعو ڏنو آهي. ان سان گڏوگڏ غمزده آهيان جو مون لاءِ ڪراچي، جنهن هستيءَ جي حوالي سان هميشہ خوشگوار بڻيل هئي، ان جي ڏکوئيندڙ ياد ۾ هيءَ تحرير پڙهي رهيو آهيان.

آءٌ 1955ع کان مسلسل ڪراچي ايندو رهيو آهيان، جڏهن جڏهن بہ آيس تہ پير حسام الدين راشدي صاحب جي قربن ۽ مهربانين جي دولت سان مالا مال رهيس . هُن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هو تہ ائين محسوس ٿيندو هو، چڻ محبت ۽ شفقت واري جنت ۾ پهچي ويو آهيان. ڪيس سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ منهنجي خاطرداري ڪهڙين ڳالهين يا شين سان ڪري. مون لاءِ ڪراچيءَ جي علم ۽ فن جي سيلانين کي پنهنجي ڪمري ۾ گڏ ڪندو هو. مون کي انهن سان گڏ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ پنهنجي عملي گفتي ۽ مٺين ڳالهين سان محفل کي ٻهڪائي ڇڏيندو هو، وٽس حاضر ٿيڻ ۾ ڪجهہ ڏينهن جي وٿي پوندي هئي تہ پاڻ منهنجي رهائش تي پهچي ويندو هو يا پنهنجي موٽر موڪلي گهرائي وٺندو هو. هُن جي خاموش ۽ پُرسڪون لکڻ پڙهڻ واري ڪمري ۾ ويهي اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهيون ڪندا هئاسين. ڪوبہ اهڙو موضوع نہ هوندو هو، جيڪو هن گهر ۾ (ڪچهرين دوران) نہ ڇڙيو هجي. مذهب، تصوف، ملفوظات، خواجگان چشت ۽ اسلامي تاريخ جي مختلف پهلوئن تي گفتگو ٿيندي رهندي هئي. هُو علامہ شبلي نعماني رحہ، مولانا سيد سليمان ندوي رحہ ۽ دارالمصنفين جي ڪتابن کان بيحد متاثر هو. چوندو هو، ”خدا جو قسم تہ مون جو ڪجهہ بہ لکڻ پڙهڻ سکيو آهي، اهو دارالمصنفين مان سکيو آهي.“ سندس وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي صاحب چوندو هو، ”هُو تہ دارالمصنفين جو نالو ٻڌڻ سان ئي ديوانو ٿي ويندو آهي. هُو بہ ان جي ڪتابن واري انداز (Pattern) ۾ لکندو آهي“. پير صاحب بار بار چوندو هو تہ، ”هن 1947ع کان پوءِ دارالمصنفين کي

ڪراچيءَ منتقل ڪرڻ جي خيال کان، ان لاءِ زمين به ورتي هئي. پر پوءِ خيال آيس ته ان کي اتي ئي رهڻ کپي جتي آهي، نه ته ان جا سچا خدمتگار هتي اچي گاڏين ۽ بنگلن جي چڪر ۾ پنهنجي ڪم ۽ مقصد کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا.“

جڏهن پاڪستان جي ناشرن دارالمصنفين اعظم ڳڙهه جي ڪتابن کي ڇپائي ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ شروع ڪيا ته، پير صاحب کي ڏاڍو ڏک ٿيو. اخبارن ۾ ان حرڪت جي خلاف زبردست مهم هلايائين. پاڪستان حڪومت اڳيان به احتجاج ڪيائين، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو وزارت تعليم، نيشنل بڪ فائونڊيشن جي لاءِ، دارالمصنفين کان لڪائي ۽ ڇپائيءَ وارا حق خريد ڪيا ۽ دارالمصنفين کي چڱي خاصي رقم پڻ ڏني، جنهن سان ان جي نقصان جو ڪنهن حد تائين پورائو ٿي سگهيو. ان لاءِ به پير صاحب جو تمام گهڻو شڪرگذار آهيان.[1] هُن جي مهربانن ۽ احسانن جي اثر هيٺ جڏهن هيءَ تحرير لکڻ وينس ته شڪرگذاريءَ وارو ڪعبو منهنجي سامهون ۽ قلم جو ڪليسا منهنجي پويان هو.

پير صاحب سان پنجويهن سالن واري ميل ملاقات دوران ڪيس چڱيءَ طرح ڄاتم ۽ سُڃاتم. هڪ شفيق دوست ۽ ساٿيءَ کان علاوه هُن کي تمام وڏي علم دوست ۽ بلند پايي واري اهل قلم جي حيثيت سان به ڏٺم. علمي ۽ ادبي دوستن ۾ وهندي شايد هُن جي عمر به وڌندي رهي. جناب ممتاز حسن مرحوم سابق فنانس سيڪريٽري حڪومت پاڪستان سان گڏ خبر ناهي ڪيترا حسين صبح ۽ ڪيتريون مهڪندڙ شامون گذريون هونديون. سندس گهر ۾ جناب بشير احمد ڊار، پروفيسر شيخ عبدالرشيد، ڊاڪٽر رياض الاسلام، ڊاڪٽر ابوالليث صديقي، ڊاڪٽر جميل جالبي، مَشفق خواجه، ڊاڪٽر ابوالخير ڪشفي، پروفيسر شريف المجاهد ۽ ڊاڪٽر ايوب قادري صاحب گڏٿيندا هئا ته، سندس دولت خانو صحيح معنيٰ ۾ هُن لاءِ ’مسرت جو آشيانو‘ بڻجي ويندو هو. هُن جي لکڻ پڙهڻ واري پُرسُڪون ڪمري ۾ ويهي سندس ڪتاب ۽ مضمون ڏسندي ڪيس چوندو هيس ته، ”توهان الله دين جو چراغ ته هٿ نه ڪيو آهي، جنهن

[1] ان سلسلي ۾ پير صاحب طرفان ڪيل ڪوشش جو تفصيل مولانا صباح الدين هڪ ٻئي مضمون ۾ لکيو هو، جيڪو به هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي. آزاد قاضي

جي وسيلي ڪنهن ’جن‘ کي پاڻ وٽ گهرايو تا ۽ هُو توهان لاءِ اهو سڀ ڪجهه لکي ٿو ڇڏي، جيڪو توهان چاهيو ٿا“.

هُن جيڪي ڪتاب ايڊٽ ڪيا يا لکيا، انهن جي فهرست جيڪا مون کي معلوم آهي، اها سا ل وار هيٺ آهي.

1. مولانا محب علي سنڌي- 1942ع. سنڌي ٻوليءَ ۾.*
2. سنڌي ادب — 1950ع سنڌي ٻوليءَ ۾. ♦
3. مهراڻ جون موجون — 1955ع سنڌي ٻوليءَ ۾.
4. مثنوي چنيسر نامه: از: ادراڪي بيگلار — 1956ع. پيش لفظ سنڌيءَ ۾.
5. مثنوي مظهر الاثار — شاهه جهانگير ڪرماني 1957ع فارسي ٻوليءَ ۾.
6. مقالات الشعراء از مير علي شير قانع ٺٽوي— 1957ع. مقدمہ و تعليقات فارسي ٻوليءَ ۾.
7. تڪملة مقالات الشعراء 1958ع. مقدمه و تعليقات فارسي ٻوليءَ ۾.
8. مثنويات و قصائد قانع— از مير علي شير قانع ٺٽوي-1961ع. تعارف سنڌي ٻوليءَ ۾.
9. تذڪره امير خاني — 1961ع. سنڌي ٻوليءَ ۾.
10. تاريخ مظهر شاهجهاني از يوسف ميرڪ— 1962ع. مقدمه و تعليقات اردو ۾.
11. مثنويات هشت بهشت از عطا ٺٽوي 1963ع. تعارف سنڌي ٻوليءَ ۾.
12. منشورالوصيت از ميان نور محمد ڪلهوڙو-1964ع. مقدمه سنڌيءَ ۾.
13. ترخان نامه از مير محمد ٺٽوي — 1964ع، پيش گفتار تعليقات فارسي ٻوليءَ ۾.
14. مڪلي نامه — 1967ع. تعليقات سنڌي زبان ۾.
15. تذڪره حديقة الاولياء — عبدالقادر ٺٽوي 1967ع. مقدمہ سنڌي زبان ۾.
16. تذڪراي شعراءِ ڪشمير از محمد اصلح— 1967ع. گذارش اردو زبان ۾.

---

* پير صاحب جو اهو سنڌي مشاهيرن بابت رٿيل هڪ ڪتاب جو مضمون آهي، مختلف سببن ڪري اهو رٿيل ڪتاب ڪو نہ جڙي سگهيو. هاڻ اهو پير صاحب جي ڪتاب ”ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون“ ۾ شامل آهي. **(آزاد قاضي)**

♦ اهو ڪتاب پير صاحب اردوءِ ۾ 1952ع ۾ لکيو هو. جنهن جو 1981ع ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي سنڌي ترجمو شايع ڪرايو. **(آزاد قاضي)**

17. تذڪراي شعراءِ ڪشمير حصو پهريون– 1967ع. تعليقات و حواشي فارسي زمان ۾.
18. تذڪره شعراء ڪشمير حصو ٻيو– 1967ع. تعليقات و حواشي فارسي زمان ۾.
19. تذڪرائِ شعراءِ ڪشمير حصو ٽيون– 1967ع. تعليقات و حواشي فارسي زمان ۾.
20. تذڪره روضة السلاطين – فخري هروي – 1968ع. حرف آغاز تعليقات اردو زبان ۾.
21. تذڪره جواهرالعجائب از فخري هروي – 1968ع، تعليقات و حواشي اردو زبان ۾.
22. ديوان فخري هروي – 1968ع، تعليقات و حواشي، اردو زبان ۾.
23. تذڪراي شعراءِ ڪشمير حصو چوٿون – 1969ع. تعليقات و حواشي فارسي زبان ۾.
24. دود چراغ محفل – 1969ع اردو زبان ۾.
25. مرزا غازي خان ترخان اوراس ڪي بزم ادب 1970ع اردو زبان ۾.
26. مير محمد معصوم بکري – 1979ع. سنڌي زبان ۾.

هي تہ اهي ڪتاب آهن جن بابت مون کي ڄاڻ آهي، باقي خبرناهي تہ ٻيا ڪيترا ڪتاب آهن[1] ۽ ڪيترا مسودا ڇڏي ويو آهي.[2] خدا ٿو ڄاڻي تہ ڪيترن رسالن ۽ اخبارن جو ايڊيٽر رهيو. 1930ع ۾ سکر مان هڪ رسالو ’المنار‘ نڪتو تہ ان جو ايڊيٽر ٿيو. 1930ع کان 1934ع تائين ’سنڌ زميندار‘ (اخبار) جو ايڊيٽر رهيو. ’ستاره سنڌ‘ (اخبار) 1934-37ع، ’الوحيد‘ (اخبار) ڪراچي 1940-42ع، ’قرباني‘ (اخبار) 1945-47ع، سندس ئي ادارت هيٺ شايع ٿيون. تہ ماهي رسالن ۾ ’مهراڻ‘ (ڪراچي)، ’اردو‘

• نمبر 20-21-22 وارا ڪتاب پير صاحب هڪ ئي جلد ۾ ’تذڪرة روضة السلاطين و جواهر العجائب‘ عنوان سان تيار ڪيا. اهو ڪتاب ”سنڌي ادبي بورڊ“ شايع ڪيو. **(آزاد قاضي)**

[1] پير صاحب جا جيڪي ڪتاب مولانا صاحب کان رهجي ويا آهن، انهن بابت معلومات آخر ۾ ڏني ويئي آهي. **(آزاد قاضي)**

[2] پير صاحب جي اڻڇپيل مسودن بابت هن ڪتاب جي آخر ۾ ڄاڻ ڏني ويئي آهي. **(آزاد قاضي)**

(ڪراچي) ۽ ’پارس‘ (ڪراچي) جو بہ ايڊيٽر رهيو، طهران مان هڪ رسالو 1967ع ۾ ’ايران شناسي‘ نڪرندو هو، ان جو بہ ايڊيٽر رهيو.

ڪيس ٽنهي ٻولين تي وڏو عبور حاصل هو. هُن سنڌي، اردو ۽ فارسي ٽنهي ٻولين ۾ ڪتاب ايڊٽ ڪيا ۽ لکيا. سنڌي ٻوليءَ تي سنڌس مهارت مان لطف تہ ان ٻوليءَ جا ڄاڻو ئي حاصل ڪري سگهن ٿا. پر اردو بہ ائين ڳالهائيندو هو جو سنڌس گفتگو ۾ اهائي روزمره واري رواني ۽ بي تڪلفي هوندي هئي، جيڪا ڪنهن اهلِ زبان ۾ هوندي آهي. اردو لکندو هو تہ ان جو اسلوب ۽ اندازِ بيان ۾ ’شبلي اسڪول‘ واري جهَلڪ ڏسبي هئي، ۽ ڪڏهن هُن جي اردو تحريرن ۾، هُن جي پنهنجي (مخصوص) رنگ جي حسين آميزش بہ نظر ايندي هئي، ان جو هڪ نمونو هي آهي.

”ڪراچيءَ ۾ هونءَ تہ ڊسمبر جون شامون ايتريون ٿڌيون نہ ٿيون ٿين جو هڪ چڱو ڀلو ماڻهو بہ ويڙهجي سيڙهجي ڳنڍ ٿي پوي، پر اتفاق سان ان ڏينهن واري شام ڏاڍي سرد هئي، جڏهن آءٌ پيراڊائز سئنيما جي سامهون هڪ مئخاني جي مٿينءَ منزل تي وينو هوس. خشڪ، سرد ۽ انسان جي ڪل ادِيڙيندڙ بلوچستان جون تيز هوائون، نهايت ٿڌيون ڏاڍي زور سان سوساٽ ڪنديون، بند ٿيل درن ۽ درين کي ڌوڏي رهيون هيون. بينڪ ۾ هڪ پاسي منهنجي ڪتاب ’تذڪره امير خاني‘ جو مسودو پيل هو. ان جي پرسان ملائڪ جَهڙو جهونو عالم، جنهن جي مٿي جا ٿورڙا وار ۽ گهاٽا پرون برف جهڙا اڇا ٿي چُڪا هئا، هڪ قلمي ڪتاب پنهنجن هٿن ۾ جهليو وينو هو. هي پوڙهو عالم جنهن جي معصوم ۽ سڀاجهڙي چهري تي خانداني شرافت ۽ علمي فضيلت جا آثار چٽيءَ طرح نمايان هئا، مرحوم ڊاڪٽر محمد ناظم هو، جنهن گرديزي جي تصنيف ’زين الاخبار‘ کي سڀ کان اڳ شايع ڪيو ۽ محمود غزنويءَ جي زندگي بابت انگريزيءَ ۾ پهريون مستند ۽ تحقيقي ڪتاب لکيو-“ (مقدمو. تاريخ مظهر شاهجهاني ص 2-)

ڪجهہ پير صاحب جي ننڍن ننڍن جملن جي برجستن ۽ باربط سٽن کان بہ لطف اندوز ٿيو:

”مون کي ڪڏهن به اهو خيال نه آيو ته هي تذڪرو (تذڪراي شعراءِ ڪشمير) ڇپجي سگهندو. ڪشمير منهنجو موضوع نه هيو. نوس موضوعات ۽ علمي تحقيق جي سلسلي ۾ هوندئن به هتي حالتون ڏکيونِ ۽ ڏوراهيون آهن. انهيءَ ڪري ان ۾ ڪنهن بئي دوست جي دلچسپي وٺڻ جو نه امڪان هيو ۽ نه اميد. اهڙي قسم جي خارزار ۾ ڪير قدم رکي ۽ ڇو رکي؟ تلاش ۽ تجسس جي ڪنڊن ۾ ڪنهن کي پئي آهي جو وينئي وينئي پنهنجو دامن ڦاسائي.“ (شعراءِ ڪشمير حصو پهريون- مقدمو ص-2)

”اسان جي تاريخن ۾ واقعن ۽ شخصيتن کي مصلحتن ۽ عاقبت انديشين جي پيش نظر لحافن ۽ غلافن ۾ ويڙهي اهڙيءَ ريت بيان ڪيو ويندو آهي، جو نه ته ڪا حقيقي شخصيت ظاهر ٿئي ٿي، نه ان جو اصل ڪردار سامهون اچي ٿو، ۽ نه وري واقعا ئي پنهنجي اصلي شڪل ۽ صورت ۾ اجاگر ٿين ٿا.“ (تاريخ مظهر شاهجهاني مقدمو ص- 42)

”مشرقي تاريخون شخصي حڪمرانن جي سرڪاري ڪارخانن ۾ جوڙيون ويون ۽ بادشاهن لاءِ لکيون ويون. اميرن لکرايون، ۽ شهزادن پنهنجي نالي منسوب ڪرڻ جو رواج وڌو.“ (ايضاً، ص 43)

پير صاحب کي فارسيءَ سان به وڏو چاه رهيو. فارسيءَ ۾ به هُن جي تحرير جو هڪ نمونو ڏسو-

این زوال حکومت دودمان تالپور برائے زبان فارسی نیز شام مرگ بود وانگلسیاں بجائے فارسی زبان انگریزی را بر مسند مسلط ساختند و دربارے کہ پرورندهء شعر وادب بود یکی بساط آں را چیدند. برائے شعراء مشرقی نماند و سلسلہء تصنیف و تالیف فارسی نیز گسیخت کہ داستان تمام این زوال وانحطاط درین ضرب المثل سندھی موجود وازاں عہد بما رسیده است

فارسي پڙهسين، تيل وڪڻسين
انگريزي پڙهسين، گهوڙي چڙهسين.

یعنی اگر فارسی بخوانند تیل فروشی خواہند کرد، واگر انگریزی بخوانند بر اسپ عزت سوار خواہند شد گویا دریں عہد خوانش و دانش انگریزی بجائے فارسی وسیلہ حصول اقتدار و عزت بود-

(تکمله مقالات الشعراء ص- 21)

پير صاحب کي سنڌي، اردو ۽ فارسي ۾ لکڻ جي جيڪا ڏات حاصل هئي، ان مان هُن پورو فائدو ورتو. انهيءَ ڪري انهن ٽنهي ٻولين

۾ هُن جو قلم پُر مُسرت ۽ رنگين نظر اچي ٿي. هُن جون تصنيفون ڏسي اهو سوچڻو پوي ٿو تہ هُن کي سڀ کان وڌيڪ دلچسپي ڪهڙي فن سان هئي. ادبي تذڪرو تاريخ يا آثار قديمہ سان، يا هُن جو شوق انهن سڀني جو حسين مجموعو هو. هُو واقعي خوشبودار مجموعو ئي هو، چاڪاڻ تہ ٻهن سڀني فنن سان هن جي دلچسپي هئي.

ادب ۾ فارسي شعر و شاعريءَ سان هُن جي شوق جو اندازو ان مان ٿيندو تہ هُن ادراڪي بيگلار جو 'مثنوي چنيسر نامه' ڇپايو، 'مثنوي مظهرالآثار' شايع ڪيو، قانع ٺٽوي جي 'قصائد و مثنويات' ۽ عطا ٺٽوي جو 'هشت بهشت' ۽ فخري هروي جو ديوان ڇپائي هيٺ آڻي پڌرو ڪيو. فارسي شاعرن جو جيڪو بہ اڻ ڇپيل تذڪرو ڪيس ملندو هو، تہ ان وقت تائين بيچين ۽ پريشان رهندو هو، جيستائين ان کي ايڊٽ ڪري شايع نہ ڪندو هو. قانع ٺٽوي جو 'مقالات الشعراءَ'، خليل ٺٽوي جو 'تڪمله مقالات الشعراءِ' مرزا محمد اصلح جو 'شعراءِ ڪشمير'، فخري هروي جو 'روضة السلاطين و جواهر العجائب'، هُن جي ئي ڪري گمناميءَ جي پردن مان نڪري منظر عام تي آيا. انهن سڀني تذڪرن جي ڇاپي هيٺ اچڻ سان فارسي شعرن جا جيڪي خزانا گڏ ٿي ويا آهن، انهن سان خود ايران جي شعري ادب ۾ پڻ غير معمولي اضافو ٿيو آهي. ان جو قدر ايرانين کي بہ ڪرڻ کپي. چاڪاڻ تہ ايرانين جي لاءِ بہ انهن تذڪرن ۾ اهڙو ئي پيغام آهي تہ هُو ان تي غور ڪن، تہ سنڌ واسين سندن ٻوليءَ ۾ ڪهڙا انمول جواهر پيش ڪيا آهن.

فن تاريخ نويسيءَ سان پير صاحب جي شوق جو اندازو ان مان بہ ٿيندو تہ هُن 1964ع[1] ۾ ميرڪ يوسف جي 'تاريخ مظهر شاهجهاني' گهڻي محنت سان ايڊٽ ڪري شايع ڪيو، جيڪا مغلن جي دور واري پهرين اڌ صدي ۾ سنڌ جي حالتن تي تفصيلي روشني وجهي ٿي. 1964ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙو واليءَ سنڌ جو 'منشورالوصيت' ايڊٽ ڪري شايع ڪرايائين، ان ۾ نادر شاهہ جي حملي واري دؤر جي ڪجهہ مفيد معلومات پڻ گڏ ڪيل آهي. هڪ سال ڪانپوءِ 1965ع ۾ هُن جو ايڊٽ ڪيل 'ترخان

[1]. پيرصاحب جو اهو ڪتاب 1962ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو هو. (آزاد قاضي)

نامه' ڇپيو[1] جنهن ۾ ارغون ۽ ترخان دور واري سنڌ جي تاريخ آيل آهي. 1971ع ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي جو 'تحفة الڪرام' شايع ڪرايائين، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ ڪانسواءِ هتان جي مشهور شخصيتن ۽ شاعرن جو تذڪرو آيل آهي، اهو بہ تمام گهڻي محنت سان ايڊٽ ڪيو ويو آهي.

انهن ڪتابن کي ايڊٽ ڪرڻ ۾ جتي بزرگن جا نالا اچن ٿا، انهن بابت گهڻ پاسائين معلومات مهيا ڪندو ويو آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ ان جي اندر ۾ موجود ديندارِيءَ وارا جذبا سندس قلم مان ظاهر ٿين ٿا.

تمام گهٽ مصنفن کي خانداني شجرن جي ترتيب ڏيڻ ۾ دلچسپي هوندي آهي، پر پير صاحب کي ان تي وڏو عبور نظر اچي ٿو. جتي بہ ان جو موقعو مليو اٿس تہ هُن وڏي محنت سان شجرا مرتب ڪيا آهن.

### ابتدائي علمي سرگرميون:

پير صاحب جي تصنيف ۽ تاليف جي شروعات سنڌي ٻوليءَ جي قلمي ڪاوشن سان ٿي. هُن 1942ع ۾ 'مولانا محب علي سنڌي' تي هڪ ڪتاب لکيو. پوءِ 1950ع ۾ 'سنڌي ادب' نالي هڪ ڪتاب لکيائين. 1955ع ۾ هن جو هڪ ڪتاب، 'مهراڻ جون موجون' ڇپيو. 1956ع ۾ هُن ادراڪي بيگلار جي 'مثنوي چنيسر نامه' کي ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو. مٿيان ٽئي ڪتاب سنڌيءَ ۾ آهن،[2] جن کان راقم ناواقف آهي، جنهن ڪري اِنهن مان استفادو ڪري اهو معلوم نہ ڪري سگهيس تہ انهن ۾ پير صاحب ڪهڙيون ڳالهيون لکيون آهن، 'مثنوي چنيسر نامه' تہ فارسي ۾ آهي، انهيءَ ڪري ان جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهيس.

### چنيسر نامه، ادراڪي بيگلار 1956ع:

هي 1010هه ۾ لکيو ويو، هي هڪ عشقيہ مثنوي آهي جنهن ۾ ڪؤنرو چنيسر، ليلا ۽ ڪؤنرو جو عشقيہ داستان قلمبند ڪيو ويو آهي.

---

1. پيرصاحب جو اهو ڪتاب 1964ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو هو. آزاد قاضي

2. مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن مان پهريون هڪ مضمون آهي 'سنڌي ادب' نالي ڪتاب پهريان اردوءَ ۾ لکيو ويو هو. **(آزاد قاضي)**

پير صاحب کي هيءَ فارسي مثنوي پسند اچي وئي، جنهنڪري ان جا مختلف نسخا هٿ ڪري ايڊٽ ڪيائين، ان کي سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو. پير صاحب ان تي سنڌيءَ ۾ 67 صفحن جو پيش لفظ لکيو، جنهن ۾ ان جي ادبي ۽ تاريخي اهميت ٻڌايل آهي. افسوس آهي جو سنڌي زبان نه ڄاڻڻ ڪري، پير صاحب جنهن نقطہ نظر سان هن مثنويءَ جي اهميت ظاهر ڪئي آهي، ان مان استفادو نه ڪري سگهيس، پر ان جي ڇپجڻ سان ٻه وڏا فائدا ٿيا. هڪ ته سنڌ جي هڪ جليل القدر شاعر جا ڪارناما سامهون آيا. ٻيو اهو ته ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته، مسلمانن هندستان ۾ رهندي، هندن جي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ پوري دلچسپي ورتي ۽ انهن کي قلبند ڪري، انهن جي تهذيبي زندگيءَ کي پنهنجي ادب ۾ منتقل ڪندا رهيا. ان ۾ پير صاحب بيگلار خاندان جو نسب نامو پڻ درج ڪيو آهي جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته انهيءَ خاندان جي ابتدا حڪيم زين العابدين کان ٿي.

پير صاحب جي علمي سرگرمين جو اصلي ۽ خاص ڪارنامو، هن جي اها سخت محنت ۽ عرق ريزي آهي، جيڪا هُو ڪنهن ڪتاب کي ايڊٽ ڪرڻ وقت ان لاءِ مقدما، حاشيا ۽ تعليقات لکڻ وقت ڪندو هو. ان فن جا ٻه ميدان هئا، جن ۾ ڪن حيثيتن سان هڪ طويل عرصي تائين ڪانئس ڪوبہ گوءِ نہ ڪٽي سگهندو. ان سلسلي ۾ هُن جون تحريرون اهو پيغام ڏئي رهيون آهن، ته ڪير بہ ڪنهن ڪتاب کي ايڊٽ ڪرڻ چاهي، ته پهريائين پنهنجو ساهہ مٺ ۾ ڪري ۽ رڳن جو رتُ پٽُ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي، پوءِ ان ڪم ۾ هٿ وجهي. جنهن محنت ۽ رياضت سان هن ڪتاب ايڊٽ ڪيا آهن، انهن سان هن جي زندگيءَ جو هڪ هڪ سال گهٽبو رهيو هوندو. جيڪڏهن هُو ايترو علمي پورهيو نہ ڪري ها، تہ شايد هن جي عمر ڊگهي ۽ صحت سٺي هجي ها، مگر هُو علم ۽ فن جي راهہ ۾ شهيد ٿي ويو.

## مثنوي مظهر الآثار ـ شاهہ جهانگير هاشمي 1957ع:

پير صاحب 1957ع ۾ شاهہ جهانگير ڪرماني بکريءَ جي 'مثنوي مظهر الاثار' ايڊٽ ڪري شايع ڪئي. ان جي اهميت ان ڪري آهي جو ان جي مصنف، سنڌ ۾ ويهي نظامي جي 'خمسه' وانگر

مثنوين لکڻ جو ارادو ڪيو، پر هُو رڳو اهائي مثنوي لکي سگهيو ۽ ٻيون نہ لکي سگهيو. پير صاحب کي ان جو هڪ نسخو تہ برٽش ميوزم لنڊن مان مليو، ٻہ ٻيا نسخا پنجاب يونيورسٽي ۾ هيا، ان جو هڪ نسخو 'آستانہء قدس مشهد' ۾ هو، انهن سڀني نسخن جي مدد سان هيءَ مثنوي ايڊٽ ڪيائين ان ۾ هُن کي جيڪي اختلاف نظر آيا، يا ڪو شعر وڌيڪ ڏنائين، انهن سڀني جي وڏي عرق ريزيءَ سان نشاندهي ڪري، اهو 33 صفحن تي، آخر ۾ درج ڪيو اٿس، وري ان تي جيڪو مقدمو لکيو اٿس. ان ۾ هُن جي تاريخي، ادبي ۽ تحقيقي ذوق جي رنگيني پوري طور تي نظر اچي ٿي. شروع ۾ مصنف جي زماني ۾ وچ ايشيا، ايران، هندستان ۽ خاص طور تي سنڌجي اندر جيڪا سياسي ڇڪ ڏاهہ ٿيندي رهي، ان جو ذڪر مختصر پر جامع انداز ۾ ڪيو اٿس. وچ ايشيا ۾ سلطان حسين با يقرا کانپوءِ تيموري خاندان ذرا ذرا ٿي رهيو هو. بابر افغانستان ۽ هندستان جو حڪمران بڻيو وينو هو. سنڌ ۾ ڄام نظام الدين جي وفات کانپوءِ، خانہ جنگي جاري هئي، ايستائين جو ارغون خاندان اقتدار ۾ اچي ويو، جنهن هرات مان تيموري حڪمرانن سان پنهنجا تعلقات سنا رکيا، ان خاندان جي علم پروري جي شهرت ٻڌي ايران ۽ قنڌار جا اهل علم سنڌ ۾ اچڻ لڳا، جن ۾ 'مظهر الآثار' جي مصنف جا وڏڙا بہ شامل هئا. هُو ڦريائين تہ دهلي آيا، پوءِ سنڌ منتقل ٿيا، جنهن ۾ شاهہ قطب الدين بکر ۾ اچي شيخ الاسلام بڻيو. سندس ئي نسل مان 'مظهرالآثار' جو مصنف سيد شاهہ جهانگير هاشمي بہ هو، جنهن جي وفات جي تاريخ 946هہ هئي. عمر ٻاهتر سال ماڻيائين، ڪعبة الله جي زيارت لاءِ ويو هو، رستي ۾ رهزنن جي هٿان شهيد ٿيو.

پير صاحب کي ان مثنويءَ سان ان ڪري بہ دلچسپي پيدا ٿي جو شايد هُن کي فخر ٿيو هجي تہ سنڌ ۾ ويهي ڪري هڪ شاعر نظاميءَ جي رنگ ۾ مثنوي لکي پئي سگهيو. هُن سندس وصفون مختلف تذڪرن مان جمع ڪيون آهن. جڏهن هُو اُئين لکي رهيو هوندو تہ، هو نماڻي طبيعت وارو، ديندار، نيڪوڪار، وفا جو پتلو، عالم، فاضل، بزرگ ۽

صوفي باصفا هيو تہ، هُن کي اها خوشي ٿي رهي هوندي تہ، سنڌ ۾ کهڙا کهڙا ڪمال جا صاحب ٿي گذريا آهن.

جتي بہ تذڪره نويسن سيد شاهہ جهانگير هاشمي بابت ڪنهن غلط بيانيءَ کان ڪم ورتو آهي تہ، پير صاحب پنهنجي تحقيق سان ان جي تصحيح بہ ڪندو ويو آهي. مثلاً هُن بابت ڪي تذڪره نگار لکن ٿا تہ، هن جي ملاقات 'جامي' سان ٿي هئي. پير صاحب لکي ٿو، "ان جو ثبوت سندس شعرن مان نہ ٿو ملي." ڪن تذڪرن لکيو آهي تہ، هُن بہ مثنويون، هڪ 'مظهرالآثار' ۽ ٻي 'مظهر الانوار' لکيون، پر پير صاحب جي تحقيق مطابق هن جي هڪ ئي مثنوي هئي، جنهن جو نالو 'مظهرالاثار' آهي، 'مظهر الانوار' هُن جي ڪابہ مثنوي نہ آهي. پير صاحب مختلف تذڪرن مان ان جا بيت ۽ هڪ قصيدو هٿ ڪري پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو آهي.

**مقالات الشعراء از علي شير قانع ٺٽوي 1957ع**

'چنيسر نامه ' کان پوءِ پير صاحب جيڪو ڪتاب ايڊٽ ڪيو، اهو مير علي شير قانع ٺٽوي جو 'مقالات الشعراء' آهي، جيڪو 1174هہ ۾ لکيو ويو. ان کي ايڊٽ ڪرڻ وقت، هُن جو شايد وري خون پسينو هڪ ٿي ويو هوندو. ان تي هڪ مقدمو لکيائين ۽ وري ايترا معلومات سان ڀرپور حاشيا ڏنائين جو هُن جي محبت ڀري محنت سان مؤلف جي متن جي ضخامت وڌي وئي آهي. مؤلف پنهنجي خاندان جي علمي ڪارنامن جو ذڪر تفصيل سان ضرور ڪيو آهي، پر پير صاحب جي محنت جي اها انتها آهي جو هُن 'مجالس المومنين'،'حبيب السير'، 'حواشي خلاصة الاخبار'،'تاريخ ادبيات فارسي'، 'ڪشف الظنون'، 'ريحانة الادب' وغيره جي حوالن سان مؤلف جي ڪن بيانن ۾ ڪافي ڪارگر واڌارا ڪيا. مؤلف جي خاندان جي بزرگن هرات جي جنهن مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي، ان جو تفصيل بہ مختلف ڪتابن جي حوالي سان ڏنائين، جيڪو خود مؤلف جي ڪتاب ۾ ڪونہ آهي، ان وقت جيڪو ديني علم پڙهايو ويندو هو ۽ استادن جو جيڪو سلسلو رهيو ان جو ذڪر مولف جي ڪتاب ۾ نہ آهي. ليڪن پير صاحب جي ڏنل حاشين ۾ موجود آهي. مولف پنهنجي حالات زندگيءَ ۾، چند تصنيفن جو ذڪر ڪيو آهي، پر پير

صاحب سندس سيني تصنيفن جي معلومات هٿ ڪئي ۽ سندس 43 ڪتابن جي فهرست ڏيئي پنهنجي پڙهندڙن کي انهن کان واقف ڪرايو، جيڪڏهن هُو ايتري رياضت کان ڪم نہ وٺي ها تہ شايد هي سڀ تصنيفون وساريون وڃن ها.

پير صاحب کي ان ڪري بہ خوشي هئي تہ هي تذڪرو سنڌ جي شاعرن جو سڀ کان پهريون تذڪرو آهي، جيڪو سندس ئي سرزمين تي 1174ھ ۾ لکيو ويو آهي، ان ۾ ڪجھ غير سنڌي شاعرن جو احوال بہ اچي ويو آهي، پر مؤلف اعتراف ڪيو آهي تہ هي سرخوش جي 'ڪلمات الشعراء' ۽ مير غلام علي آزاد جي تصنيفن جي مدد سان لکيو ويو آهي.

پير صاحب انهيءَ تذڪري کي بهترين تذڪرو ان حيثيت سان قرار ڏئي ٿو تہ، جيڪڏهن هي نہ لکيو وڃي ها تہ سنڌجي پنج سوَ سالہ ادبي تاريخ تي اونداهيءَ جو پردو پيل هجي ها. هُو فارسي تذڪره نويسن مان انڪري مطمئن نہ هيو، جو اُهي شاعرن جو احوال تمام مختصر لکندا هئا. تاريخي واقعن جو ذڪر بنھ سرسري ڪندا ۽ غير واضح ڳالهين جي وضاحت بہ نہ ڪندا هئا. تاريخون ۽ سن لکڻ ۾ ڪنجوسائپ کان ڪم وٺندا هئا. قانع جي تذڪرن ۾ بہ اهي خاميون آهن، جن کي ختم ڪرڻ لاءِ پير صاحب تعليقات ۽ حاشيا لکڻ ۾ 137 ڪتابن جو سهارو ورتو آهي، جن ۾ ڪلام پاڪ، تاريخ شعراء، اوليائن جا تذڪرا، فارسي ديوان، معجم، لغات، رسالا ۽ نادر مخطوطات سيئي شامل آهن.

حاشيا لکندي جتي جتي ڪلام پاڪ جون آيتون آيون آهن تہ انهن جا رڪوع ۽ سورتن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. جاگرافيائي ۽ تاريخي ماڳن جي بہ وضاحت ڪئي آهي. جيڪڏهن مشهور مصنفن جا نالا آيا آهن تہ انهن جي ڄمڻ ۽ وفات جي تاريخ سان گڏ، انهن جي تصنيفن جو ذڪر بہ ڪيو ويو آهي. بزرگن ۾ امام غزالي، مولانا قوام الدين ڪرماني، علامه دواني، شيخ ابو اسماعيل، عبدالله انصاري، شيخ عبدالله احراري، مولانا عبدالخالق گيلاني ۽ سيد سعدالله سورتي وغيره جا نالا آيا آهن تہ انهن جو احوال ايترو لکيو اٿس، جو هڪ نظر ۾ انهن جون تمام گهٽيون ڳالهيون معلوم ٿي وڃن ٿيون. فاتحن، بادشاهن، شهزادن ۽ نامور اميرن جا نالا اچي ويا آهن تہ انهن جي سوانح سان گڏ انهن جا

ڪارناما بہ ٻڌايا اٿس، چنگيز خان تي جيڪي تعليقات آهن انهن کي پڙهي پڙهندڙ ضرور مستفيض ٿيندا. بهلول لوڌي، سڪندر لوڌي، همايون بادشاه، جهانگير، شاه جهان ۽ فرخ سير تي ڪافي معلومات ڏني وئي آهي. فرخ سير ڪان پوءِ بادشاهيون وٺي ڏيندڙ مشهور امير سيد قطب الملڪ تي سٺي روشني وڌل آهي. شهزادن ۾ مرزا ڪامران ۽ داراشڪوه تي اِيترو تہ لکيو ويو آهي جو اهي جدا شايع ڪيا وڃن تہ چڱا خاصا مضمون ٿي پون. شاعرن جي ذڪر ۾ جتي قانع جي بيان ۾ هن کي ڪمي محسوس ٿي تہ، ان ۾ خاطر خواه اضافا ڪيا اٿس، مثلاً محسن ٺٽوي جي تصنيفن جي سلسلي ۾ حمله حيدري ۽ محڪ ڪمال تي ڪافي واڌارو ڪيو اٿس. ان جو هڪ ديوان خود پير صاحب وٽ هيو. ان جي ابتدا ۾ هن حافظ جي مشهور غزل، ”الايا ايها الساقي...“ جي طرز تي ’هلالي استرابادي‘، شيدا هلالي، طغرائي مشهدي، صائب تبريزي، شاهي، معلوم تبريزي، وحيد قزويني، ناصر علي سرهندي ۽ عاشق صفاهاني، وغيره جيڪا طبع آزمائي ڪئي هئي، انهن جي غزلن جو مطلع لکي ڇڏيو آهي. وري جتي شاعرن، مثال طور حڪيم قطران تبريزي، زمان بيگ ڪابلي، هاشمي ڪرماني، ڪاهي، بيدل عظيم آبادي، غني ڪاشميري ۽ علي حزين وغيره جو ذڪر آيو آهي تہ انهن جا بہ چڱا خاصا شعري ڪارناما قلمبند ڪري ڇڏيا اٿس، ڪٿي ڪٿي شاعرن جا هڪجهڙائي ۽ ساڳي خيال وارا غزل بہ نقل ڪيا اٿس، مثال طور قانع ’بهره ور علي‘ جي سلسلي ۾ هن جو هڪ غزل نقل ڪيو آهي، جنهن جو مطلع هي آهي:

منت درماں ندارد از طبیباں درد ما

سوزش دل مرہمے دارد ز آہ سرد ما

ان جي هيٺيان حاشيي ۾ مرزا صائب جو اهو غزل نقل ڪيو آهي جنهن جو مطلع هن طرح آهي:

صبح بر خورشید می لرزد ز آہ سرد ما

کوہ می دزدد کمر در زیر بار درد ما

قانع، برڪ عبدالواسع جي ذڪر ۾ هن جو هڪ غزل ڏنو آهي جنهن جو مطلع هي آهي:

اے عشق تو بختم را آوردہ بخواب اندر

وے زلف تو دلہا را افگندہ بتاب اندر

قانع صرف ايترو لکيو هو تہ هي غزل ان غزل جي جواب ۾ لکيو ويو جنهن جو مطلع هن ريت آهي:

آزاد گرفتارم چوں بو بگلاب اندر

پا بستہ برفتارم چوں زر بحساب اندر

قانع ان مطلع جي شاعر جو نالو نہ ٻڌايو هو، پر پير صاحب ان جي نشاندهي ڪئي، تہ اهو غزل 'اميديءَ' جو آهي، انهيءَ خيال، رديف ۽ قافيہ ۾ شيخ نصيرالدين، چراغ دهلوي، سنجرعالي ۽ عليءَ جا بہ غزل نقل ڪيا ويا آهن.

راقم، شيخ نصيرالدين چراغ دهلوي تي پنهنجي تصنيف 'بزم صوفيا' ۾ گهڻو ڪجھ لکيو آهي. ليڪن پير صاحب جي ئي ذريعي اهو معلوم ٿيو تہ شيخ غزل گو شاعر بہ هيو. خدا ڪري، هُن ڏانهن جيڪو ڪلام منسوب آهي، اهو ان جو ئي هجي، جو تہ حضرت خواجہ معين الدين چشتي ۽ حضرت خواجہ بختيار ڪاڪي جي نالي سان هڪ، هڪ ديوان منسوب آهي، پر هاڻي اها تحقيق ٿي آهي تہ اهي انهن جا نہ پر ڪن ٻين جا آهن.

هڪ هنڌ تفسير بيضاوي جو ذڪر آيو آهي تہ ان جي اهميت ٻڌائيندي، ان تي مختلف مصنفن جا جيڪي 17 حاشيا آهن، انهن جو تفصيل لکيو اٿس. اهڙي طرح جتي ٻين ڪتابن جا نالا اچن ٿا تہ انهن جي مصنفن جا نالا ۽ اهي ڪٿي ڪٿي ڇپيا آهن، اهو بہ ٻڌائيندو ويو آهي.

ڪٿي ڪٿي مصنف جي بيان جي تصحيح بہ ڪندو ويو آهي. مثلاً هن بابر جي وفات جي تاريخ جي عبارت نقل ڪري لکيو آهي، تہ هي 'منتخب التواريخ ' جي آهي، پر پير صاحب ٻڌايو آهي تہ اها 'اڪبر نامه' تان ورتل آهي. هڪ هنڌ قانع مير غياث الدين جي ذڪر ۾ هن کي مير صدرالدين جو پٽ ٻڌايو آهي، پر پير صاحب 'مجالس المؤمنين' جي حوالي سان ان کي پيءُ ڄاڻائي ان جي تصحيح ڪئي آهي. (ص 549)

ڪتاب کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ ان ۾ 33 تصويرون بہ ڏنل آهن. جن ۾ مغل فرمانروائن، شهزادن ۽ اميرن کان علاوه سنڌ جي صوبيدارن ۽ ڪجهہ ديني بزرگن مثلاً ميان مير لاهوري، ملا شاه بدخشي ۽ سرمد شهيد جون بہ تصويرون آهن ۽ مڪليءَ جي ڪن مقبرن جون بہ آهن. پر هت خاص طرح ذڪر لائق اها ڳالهہ آهي تہ ان ۾ قانع ٺٽوي کان سواءِ بابر، مرزا ڪامران ۽ دارا شڪوه جي لکيل هٿن اکرن جا عڪس بہ ڏنا ويا آهن. مشهور خوشنويس امير عطاالله جمال الدين حسين بن مير فضل الله جي خط جو نمونو بہ ڏنو ويو آهي. جنهن محنت ۽ رياضت سان هي سڀ شيون حاصل ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن ان سان پير صاحب جي اعليٰ علمي ذوق ۽ سندس تصنيف ۽ تاليف جي معيار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

### تڪملة مقالات الشعراء 1958ع:

1958ع ۾ پير صاحب مخدوم ابراهيم خليل ٺٽويءَ جو 'تڪمله مقالات الشعراءِ' شايع ڪيو، ان جي نالي مان ظاهر آهي تہ هي قانع ٺٽوي جي 'مقالات الشعراءِ' واري سلسلي جي تصنيف آهي، يعني 'مقالات الشعراء' ۾ جن شاعرن جو ذڪر هيو، ان کان بعد جيڪي فارسي شاعر سنڌ ۾ ٿيا، تن جو احوال هن تذڪري ۾ ڪيو ويو آهي. انهن جو تعداد 82 آهي. پير صاحب کي ان جو نسخو پنجاب يونيورسٽي لاهور مان مليو، جنهن کي پروفيسر محمد شفيع مرحوم، احسن ڪربلائي حيدرآباديءَ کان خريد ڪيو هو. ان جو ٻيو ڪوبہ نسخو ڪيس نہ مليو، تہ ان تي هُن پنهنجي ايڊيٽنگ جو پورو فن (Art) ظاهر ڪيو. پنهنجي عادت مطابق مقدمي ۾ ان تذڪري جي مصنف جا تفصيلي حالات لکيا اٿس. هو 1251هہ ۾ پيدا ٿيو. اهو سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن جي زوال وارو زمانو هو. هُن جو خاندان 'هرات' جو هو. (تڪملة مقالاتء الشعراء ص-167) ڪيترا صوفي باصفا، اهل دل ۽ صاحب سلوڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، جيڪي ان زماني ۾ نقشبنديہ سلسلي جا بزرگ هئا. انهن جي ئي جهوليءَ ۾ مصنف تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي، ستن سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ ختم

ڪيائين. پوءِ صَرف، نحو، اصول، منطق، رياضي، حديث، تفسير، فقه، اصول حديث ۽ علم مناظره جي تعليم بہ ورتائين. هن جو والد ۽ ياءُ ٻئي شاعر هئا، انهيءَ ڪري شاعريءَ جو شوق ڪيس ورثي ۾ مليو. ان دؤر ۾ تقريبن هر شهر مثال طور: حيدرآباد، هالا، مٽياري، سکر، شڪارپور ۽ سيوهڻ ۾ فارسيءَ جا سٺا شاعر موجود هئا. مصنف انهن ڪان بہ گهڻو فيض حاصل ڪيو، جن جو ذڪر هُن پنهنجي ڪتاب ۾ جابجا ڪيو آهي. ان زماني ۾ ڪراچيءَ مان هڪ رسالو 'مفرح القلوب' جي نالي سان نڪرندو هو، جنهن ۾ فارسيءَ جا غزل بہ شايع ٿيندا هئا. مصنف ان مان بہ استفادو ڪيو. انهيءَ زماني ۾ ايران ۽ افغانستان ڪان شاعر ۽ اديب سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا. مصنف انهن سان بہ خط و ڪتابت جاري رکي. هُو پنهنجي دور جو سٺو شاعر هو. شروع ۾ 'مسڪين' تخلص استعمال ڪندو هو. 'مسڪين' تخلص سان هُن، 'تڪملة مقالات الشعراءِ' ۾ پنهنجي ڪلام جا جيڪي نمونا ڏنا آهن، انهن مان ڪجهہ شعر هي آهن.

بہ پیش حسن تو اے سر و قامت و گل فام
عزیز مصر بود یک غلام یوسف نام
بہ دور خط بہ جمال رخ تو نقص رسید
کہ زور کفر خود کم رواجیء اسلام
دماغ من چو پریشاں ز یاد زلف تو شد
خیال چشم تو ام کرد فارغ از بادام
بہ چین زلف تو جاناں نسیم کد ام لقب
کند آھوے جاں یا غزال دل را دام
غزل چو آیہء رحمت بگفتہء 'مسکین'
کجا جواب تو گوید کسے بہ جز الہام

'خليل' پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي قبر تي هي غزل لکرائڻ لاءِ لکيو هو.

بہ قبرم چو رسی در خواست از حق کن بتو قیری
کہ ایں بے چارہ را از نور غفران بخش تنویری
بظاہر از زبان حال من صد نکتہا یا بی
بہ باطن گر فرو ماندم ز تقریری تحریری

من آنم کز لب و قلم چه فن می خاست لیک اکنوں
بنا به شکسته ام چوں مفرد اندر جمع تکسیری
طلبگار ضیای 'نور حقم' بعد مردن هم
ز خاکم بگزرانی با خدا روشن دلے پیری
خلیل امید وارث شد به مرگ و زندگی یارب
در آمیزی بروحش نور خود چوں شکر و شیری

هيءَ رباعي به پنهنجي قبر تي لکڻ لاءِ وصيت ڪري ويو هو.

گنه گارم، تبه کارم، شعارم جرم و عصیان است
به فضلت یار ہم لیکن، بے امید احسان است
مکن شرمنده ام، یارم مپرس اعمال نیک از من
بدم راشو، بدریائے که نامش بحر عرفان است

نالو مخدوم محمد ابراهيم هيس، انهيءَ مناسبت سان اڳتي هلي 'خليل' تخلص استعمال ڪرڻ لڳو. سنڌيءَ ۾ به طبع آزمائي ڪندو هو، جنهن ۾ تخلص 'اداسي' رکيائين. هندي يعني اردو ۾ به شعر چيائين، ان لاءِ غلام محمد شاهه گدا جو شڪرگذار رهيو. هُن به ديوان مرتب ڪيا. هڪ جو نالو 'ديوان مسڪين' ۽ ٻئي جو نالو 'ديوان خليل' رکيائين. انهن سان ئي پنهنجي خطن جا به مجموعا به شامل ڪيائين. پنهنجي خاندان جو احوال 'تحفة الفقير' جي نالي سان لکيائين، پر هُن جي سيني تصنيفن مان پير صاحب کي 'ديوان خليل' ئي ڏسڻ جو موقعو مليو. جنهن ۾ هن جا غزل، مخمسات، قطعات، رباعيون ۽ تاريخي قطعات آهن. هن جا تمام گهڻا شاگرد به ٿيا، جن جو ذڪر هُن 'تڪمله مقالات الشعراء' ۾ جا بجا ڪيو آهي. هن 74 سالن جي عمر ۾ 1317هه ۾ وفات ڪئي. ڪيس حضرت نقشبندي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. سندس اولاد مان ڪجهه هُن جي زندگيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو هو ۽ جيڪو زنده رهيو ان مان هُن جو نسل وڌي نه سگهيو. پر پير صاحب هن جي 'تڪمله مقالات الشعراء' کي تلاش ڪري، ان کي پنهنجي ايڊيٽنگ واري فن سان سينگاري ۽ سندس حالات لکي، علمي دنيا ۾ ڪيس حيات جاودان بخشائي

چڏيو. قانع 'مقالات الشعراء' جي تڪميل 1175ھ ۾ ڪئي. ان ڪان پوءِ سندس پٽ 'مجمع البلغاء' جي نالي سان هڪ تذڪرو لکيو، جنهن ۾ مير قانع ڪان پوءِ وارن شاعرن جو ذڪر هيو. پر اهو هاڻي اڻلڀ آهي. مخدوم محمد ابراهيم خليل تقريبن 133 سالن ڪان پوءِ 'تڪمله مقالات الشعراء' لکيو. پير صاحب جي تحقيق آهي ته هي تذڪرو 1307ھ يا 1308ھ ۾ لکيو ويو.

پير صاحب ٻين تذڪرن جيان هن مان بہ مطمئن نہ هيو، ڇو ته ان ۾ شاعرن جا حالات لکڻ ۾ اختصار ڪان ڪم ورتو ويو آهي ۽ انهن جي وفات جو سن لکڻ جو بہ اهتمام نہ ڪيو ويو آهي. ان ڪميءَ ڪي ڪنهن حد تائين پير صاحب پاران ايڊٽ ڪرڻ وقت پورو ڪيو ويو ۽ ان ۾ وڏي محنت سان ڏيڍ سوَ صفحن جا تعليقات لکيا ويا. انهن جي لکڻ ۾ جيڪا محنت ڪيل آهي ان جا ڪجهہ نمونا هي آهن:

هڪ شاعر 'انور' جو ذڪر، خليل هڪ سٽ ۾ ڪيو آهي ۽ پنجن صفحن ۾ سندس ڪلام جو نمونو ڏنو آهي. پير صاحب هڪ بياض مان ان جا ايترا شعر هٿ ڪيا جو انهن کي 29 صفحن ۾ لکيو، جيڪي هن جي بيتن، قصيدن، مخمس، هجو ۽ غزلن تي مشتمل آهن. مخدوم محمد هاشم جي ذڪر ۾ خليل صرف ايترو لکيو آهي ته:

"تصانيف کثيره دارند جمله يک صد و چار ده"

پير صاحب هُن جي 138 تصنيفن جي معلومات هٿ ڪري، ٻڌايو ته، ڪهڙيون ڪهڙيون ڇپيون آهن ۽ ڪهڙيون اجان مخطوطن جي شڪل ۾ آهن. پير صاحب هن جي تصنيفن جي جيڪا فهرست ڏني آهي، ان مان اندازو ٿئي ٿو ته مخدوم محمد هاشم عربي، فارسي ۽ سنڌي ٽنهي ٻولين ۾ ڪتاب لکيا، پر عربي ڪتابن جو تعداد ٻين ڪان گهڻو آهي، اهي گهڻو ڪري تفسير، ڪلام، حديث، سيرت رسول صہ، صوم و صلواة، تصوف ۽ ديني مسئلن بابت آهن. انهن ڪتابن مان اندازو ٿئي ٿو ته 'باب الاسلام' سنڌ ۾ جنهن ڪثرت سان مذهبي ڪتاب لکيا ويا، انهن جي بنياد تي ان کي 'عرب صغير' چيو وڃي ها ته وڌاءُ نہ ٿئي ها. پير صاحب مخدوم محمد هاشم جي تصنيفن جا نالا لکي وڏي علمي خدمت ڪئي آهي. اهڙي طرح ٻين شاعرن بابت بہ مفيد معلومات ڏيندو ويو آهي. مثال طور

’جعفري‘ جي ذڪر ۾ ’خليل‘ ان جي ٻن سفرنامن جو ذڪر ڪيو آهي. پر هُن انهن سفرنامن جا شعر لکڻ مناسب نہ سمجهيا. پر پير صاحب هن جي ٻن منظوم سفرنامن کي پنهنجي تعليقات ۾ سڄو نقل ڪيو آهي. خليل، ٽالپر شاعرن ۾ جعفري، حيدري، عبدالحسين ۽ مير ولي وغيره جو ذڪر ڪيو آهي، پر پير صاحب انهن ٽالپر دور جي شاعرن مان مير ڪرم علي خان ’ڪرم‘، مير محمد علي خان بهرور، مير يار محمد خان، مير محمد حسن علي خان ’حسن‘، مير عباس علي خان ’مومن‘ ۽ مير حسين علي خان حسين جي نالن جو اضافو ڪيو آهي. انهن ۾ مير محمد علي خان بهرور جي تصنيفن، ’داستانِ رزم نادر شاه‘ ۽ ’قصه رزم شير‘ جي نشاندهي ڪري، ’مثنوي رزنامه شير‘ جو سڄو متن نقل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح مير عباس علي خان مومن جي هڪ مثنوي بہ نقل ڪئي آهي. ۽ مير حسين علي خان جي سيني تصنيفن جا نالا لکيا آهن. جيڪي هي آهن، (1) ’مناقب علوي‘ (فارسي نثر)، (2) ’شاهد الامامت‘ (فارسي نثر)، (3) ’لب لباب‘ (فارسي نثر)، (4) ’ديوان حسين‘ (فارسي ۽ اردو)، (5) ’ديوان حسين‘ (اردو). خليل لکيو هو تہ حيدريءَ جي وفات جي تاريخ مرزا حسن علي ’وفا‘ لکي هئي. پير صاحب پنهنجي تعليقات ۾ مير حسين علي جي مناقب علوي مان ’وفا‘ جا حالات نقل ڪيا آهن ۽ محڪ خسروي مان ان جا بيت ڇهن صفحن ۾ نقل ڪيا آهن، حيدري جي ذڪر ۾ ان جا اهي غزل بہ نقل ڪيا آهن جيڪي هُن ’سورت‘ ۾ لکيا هئا. هن جي اها مثنوي بہ نقل ڪئي آهي جيڪا هن ’غريب الوطني‘ جي عنوان سان لکي هئي. اهي شيون ’تڪمله مقالات الشعراء‘ ۾ نہ آهن. ناطق مڪراني کي غالب ان جي اعتراضن بابت جيڪو خط لکيو هو، اهو بہ تعليقات ۾ نقل ڪيو آهي. جيڪو ’تڪملة مقالات الشعراء‘ ۾ نہ آهي. ان ۾ هڪ شاعر عليءَ جي حوالي سان هڪ ڪتاب ’سلسله قادريه‘ جو ذڪر آيو آهي، جيڪو 1326هه ۾ لکيو ويو ۽ شايع بہ ٿيو هو. پر ان جي مصنف جو هٿ سان لکيو نسخو پير صاحب کي ملي ويو هو. تعلقات ۾ ان جا منظوم اقتباس ڏنائين، جن سان ان جي مصنف جا حالات معلوم ٿين ٿا. انهن ۾ سنڌ جي مدح بہ آهي، ’ساقي نامه‘ بہ آهي ۽ غزل بہ آهن. خليل

ڪراچيءَ جي سردار غلام محمد خان کي جيڪي ٽي خط لکيا هئا، اهي بہ تعليقات ۾ نقل ڪيا ويا آهن.

اهڙيءَ طرح 'تڪمله مقالات الشعراء' جي حاشين ۾ ڏاڍي مفيد معلومات ڏني ويئي آهي. مثال طور خاڪيءَ جي تذڪرن ۾ ان جي ڪتاب، 'مرغوب الاحباب في النساب الاقطاب' جو ذڪر ڪيو آهي. خليل ان جو ڪوبہ تفصيل نہ لکيو آهي. پير صاحب ان حاشيي ۾ لکيو آهي تہ، هي ڪتاب 1273هه (1845ع) ۾ لکيو ويو ، جنهن ۾ نقشبندي سلسلي جي مشائخن جو احوال آهي، آخر ۾ لواريءَ جي مشائخن جا حالات بہ آهن. هي اجا تائين نہ ڇپيو آهي ۽ لواري جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي. انهيءَ سلسلي ۾ پير صاحب اها ڄاڻ بہ ڏني تہ ان موضوع تي سيد رفيق علي حسيني پشنگيءَ 1120هه (1708ع) ۾، 'لطيفة التحقيق'، مير بلوچ خان ٽالپر 1201هه (1786ع) ۾ 'فردوس العارفين'، بلال 1221هه (1806ع) ۾ 'الجواهر البدايع'، خواجه محمد سعيد 1303هه (1885ع) ۾ 'صقائل الضمائر' لکيو. انهن مان صرف آخري ذڪر ڪيل ڪتاب ڇپيو، باقي اجا تائين نہ ڇپجي سگهيا آهن. خاڪيءَ جي تذڪري ۾ ئي فقير عبدالرحيم گرهوڙي جو ذڪر آيو آهي. پير صاحب ان جو تفصيل حاشيي ۾ لکيو آهي. خاڪيءَ ان جي وفات تي جيڪو قطع تاريخ لکيو هو، خليل ان کي نقل نہ ڪيو، پر پير صاحب سڄو ڏيئي ڇڏيو آهي. عربي ۽ فارسي ۾ ان جي تصنيفن مان 'فتح الفضل'، 'شره ابيات سنڌي'، 'رساله گل نما'، 'مڪتوبات (فارسي)' 'سنڌي نظمن جو مجموعو' ۽ 'مرغوب الاحباب' جي ڄاڻ ڏني آهي ۽ ان جي شعرن جا ڪجهہ نمونا بہ ڏنا آهن، اهڙي طرح ڪٿي شاعرن جي سن ولادت ۽ وفات، ڪٿي انهن جا اهي واقعا جيڪي خليل نہ لکي سگهيو هو، انهن جو پير صاحب حاشيي ۾ اضافو ڪندو ويو آهي.

انهن حاشين ۽ تعليقات مان اندازو ٿيندو تہ پير صاحب کي علمي تلاش ۽ جستجو سان ڪيترو چاهہ هو. تذڪري ۾ جنهن شيءَ جي کوٽ جو ڪيس احساس ٿيندو هو تہ ان کي پورو ڪرڻ لاءِ سندس اندر جو آواز ڪيس مجبور ڪندو هو. اهڙو چاهہ موجوده دور جي مصنفن ۾ تمام گهٽ ڏسجي ٿو، شايد اهو بہ هن سان گڏ دفن ٿي ويو.

’تڪمله مقالات الشعراء‘ ۾ سنڌ جي بزرگن ۽ اوليائن مان مخدوم عبدالله ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبداللطيف خاڪي ٺٽوي، مخدوم محمد ابراهيم مدني، مخدوم عبدالله، مخدوم غلام حيدر ٺٽوي، مخدوم ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي، مخدوم عبدالڪريم ٺٽوي، مخدوم فضل الله، مخدوم فيض احمد ٺٽوي وغيره جا حالات به آهن. انهن سڀني بزرگن جي مصروفيتن ۽ حالاتِ زندگي، انڪشافن ۽ باطني تعليم وغيره جو تفصيل آيل آهي. اهڙيءَ طرح ان ڪتاب جي اشاعت سان نه صرف ادبي ۽ شعري بلڪ ديني خدمت به ٿي وڃي ٿي. خود ’تڪمله مقالات الشعراء‘ جي مصنف پنهنجي خاندان جي بزرگن مان مخدوم ڪرم الله، مخدوم امين محمد، مخدوم عنايت الله، مخدوم محمد زمان، مخدوم عبدالڪريم، مخدوم غلام حيدر ۽ مخدوم عبدالڪريم جو به ذڪر ڪيو آهي. خود پير صاحب ’تڪمله مقالات الشعراء‘ جي مصنف واري زماني جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته:

”ان وقت ٺٽي ۾ چار خاندان هئا، جيڪي علم، سلوڪ ۽ طريقت جا مرڪز بڻيل آهن، جيڪي نه رڳو ٺٽي بلڪ سڄي سنڌ تي ڇانيل هئا. هڪ مخدوم ابوالقاسم نورالحق نقشبندي جو گهراڻو هو، ٻيو مخدوم علامه محمد هاشم ٺٽوي جو گهراڻو هو، جيڪو نه رڳو رشد و هدايت جو سرچشمو هو، بلڪ تمام وڏي ديني توڙي دنوي علمن جو سرچشمو به هو. ٽيون مير احسن الله ۽ مير نظر علي جو خاندان هو. اهو به تصوف ۽ طريقت جو سرچشمو هو. چوٿون خود ’تڪمله مقالات الشعراء‘ جي مصنف خليل جو خاندان هو، جنهن جو هر فرد ماڻهن جي نظرن ۾ بزرگيءَ جو حامل هو. آخري ٽيئي خاندان نقشبندي سلسلي سان منسلڪ هئا، ان لاڳاپي سبب ٽيئي هڪ ٻئي جي ويجهو رهيا. معرفت الاهيءَ ۾ چارئي خاندان مشهور هئا. انهن جو اثر سڄي سنڌ کان علاوه ڪڇ، ڪاٺياواڙ، بلوچستان، قلات ۽ مڪران ۾ پڻ هو. ۽ انهن علائقن ۾ سندن بيشمار مريد هئا.“ (مقدمو ص 24-23).

’تڪمله مقالات الشعراء‘ ۾ وري جن اولياء ڪرامن جو مختصر ذڪر آيو آهي، پير صاحب انهن جا تفصيلي حالات ۽ معلومات فراهم ڪيا آهن. مثلاً سيد سعدالله سورت واري جو احوال ’گلدسته صلحاي سورت‘

مان نقل ڪيو آهي. اورنگزيب ان کي پنهنجي خطن ۾ سيدي و سِندي لکندو هو. اهڙيءَ طرح مخدوم صفا بن مخدوم ابراهيم جو احوال گڏ ڪري انهن جي وفات تي ٿتي جي شاعرن جيڪي قطعا لکيا هئا، انهن کي بہ شامل ڪري ڇڏيو آهي. مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم جو احوال 'تحفة الڪرام' مان ڪٽي ڏنو اٿس، وري مخدوم ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم جا حالات 'مونس المخلصين' مان جمع ڪيا اٿس. عربيءَ ۾ هنن جي ايڪيهن تصنيفن جي معلومات هٿ ڪري انهن جا نالا ڏنا ويا. مخدوم آدم نقشبندي ۽ شيخ پير پنو ديبلي جا حالات 'تحفة الڪرام' مان ڏنا اٿس، شيخ پنو ديبلي جي تعريف ۾ 'حديقة الاولياءَ' جي صاحب جيڪو طويل نظم لکيو هو، اهو سڄو ڏيئي ڇڏيو اٿس. شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ جي خاندان مان شيخ جيو ولد شيخ نعمت الله جو احوال 'تحفة الڪرام' مان ڪٽي گڏ ڪيو ويو آهي. 'مڪلي نامه' ۾ انهن لاءِ جيڪي شعر لکيل آهن، اهي بہ لکيا اٿس.

غلام محمد معين بن مخدوم محمد امين بن مخدوم طالب الله جا حالات 'تحفة الڪرام' جي مدد سان تفصيل سان شامل ڪيا آهن. ان جو انتقال 1161هہ ۾ ٿيو. محسن ٺٽوي ان جي وفات تي جيڪي قطعا لکيا هئا، اهي بہ لکيا اٿس، سندس ايڪيهن تصنيفن جا نالا بہ لکي ڇڏيا اٿس. هي اهو ئي محمد معين آهي، جنهن جو ديوان غلطيءَ مان حضرت خواجہ معين الدين چشتي جي نالي سان منسوب ٿي ويو آهي.

'تحفة الڪرام' مان مخدوم الملڪ ابوالقاسم جو احوال بہ ڏنو ويو آهي ۽ قانع جي 'طومار سلاسل' جي حوالي سان ان جي ويهن مريدن جا نالا بہ لکيا ويا آهن، انهن حاشين ۽ تعليقات مان اندازو ٿئي ٿو تہ پير صاحب کي نہ رڳو فارسي شاعرن سان دلچسپي هئي، بلڪہ سنڌ جي اوليائن سان پڻ ڪيس عقيدت هئي، انهيءَ ڪري جتي بہ انهن جو نالو اچي ٿو تہ انهن بابت گهٽي کان گهٽي معلومات ڏئي نہ صرف پنهنجي پڙهندڙن کي حظ حاصل ڪرائي ٿو، پر پنهنجي ذهن کي بہ تسڪين ڏئي ٿو.

'تڪمله مقالات الشعراء' کي 'مقالات الشعراء' وانگر اهم ۽ مفيد ڪرڻ لاءِ ان جي مصنف خليل جي نسب نامي، سندس قبر جي تصوير ۽ ان جي لکت جو نمونو بہ ڏنو اٿس. وري مخدوم محمد هاشم

ٺٽوي، مير اصغر خان ٽالپر جعفري، مير شهداد خان حيدري، حضرت ابوالقاسم نقشبندي، زين العابدين عابد، سردار غلام محمد خان طرزي، مير عبدالحسين خان، مير علي اصغر علي، مير صوبدارخان ٽالپر، مير نظام الدين، ولي محمد خان ولي، مير ڪرم علي خان ٽالپر 'ڪرم'، مير مراد علي خان ٽالپر، مير محمد علي خان سرور، مير عباس علي خان 'مومن'، مير حسن علي خان 'احسن'، مير يار محمد خان، مير حسين علي خان 'حسين' ۽ مرزا آغا بزرگ جون يا انهن جي قبرن جون تصويرون، انهن جا ڪتبا ۽ انهن جي لکت جا نمونا به ڏنا اٿس. اهڙو اهتمام ٻين مصنفن طرفان ڪتابن ۾ ڪونه ڪيو ويندو آهي. اهو پير صاحب جي ذاتي ذوق جي طفيل هو، انهن ۾ جيڪي تصويرون آهن، انهن جي، ان حوالي سان تهذيبي ۽ تمدني اهميت ۽ حيثيت آهي جو ان زماني جي لباس ۽ رنگ ڍنگ جو مڪمل اندازو ٿي وڃي ٿو. پير صاحب کي پنهنجي مادرِ وطن سنڌ جي ادبي، علمي، تاريخي، تهذيبي، تمدني روايتن سان اهڙي غير معمولي دلچسپي هئي، جو هُو ان جي هر شيءِ کي پنهنجي قلم جي نوڪ سان ڪتابن جي ورقن ۾ منتقل ڪرڻ جي فڪر ۾ لڳو رهندو هو.

هن ڪتاب ۾ ايران جي مشهور دانشور سعيد نفيسي جي راءِ به آهي. ان ۾ هو لکي ٿو ته، "هُو ان جو قائل آهي ته، جوان يا پوڙهو. دانائُ يا نادان، عورت يا مرد جيڪي گفتا منظوم ڪيا آهن، اهي سڀ ساڳيءَ طرح محفوظ ڪيا وڃن. انهن تي گهٽي جرح ۽ تنقيد نه ڪئي وڃي، ائين ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي، ته جيئن انهن جو اصلي حالت ۾ به مطالعو ڪري سگهجي!" هُو پير صاحب مان ان ڪري به خوش هو، جو هُن سنڌ جي شاعرن جو فارسي ڪلام گڏ ڪري، سندس خواهش مطابق اها خدمت سرانجام ڏني. انهيءَ ڪري هُو ڪيس پنهنجو دوست، ڏاهو ۽ بزرگ سمجهندو رهيو. هن کي اهو افسوس هو ته ايران ۽ قديم هندستان جو رشتو ٽٽي رهيو آهي. جڏهن فارسي زبان هتي زوال پذير ٿي رهي هئي ته، سنڌي ادبي بورڊ نهايت سچائي ۽ ايمانداريءَ سان فارسي ٻوليءَ جو واڌارو ڪري ڏاهپ جو ثبوت ڏنو، پير حسام الدين راشديءَ ان سلسلي ۾ جنهن همت جو ثبوت ڏنو، انهيءَ لاءِ ايرانين وٽان اعزاز جو مستحق ٿيو. هن 'تڪمله مقالات الشعراء' کي ايڊٽ ڪرڻ ۾ جيڪا سليقائپ ۽ جرئت

مندي، وسيع معلومات ۽ وسيع النظري ڏيکاري ۽ وري ان جي مقدمي، حاشين، تعليقات ۽ ماخذن جي فهرست ۾ جيڪو عالمانہ رنگ اختيار ڪيو آهي، ان جي بہ تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي ۽ اهو بہ لکيو آهي تہ، هي ڪتاب ايرانين لاءِ فائديمند ۽ سودمند ثابت ٿيندو. اهو خراج عقيدت پير صاحبؒ جي محنت جو تمام وڏو صِلو آهي. هڪ مصنف جي وڏي خوش قسمتي اها هوندي آهي تہ هُو پنهنجي همعصر مصنفن جي نظرن ۾ بلند ۽ اهم سمجهيو وڃي. پير صاحب ان لحاظ کان ڏاڍو خوش قسمت هو تہ پاڪستان کان سواءِ هندستان، ايران ۽ يورپ جي علمي حلقن ۾ وڏي قدر جي نگاہ سان ڏٺو ويندو هو. 1976ع ۾ راقم سيرت النبي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ڪراچي آيو هو تہ ايران جا ڪافي دعوتي بہ آيل هئا. پير صاحب انهن کي پنهنجي گهر تي گهرايو هو. هن خاڪسار کي بہ گهرايو ويو. ان موقعي تي پير صاحب کي شمع ۽ ايرانين کي ان جو پروانو ڄاڻم ۽ انهن جي چرچن ڀوڳن جو جواب، هو بہ پنهنجن سهڻن ڀوڳن سان ڏيئي، انهن جي علمي ۽ ادبي گفتگو ۾ پنهنجي وزن ۽ وقار جو اعليٰ ثبوت ڏيندو رهيو. ايران، علمي ڪانفرنسن ۾ ڪيس لاڳيتو گهرائيندو هو. اتان جي هڪ رسالي 'ايران شناسي' جو ايڊيٽر بہ ٻڌايو ويو ۽ اتان جي حڪومت هن جي علمي خدمتن جو اعتراف بہ ڪيو.

### مثنويات و قصائد از قانع ٺٽوي 1961ع:

پير صاحب کي مير علي شير قانع ٺٽوي سان اهڙي دلچسپي ٿي ويئي هئي، جو هُن ان جي قصيدن ۽ مثنوين جو هڪ مجموعو بہ 1961ع ۾ شايع ڪيو. ان جو مقدمو سنڌيءَ ۾ لکيائين، جنهن کان ناواقفيت سبب آءٌ، هُن جي بيان ڪيل انهن شعرن جي خوبين کان لطف اندوز نہ ٿي سگهيس. ان ۾ جيڪي مثنويون گڏ ڪيون ويون آهن، انهن جا نالا هي آهن. 'مثنوي قضا و قدر'، 'قصاب نامه' ۽ 'محبت نامه'، وري قصيدن ۾ بہ نعتون، سورنهن حضرت علي ڪرم الله وجهہ جون منقبتون آهن، هڪ مدح ماہ رمضان تي آهي، هڪ مدح ميان سرفراز خان بن ميان غلام شاهہ

ڪلهوڙو ۽ هڪ مدح ميان عبدالنبي بن ميان نور محمد خان ڪلهوڙو واليءِ سنڌ بابت آهي.

قانع، مثنوي 'قضا و قدر' ۾ پنهنجي قادرالڪلاميءَ جو اظهار اهڙي طرح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جهڙي طرح ان ڪان اڳ، هُن جي استادن مان نورالله ضياءَ اصفهاني، محمد قلي سليم طهراني (م 1057هه)، طالب آملي (م 1035هه)، حڪيم رڪناڪاشي (م 1066هه)، مير يحيٰ ڪاشاني (م 1074هه)، محمد علي تسليم (م قبل 1077هه) پنهنجي پنهنجي مثنوي 'قضاء قدر' لکي شعر گوئي تي پنهنجي قدرت جو اظهار ڪيو هو. قانع ڪي به شايد اهو شوق ٿيو هجي ته هُو به انهن استادن جي صف ۾ شامل ٿي وڃي.

'قصاب نامه' ۾ هڪ قصو آهي، ته هڪ ڪاسائيءَ جي خوبصورت پٽ جي شادي ٿي، پر شادي واري ڏينهن ئي اُهو مري ويو. هن ۾ اُن جي حُسن و جمال ۽ سندس وفات جي ڏکوئيندڙ روئداد، پوري شاعرانه انداز ۾ پيش ڪئي وئي آهي.

'محبت نامه' جي شروعات ۾ محبت ۽ عشق جا رازو نياز هن طرح ٻڌايا ويا آهن.

محبت را پدید آوردہ از خوئش، کزاں دلہائے عشاقش بود ریش،
بہ مجنوں در رخ لیلیٰ نمودہ اگر چہ خویشتن مقصود بودہ
نہ بودہ غیر مجنوں کام لیلیٰ چہ شد گربود او بدنام لیلیٰ
میاں و امق و عذراء دوئی چیست، کہ غیر از عشق در مابین آں نیست
محبت درد و تن چوں کرد ما و آ، دوئی شد از میاں گشتند تنہا
یکٔ از اعجاز عشقست اے سخن سنج، کہ پیش از عاشقست معشوق در رنج
نیاز و ناز گر ظاہر دو حرف است، ولے ایں را ازاں خالی نہ ظرف است
چو در باطن محبت صادق آید، ہم از معشوق رنگ عاشق آید

وري ان انداز جي وضاحت شمع و پروانه ۽ گل و بلبل جي ٻاني ڪيل آهي، جنهن ۾ عشق ۽ محبت جي مصوري ڏاڍي مؤثر انداز

۾ ڪئي وئي آهي. اهڙي تصوير ڪشيءَ جو آرٽ فارسي شاعري جي محرڪن جي اعليٰ نمونن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

قانع نعتيون به لکيون ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه جون منقبتون به قلبند ڪيون. منقبتن ۾ هن جي شاعرانه محنت سان گڏ اعليٰ ڪيفيت به تمام گهڻي نمايان آهي. جيڪا انداز بيان ۽ تخيل جي اڏام انهن منقبتن ۾ آهي، اها هُن جي بين نعتن ۾ ڪا نه آهي.

هڪ قصيدو ماه رمضان تي آهي ۽ ميان سرفراز خان بن ميان غلام شاهه ڪلهوڙو، ميان غلام نبي بن ميان نور محمد ڪلهوڙو ۽ مير فتح علي خان ٽالپر جي مدح ۾ به قصيدا آهن، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي شاهي دربارن ۾ روايتي انداز ۾ قصيده خواني به ٿيندي هئي، پوءِ ظاهر آهي ته ان شاهاڻي سرپرستيءَ ۾ شاعرن جي حوصله افزائي ۽ مالي مدد به ٿيندي رهندي هوندي. قصيده خواني اڄڪلهه پسند نٿي ڪئي وڃي، پر ماضيءَ ۾ قصيدن جي ذريعي اجائي ۽ وڌاءُ واري مدح سرائي ڪرڻ ئي مقصد هوندو هو. بلڪ شاعر قصيده نگاريءَ جي ذريعي ئي پنهنجي شاعريءَ جي فن، علم جي ڏيکاءُ، ذهني ڪاوش ۽ تخيل جي اڏام جو ڪمال ڏيکاريندا هئا. قانع پنهنجي درباري قصيدن ۾ شان، جان، ذيشان، اعتلا، بها، جلا، ثنا، ناشاد، استعداد، عناد ۽ ارشاد وغيره جي قافيي ۾ جيڪي ڊگها قصيدا چيا آهن، انهن مان اندازو ٿئي ٿو ته هُو قديم فني استادن وانگر قصيده نگاريءَ ۾ پنهنجي فن جو ڪمال ڏيکاري پيو سگهي.

هن مجموعي ۾ ترجيع بند واري صورت ۾ ڏهه نعتون آهن ۽ وري حضرت علي مرتضيٰ (عليه السلام)، امام حسن(عليه السلام)، فاطمة الزهراء (عليه السلام)، امام زين العابدين (عليه السلام)، امام محمد باقر، امام جعفر صادق، امام محمد ڪاظم، امام محمد رضا، امام علي نقي، امام محمد تقي، امام محمد عسڪري ۽ امام مهدي آخرالزمان تي مخمس آهن، جن مان قانع جي مذهبي عقيدن جو اندازو ٿئي ٿو.

قانع جي مقالات الشعراء ۾ پير صاحب جي نظر مان هُن جو هڪ نامڪمل قصيدو به گذريو ته ان کي به هن مجموعي ۾ شامل ڪري ڇڏيو اٿس.

ان مجموعي جي شايع ٿيڻ سان اهو فائدو ٿيو تہ قانع جي شاعريءَ وارو سرمايو، گم ٿيڻ بجاءِ ڇپجي سامهون آيو، جنهن مان هُن جي سخنوريءَ جي مطالعي ڪرڻ جو موقعو ملي ويو آهي ۽ جيڪي اهل علم هن جي ان مجموعي جو مطالعو ڪندا، ان نتيجي تي ضرور پهچندا تہ هُو پنهنجي زماني جو هڪڙو باڪمال شاعر هو، جنهن پنهنجي دور جي فارسي شاعريءَ کي وزن ۽ وقار بخشي، خوبصورت بڻائي، سنڌ جي ادبي ۽ علمي ثقافت کي بلند ڪيو. اهڙيءَ طرح علمي حلقا بہ پير صاحب جا شڪرگذار آهن، جو هن مجموعي کي شايع ڪري هڪ مفيد ادبي ۽ ثقافتي خدمت انجام ڏنائين.

قانع جي غزل گوئي جو رنگ بہ ڏسو:

در زمان عارض گل رنگ آن مست شراب
گر گلی افتد بہ چشمی آب او باشد گلاب

تا بخواند یاد من باشد ورا نقشی بر آب
حرف حرف نامہ ام گویا بود جرم سحاب

دست مشاطہ ز دور کاکلش کوتاہ بود
یا رب از سعیٔ کہ افتادست این مشکین طناب

در رہ دلدار نبود رہروی را پیش رفت
کعبہ را دریافتہ آنکس کہ او از خویش رفت

شب بیاد آن کمان ابرو دلم در بر طپید
تا نشانش یافتم یک تیر واری پیش رفت

در مثل تیر کمان دان حالت چلہ نشین
راست دینی یا کجی امیختہ از کیش رفت

در کفش قانع رسید رشتہء عمر دراز
شانہ سان ہر دل کہ در گیسوش باصد ریش رفت

**تاريخ مظهر شاهجهاني از يوسف ميرڪ 1962ع:**

پير صاحب 1962ع ۾ 'تاريخ مظهر شاهجهاني' ايڊٽ ڪري شايع ڪيو. ڪيس شڪايت هئي تہ مغلن جي دور ۾ جيڪي تاريخون لکيون ويون، انهن ۾ سنڌ جي حالتن جو ذڪر اٽي ۾ لوڻ برابر لکيل آهي. هُن کي خوشي ٿي تہ مظهر شاهجهاني ۾ مغلن جي ابتدائي دؤر واري سنڌ جا حالات ۽ تفصيلي معلومات ملن ٿا. تاريخ سنڌ جي سلسلي ۾ جيڪو وڏو مونجهارو ۽ خال هو، اهو هن ڪتاب سان پورو ٿي وڃي ٿو. هن پنهنجي ان ڏک جو بہ اظهار ڪيو آهي تہ جڏهن مؤلف هي ڪتاب لکيو هو تہ شاهجهان جي دؤر ۾ ان جي هڪ ناظم سنڌ جي ماڻهن تي ڏاڍا ظلم ڪيا، پر ان سان گڏ خوشيءَ جو پڻ اظهار ڪيو اٿائين تہ، ان ۾ ان دؤر واري سنڌ جي سياسي، انتظامي ۽ ملڪي واقعن کان علاوه جغرافيائي ۽ اقتصادي حالتون بہ ڏاڍي تفصيل سان ملن ٿيون، پنهنجي مقدمي ۾ ان جو ذڪر ڪرڻ وقت، هن تي خوشيءَ جي ڪيفيت طاري ٿي وئي آهي. شايد انڪري تہ، اهو هُن جي مادر وطن سنڌ جو تفصيل هو. هُو ان لحاظ کان بہ خوش هو تہ سر هينري اليٽ جهڙو باوسائل مستشرق بہ ان ڪتاب جي زيارت کان محروم رهيو، پر سنڌ جي هيءَ حيرت انگيز تاريخ سندس ذريعي ڇپائيءَ جي زيور سان آراستہ ٿي. ان ۾ هُو پنهنجي صحت جي خرابيءَ سبب اهي حاشيا ۽ تعليقات تہ قلمبند نہ ڪري سگهيو، جيڪي هُن جي ايڊٽ ڪيل ڪتابن جون خاصيتون آهن، پوءِ بہ جابجا ڪجهہ حاشيا لکي ڇڏيا اٿس، سنڌي نالن ۾ ماڳن جي صحيح پڙهڻي بہ شامل ڪئي اٿس. ۽ ڪن تاريخي آثارن ۽ شخصيتن تي بہ حاشيا لکيا اٿس ۽ مؤلف جي خاندان جو شجرو بہ ڏيئي ڇڏيو اٿس، ان بابت لکي ٿو تہ:

"هن جي والد مير ابوالقاسم نمڪين جو اباڻو وطن سبزوار جي پسگردائيءَ 'بجق' ۾ هو. هُو ڪابل جي والي مرزا حڪيم بن همايون وٽ ملازم هو. اتان هندستان آيو تہ اڪبري اميرن جي حلقي ۾ شامل ٿي ويو. هُو پنهنجي سرڪاري عهدن سبب گهڻو ٽڻو سنڌ ۾ رهيو. هن جي خاندان اڍائي صدين تائين سنڌ ۾ عروج ۽ مان مرتبي وارا ڏينهن گهاريا ۽ گهڻائي علمي ادبي يادگار ڇڏيا. انهن مان ئي هيءَ تاريخ مظهر شاهجهاني بہ آهي."

انهيءَ خاندان جا حالات قلمبند ڪرڻ ۾ پير صاحب جيڪا محنت ڪئي، ان ڪري هي خاندان علمي بيڙيءَ ۾ سوار ٿي ويو، ورنہ انهيءَ تي گمناميءَ جو پردو پيل هجي ها. پير صاحب ان ۾ جهانگير جي ملڪہ نورجهان بيگم جي ماءُ پيءُ جي سلسلي جو شجرو ڏئي هڪ وڏي خدمت ڪئي آهي. ان سان هن خاندان جي سياسي سرگرمين کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

**هشت بهشت عطا ٺٽوي 1963ع:**

پير صاحب کي سنڌ جي فارسي شاعرن جي شاعريءَ سان گهڻي دلچسپي هئي، ان ڪري هُن ملا عبدالحڪيم عطا ٺٽوي (المتوفي 1118ع) جو هشت بهشت 1963ع ۾ ڇپيو. اهو 1085ع ۽ 1118ع جي وچ ۾ لکيو ويو، جنهن ۾ 'روح رصوان'، 'حظ الجنان'، 'ڪنزالاحسان'، 'نورالاعيان'، 'حصن الامان'، 'بحرالعرفان'، 'حرزالايمان' ۽ عجز ۽ نياز تيْ اٺ مثنويون آهن. ان تي پير صاحب سنڌيءَ ۾ مقدمو لکيوآهي، جنهن مان استفادو نہ ڪري سگهيس. مقدمو 160 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن تي هڪ نظر وجهڻ سان اندازو ٿئي ٿو تہ ان جي هر مثنوي تي پير صاحب، ان جي نوعيت ۽ تفصيل ٻڌائي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. ملا حڪيم عطا ٺٽوي پنهنجي پهرين 'روح رضوان' سنائي غزنوي جي مثنوي 'حديقه' جي بحر ۾ لکي آهي، ان ۾ اطاعت، پرهيزگاري، حمد ۽ نعت جا جيڪي شعر پير صاحب کي پسند آيا آهن، انهن کي نقل ڪندو ويو آهي. مثنوي 'حظ الجنان' سعدي جي بوستان جي بحر ۾ لکي وئي، ان جي مناجات ۾ زورآوري، سادگي ۽ مطلب جي ادائگيءَ جو حسن بيان آهي. ان کان پير صاحب متاثر ٿيو آهي ۽ ان جا نمونا جججهي تعداد ۾ نقل ڪيا اٿس. مثنوي 'ڪنزالاحسان' ۾ مثنوي 'يوسف زليخا' وارو بحر ۾ آهي. مثنوي 'نورالاعيان' خاقاني شرواني جي 'تحفة العراقين' جي بحر تي چئي وئي آهي. ان ۾ جيڪا مناجات آهي ان کان بہ پير صاحب متاثر ٿيو. مثنوي 'حصن الامان'، مشهور مثنوي، 'مخزن الاسرار' جي بحر ۾ قلمبند ٿي. ان ۾ جيڪا مناجات آهي، ان جي هينين شعرن کان پير صاحب

متاثرنظر اچي ٿو. انڪري ان کي خاص طور تي پنهنجي مقدمي ۾ درج ڪيو اٿس.

داد رسا، داد گرا، داد بخش — عاجزیم بین و بفریاد بخش
فاتحه آرایے کلام قدیم — بسم اللہ الرحمٰن الرحیم
اول طغرایے کتاب کریم — بسم اللہ الرحمٰن الرحیم
آخر دعوات بہ یمن عظیم — بسم اللہ الرحمٰن الرحیم
سربسجود تو رخم بر زمیں — ارحمنی یا رحم الراحمین

ان سلسلي ۾ پير صاحب وڏي محنت سان انهن سيني شعرن کي گڏ ڪيو آهي، جيڪي مير محمد باقر، زلالي خوانساري، نواب مخلص خان، ميرزا حسين، آقا محمد فاضل، گل محمد عباسي سنڌي، مير اسدالله سنڌي، محمد سليم، مير حزب الله مسڪين سنڌي، سيد علي گوهر تخلص حبيب الله سنڌي، اسماعيل تخلص ذبيح الله پنهنجي شعرن ۾ بسم الله الرحمٰن الرحيم جي مصرع وانگر استعمال ڪيو آهي. مثلاً گل محمد عابسي جو شهر آهي:

"بسم اللہ الرحمٰن الرحیم — تازہ گل ہست ز باغ کریم"

مير حزب الله مسڪين سنڌيءَ هن طرح چيو آهي:

"بسم اللہ الرحمٰن الرحیم — تاج سر سبع مثانی کریم"

اسدالله گوهر تخلص حبيب الله سنڌيءَ جو شعر آهي:

"بسم اللہ الرحمٰن الرحیم — ہست علم بر در باغ نعیم."

مثنوي 'بحرالعرفان' جو بحر اهو ئي آهي، جيڪو جامي جي مثنوي 'سجة الابرار' جو آهي. ان جي ڪيترن ئي شعرن کي پير صاحب پنهنجي مقدمي ۾ نقل ڪيو آهي، جن ۾ هي به آهن:

اے تو پیدا کن دین صافی — کہ بود در ہمہ عالم وافی
کردہ از قوم پرستندہ رب — منہدم بت کدہء اہل عرب
کردہ ز آب کف شیران اجم — سرد آتش کدہء اہل عجم
اے تو زایل کن اہل تضلیل — و ز ابابیل باصحاب الفیل
فضل تو عدل نمایے طمغاج — خشم تو ظلم نمائی حجاج
قاطع سلسلہء سفیانی — قاہر طائفہ مروانی

انهن شعرن کي نقل ڪرڻ وقت پير صاحب جي دل جي ڌڙڪن خبر ناهي تہ ڪيتري تيز ٿي وئي هوندي.

مثنوي 'حزرلايمان'، مثنوي مولانا روم جي بحر ۾ آهي. ان جي شعرن ۾ جيڪي فلسفيانہ مضمون آهن، انهن جي نشاندهي ڪندي پير صاحب انهن شعرن کي خاص طور تي نقل ڪيو آهي.

اے بہ حلق آب و گل رانده قلم — با وجود تو وجود ما عدم
اہل جاں راگر نشانی دیگر است — بے زباں راہم زبانی دیگر است
ز آب و گل گلہائے رعنا بر دمید — یعنی انسانہائے کامل سر کشید
وین دگر تاویل ایں ہرچار را — بر نشاندی پہلوئے گل خار را
خار ابلیس است و گل آدم بود — باد و آتش، آب و گل باہم بود

ان مثنوي ۾ مناجات گوئي ۾ جيڪا پختگي آهي، انهن ڪان بہ پير صاحب متاثر آهي ۽ نموني طور ڪيترائي شعر لکيا اٿس. انهن مان تفرج الاشياء ۽ في بيان الموت و يوم الحشر جي عنوانن هيٺ جو ڪجھ چيو ويو آهي، ان ما ڪيترا شعر نقل ڪري پير صاحب انهن ڏانهن پنهنجي پسندگيءَ جو اظهار ڪيو آهي. نعت جا شعر بہ جيڪي ڪيس پسند آيا آهن، انهن کي بہ نقل ڪيو اٿس، جن مان ڪجھ هي آهن:

مصطفیٰ اول ہم آخر مصطفیٰ — مصطفیٰ فخر مفاخر مصطفیٰ
جملہ خوباں سرفدائے پائے او — آرزو منداں راه ورائے او
قبلہ پاکاں قدم قدم کاہش بود — کعبہء آزاد گاں راہش بود
لالہ رویاں سر و او را سر بپا — ہم چو بلبل برگل حسنش فدا
از ازل گر دفتری انشا کنم — تا ابد گر قصہ ای املا کنم
ہر سر مو صد زباں سازم بناں — شمہ نتوانم بیان سازم ازاں

هن جي آخري مثنوي عجز و نياز آهي، جنهن ۾ سندس حالات بہ درج آهن، انهن کي ماخذ بڻائي پير صاحب هن جا سمورا حالات قلمبند ڪيا آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن جي نجي ۽ خانگي زندگي ڏکن ۽ تڪليفن سان پريل رهي. شايد ان ڪري هي مثنويون لکي دل وندرائيندو رهيو.

هي مثنويون 32 سالن ۾ لکيون ويون. پهرين مثنوي ’روح رضوان‘ 1085ع ۾ لکي وئي. آخري مثنوي عجز و نياز 1117ع ۾ ختم ٿي. ان وقت تائين تہ خمسه لکي شاعريءَ جو فن ڏيکاريو ويندو هو. پر عطا ٺٽويءَ اٺ مثنويون جنهن محنت ۽ مشقت سان 32 سالن جي ڊگهي عرصي ۾ لکي پنهنجي آرٽ ۽ ڪمال جو مظاهرو ڪيو آهي، اهو اسان جي دور جي شاعرن لاءِ عبرت ۽ حيرت جو مقام آهي. هُن اهڙي زماني ۾ پُرمغز فلسفيانہ ۽ حڪيمانہ انداز جون مثنويون لکي خراج عقيدت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ۾ شعر و شاعريءَ جو جيڪو فن نظر اچي ٿو، اهو بہ موجوده دور جي شاعرن وٽ نٿو ڏسجي. پير صاحب انهن مثنوين کي شايع ڪري نہ صرف ان دور جي قيمتي ادبي سرمايي کي محفوظ ڪيو آهي، بلڪ موجوده دور جي شاعرن کي سبق ڏيڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي تہ ماضيءَ ۾ شاعرن پنهنجي ڪمال جو فن ڪهڙي طرح ڏيکاريندا رهيا ۽ هاڻ فن ڪمال جي اظهار جو معيار ڇا ٿي ويو آهي.

انهن مثنوين ۾ انهيءَ دور جي مذهبي ۽ سماجي حالتن جي بہ عڪاسي ٿيل آهي. مناجات، نعتون ۽ مذهبي خيالن جو اظهار جنهن گهرائي ۽ حقيقت پسندي سان ڪيو ويو آهي. ان مان ان دور جي دينداري، خدا پرستي ۽ مذهب سان لڳاءُ جو اندازو تہ ٿئي ٿو. پر شاعر کي شڪايت هئي تہ سندس قدرداني نہ ٿي آهي جنهن جو اظهار هن طرح ڪندو رهيو.

منظر ٹھٹھہ ندارد بجز، ایں ہیچ خطا

قحط قدر ہنرش لازمہء خاک خمیر

اگر خوش آب ہوا ہست شہر ٹھٹھہ ما

بقدر قحط ہنرہین وطن خجستہ ما

دیار مسکن ما گر چہ خوش بہ آب و ہوا ست

بقحط قدر ہنر منزلے ایست دل خستہ

**منشورالوصيت از ميان نور محمد 1964ع:**

پير صاحب 1964ع ۾ واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي تصنيف 'منشورالوصيت' شايع ڪيو، جنهن ۾ هن حڪمرانيءَ لاءِ ڪجهه وصيتون قلمبند ڪيون آهن. ته جيئن اهي نه رڳو سندس اولاد بلڪ ٻين حاڪمن جي لاءِ به ڪم اچن. هيءَ تصنيف تقريباً 1163هه ۾ لکي وئي. ميان نور محمد جي طبيعت ۾ مذهبيت هئي، جنهنڪري عبادتن، اهل بيت جي محبت، عالمن ۽ صالحن جي صحبت، روزي ۽ نماز جي پابندي، خدا جي بندگي ۽ موت جي يادگيري تي زور ڏنو اٿس، وري پاڻ استقلال ۽ همت، سادو لباس ڍڪڻ ۽ پاڻ ۾ محبت ۽ اخلاص سان رهڻ جي تعليم ڏني اٿس. حڪمرانن لاءِ عيش و عشرت نقصانڪار قرار ڏنو اٿس. انهيءَ ڪري هي مسلڪ ٻڌايو اٿس ته: "دست بکار دل بیار." هر حڪمران کي اها تلقين ڪئي اٿس ته، هُو پنهنجي حڪومت کي الله تعاليٰ ۽ رسول ڪريم صہ جو عطيو ۽ تحفو سمجهن ۽ اهو رهنما اصول بنائين ته:

"خلاف پیمبر کسی رہ گزید　　که ہرگز بمنزل نخواہد رسید."

اها به نصيحت ڪئي اٿس ته انصاف ڪرڻ وقت پنهنجي پرائي کي هڪ نظر سان ڏسو. "آنچه بر خود نه پسندی بر دیگراں روا مدار." فوج جي خبرگيري ۽ نگراني جي هدايت ڪندي لکيو اٿائين ته، "لشڪر 'پاڻ' جي پن جهڙو ٿئي ٿو. جيڪڏهن ان جي سار سنڀال نه لهبي ته جلدي پن سڪي سڙي ويندو آهي. اهڙي طرح لشڪرن جي ڏينهن رات خبر چار نه ورتي ويندي ته، اهي نِڪما ٿي ويندا آهن."

جناب پير حسام الدين راشدي صاحب هن ڪتاب کي شايد ان ڪري به ڇپايو ته موجوده دور جا حڪمران به انهيءَ وصيت مان فائدو وٺن. هن ڪتاب ۾ ڪجهه ضميمن جو به اضافو ڪيو اٿس. جهوڪ واري جنگ جي سلسلي ۾ ميان يار محمد خان، نواب سيد حسين خان، ميران سنگهه کتري جا خط، وري ميان نور محمد عباسي ۽ مير لطف الله لڪعلوي جي نالي راءِ انندرام مخلص جا خط ۽ ان ئي آنندرام 'مخلص' جي تاليف 'بدائع و قائع'، باغ علي سنڌيءَ جي ڪتاب 'نامه نغز'، سيد مير محمد بلگرامي جو 'تبصرة الناظرين' ۽ شاهنواز خان جو 'مآثرالامراء' مان اقتباس ڏيئي ۽

شيخ رحمت الله سنڌيءَ جو هڪ خط نقل ڪري ۽ 'نامه نغز' جيان 'شاهه نامه نادري' يا 'نادرنامه' جا شعر پيش ڪري، ان دؤر جي سنڌ جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ لاءِ مفيد مواد فراهم ڪري ڇڏيو اٿس، هن ڪتاب کي ايڊٽ ڪرڻ ۾ پير حسام الدين راشدي صاحب 45 ڪتابن تان مدد ورتي آهي. ان کي خوبصورت بنائڻ لاءِ ميان يار محمد ۽ ميان نور محمد جي مقبرن جون تصويرون بہ ڏنيون آهن. انهن پنهي جون مُهرون ڪيس مليون تہ انهن جا عڪس بہ ڏنائين. نادر شاهہ، ميان نور محمد ۽ مراداياب جون تصويرون ڏيئي، پڙهندڙن جي نظرن کي بہ نظارو ڪرايو اٿس.

**ترخان نامه از مير محمد ٺٽوي 1964ع:**

پير صاحب 1964ع ۾ 'ترخان نامه' شايع ڪيو، جنهن ۾ ارغون ۽ ترخان خاندان جي دؤر واري سنڌ جي تاريخ آهي، جيڪا سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي تقريباً 1065هہ ۾ لکي. ڪتاب جو متن 99 صفحا آهي، پر پير صاحب ڪتاب ايڊٽ ڪندو هو تہ ان ۾ پنهنجي پوري محنت جا جلوا مختلف نمونن سان ڏيکاريندو هو. هن ڪتاب جي شروع ۾ 74 صفحن جو پيش لفظ لکيائين، جنهن جي شروعات ۾ ارغون ۽ ترخان خاندانن جو ذڪر ڪري اهو ٻڌايو اٿس تہ انهن جو احوال ڪهڙن ڪهڙن ڪتابن ۾ ملندو، اهڙن ڪتابن جو تعداد 33 ٻڌايو اٿس. اهو ڪڏهن لکيو ويو، ان جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ، هي مرزا عيسيٰ خان ترخان جي پٽ مرزا محمد صالح ترخان جي حڪم تي لکيو ويو. جڏهن اهو لکيو پئي ويو، ان وقت شاهجهاني دور هو. پير صاحب پنهنجي عادت مطابق مصنف جو خانداني احوال بہ جمع ڪيو آهي، جنهن ۾ سندن وڏڙن جا حالات ملن ٿا. انهن جو جد امجد سيد محمد المعروف نامه ميران محمد، شيراز کان سنڌ ۾ آيو ۽ سيدپور علائقي ۾ رهائش پذير ٿيو. اهو ڄام نظام الدين سمي جي حڪومت جو زمانو هو. هُن جو پٽ سيد احمد ٺٽي منتقل ٿي ويو، جتي سندس اولاد عزت ۽ احترام سان رهيو. ترخان نامه جو مصنف انهيءَ خاندان مان هو. هن جو پوٽو مير زين العابدين فارسيءَ جو بہ شاعر هو، قانع تخلص اختيار ڪندو هو، هڪ منظوم ڪتاب 'حرزالبشر' پڻ

لکيو، پنهنجي سهڻين خاصيتن سبب اعليٰ ترين اڪابر هو. انهيءَ خاندان جو قبرستان مڪلي ۾ آهي، جنهن جو ذڪر مڪلي نامه ۾ به آهي.

پير صاحب کي ترخان نامه جا ٽي نسخا برٽش ميوزم لنڊن مان مليا، انهن کي ئي اڳيان رکي هي ڪتاب ايڊٽ ڪيائين ان جو ڪارگر حصو اهوآهي، جنهن ۾ شاهه بيگ ارغون، مرزا شاهه حسن ارغون، مرزا عيسيٰ خان ترخان، مرزا محمد باقي ترخان، مرزا يا بنده بيگ ترخان، مرزا غازي بيگ ترخان، نواب مرزا عيسيٰ ترخان جو تاريخي احوال آيل آهي. پير صاحب هن ڪتاب بابت لکي ٿو ته:

”هي ميرمعصوم جي تاريخ جو اڌپورو خلاصو آهي. ۽ تاريخ طاهري ۾ جو ڪجهه لکيل آهي ان ۾ ڪوبه اضافو ٿيل نه آهي“.

پوءِ به هن ڪتاب جي ايڊٽ ڪرڻ ۾ 36 ڪتابن ۽ گهڻن مقالن تان مدد ورتي وئي آهي ۽ حاشين ۾ ڪارائتا نوٽ لکيا ويا آهن. جيتوڻيڪ انهن حاشين ۾ پير صاحب جي تحرير جي اها رنگيني ۽ فراواني نه آهي، جيڪا ان جي ايڊٽ ڪيل ٻين ڪتابن جي تعليقات ۾ آهي. ان جو سبب اهو آهي ته، ان زماني ۾ پير صاحب دل جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو هو، ۽ فلپائن جي شهر منيلا ۾ وڃي ڪيس آرام ڪرڻو پيو، ڪتاب سندس غير موجودگيءَ ۾ ئي ڪراچيءَ مان ڇپجي ويو. هن ڪتاب ڇپجڻ ڪانپوءِ ان ۾ تعليقات جو واڌارو ڪرڻ گهريو پئي پر سندس ٻين مصروفيتن سبب ائين ممڪن ٿي نه سگهيو. ڪتاب جي مصنف، عبدالعلي ترخان، مرزا غازي، مرزا جاني بيگ، مرزا جان بابا، مرزا عيسيٰ اول جي وفات جا سال صحيح لکيل نه هئا، پير صاحب انهن جي تصحيح ڪئي، جنهن سان هن جي ديده وري جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ان ڪتاب جي ايڊٽ ڪرڻ ۾ پير صاحب جي سخت محنت ان وقت نظر اچي ٿي، جڏهن مصنف، پهرين حصي ۾ حضرت نوح کان تومنه خان تائين، تومنه خان کان امير اڪوتمر تائين، امير اڪوتمر کان امير حسن بصري تائين، وري اڪوتمر کان عبدالعلي ترخان تائين، عبدالعلي کان عيسيٰ ثاني تائين، وري ٻئي حصي ۾ تومنه خان کان امير تيمور تائين ۽ امير تيمور کان بابر تائين نسب نامه لکيا آهن. پير صاحب کي اهي نسب نامه ناقص نظر آيا، ڇو ته سندس تحقيق موجب هيٺيون ڪجهه

ڪڙيون ٺُٺي پيون آهن، انڪري ترخان نامه جي نسب نامن سان گڏ ’روضة الصفا‘، ’حبيب السير‘، ’ظفر نامه‘، ’جامع التواريخ‘، ’جهان ڪشائي جويني‘، ’اويماق مغول‘، ’تاريخ مغول‘، ’تاريخ سيد مير معصوم‘، ’بيگلار نامه‘، ’تاريخ طاهري‘ ۽ ’مآثر رحيمي‘ ۾ جيڪي نسب ناما لکيل آهن، انهن کي ڪتاب جي آخر ۾ درج ڪيو ويو آهي. مڪلي ٽڪريءَ جي ڪن قبرن تي جيڪي ڪتبا درج ٿيل آهن، انهن مان به مدد ورتي ويئي آهي. اهڙي خشڪ موضوع ۾ ڪير ٿو دلچسپي وٺي، پر پير صاحب جي اها روزمره جي عادت ٿي ويئي هئي ته جنهن علمي ڪم کي لڳندو هو، ان کي پنهنجو نور نچوڙي به پورو ڪندو هو. جنهن جو هڪ نمونو، انهن سڀني نسب نامن جي تصحيح ۽ تفصيل آهي. هن کي نسب نامن ۽ شجرن ترتيب ڏيڻ ۾ شايد گهڻو مزو ايندو هو، انڪري جتي به ڪيس موقعو ملندو هو ته هُو شاعرن، مصنفن، بادشاهن ۽ اميرن جا نسب نامه ۽ شجرا مرتب ڪندو هو. سندس هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ ڇپيو آهي.

پير صاحب بزرگن ۽ اوليائن جا حالات به اهڙي ئي دلچسپيءَ سان قلمبند ڪندو هو، جهڙي طرح شاعرن جي ذڪرڪرڻ ۾ هن جو قلم رَوان ٿي ويندو هو. ’ترخان نامه‘ جي مقدمي ۾ ان جي مؤلف جي خاندان جو احوال لکڻ جي سلسلي ۾ ان جي بزرگن مان سيد مراد شيرازي جو ذڪر ڪندي وڏي احترام سان هيءَ معلومات مهيا ڪري ٿو ته هو وڏو صوفي، صاحب طريقت ۽ مشهور ديندار هو، ماڻهو ٽولين پنيان ٽوليون ڪري وٽس مذهبي رهنمائيءَ لاءِ ايندا هئا. هُن جيڪو فيض ۽ هدايت جو سلسلو جاري ڪيو هو، اهو اڃان تائين جاري آهي. سندس عرس جي موقعي تي عقيدتمندن جا هجوم هوندا آهن. هن جي وفات 893هه ۾ ٿي. سندس مزار مقدس مڪلي ٽڪريءَ تي آهي. مڪلي نامه جي مصنف هن جي باري ۾ جو ڪجهه لکيو آهي، ان کي به پير صاحب نقل ڪيو آهي. ان ۾ ڄاڻايل آهي ته هن جي مزار گلشن راز انوار الاهي آهي ۽ هن جي مزار جي سفيدي طُور واري تجليءَ مثل آهي. ڪجهه شعر به آهن، جن مان هڪ شعر هي آهي:

هرآں سائل کہ بر درگاہش ناید    دہن ناکردہ وا مقصود باید

حديقة الاولياء جي مصنف هُن جي هڪ طويل مدح لکي آهي. پير صاحب پنهنجي مقدمي ۾ ان کي بہ شامل ڪيو آهي، ان جا پهريان ٻہ شعر هي آهن:

ملک سیرت، آن پیر سید مراد　　خجستہ لقا و مبارک نہاد
فروزاں چراغے ز آل رسول　　گل گلشن مرتضٰی و بتول

پير صاحب حضرت سيد مراد جي وڏي ڀاءُ حضرت سيد علي ثاني جو بہ ذڪر گهڻي احترام سان ڪيو آهي تہ هُو وڏو عالم ۽ صاحبِ دل هو. تفسير، فقه ۽ ٻين ديني علمن تي وڏو عبور رکندو هو. سڄي عمر ماڻهن جي خدمت ڪندي گذاريائين. پنهنجي ڀاءُ حضرت سيد مراد جي وفات کان پوءِ ان جو جانشين ٿيو. گهڻا مشائخ ان کان فيض حاصل ڪري يگانہ روزگار ٿيا. انهن مان ٺي حضرت سيد عبدالڪريم بہ هو، جنهن جي ولايت ۽ هدايت سان سڄي سنڌ فيضياب ٿي. ڪيس سنڌي، عربي ۽ فارسي ٽنهي ٻولين تي وڏو عبور حاصل هو. سنڌيءَ ۾ شاعري بہ ڪندو هو. سندس تصنيفن ۾ 'آداب المريدين' ۽ 'تذڪرة المراد' آهن. پنهنجي خاندان جو تذڪرو بہ لکيائين. محفل سماع مسلسل ڪرائيندو هو ۽ ماڻهن کي دعوت ڏئي ڪاڌي پيتي ۽ مهمانيءَ جا آداب سيکاريندو هو. ديني مسئلن ۾ وڏي ڪوشش ورتائين. مير معصوم لکيو آهي تہ، سندس بخت ۾ جا آمدني ٿيندي هئي، ان جو اڌ حصو فاضلن ۽ حج جي پانڌيئڙن کي ڏئي ڇڏيندو هو. پاڻ ٻارنهن ڀيرا حج ڪيائين، ربيع الاول جي شروعاتي ٻارنهن ڏينهن ۾ سيدالمرسلين صلي الله عليه وسلم جي پاڪ روح تي فاتح موڪلڻ لاءِ فقيرن ۽ مسڪينن کي ڪاڌو کارائيندو هو. پير صاحب 'حديقة الاولياء' مان اها مدح بہ نقل ڪئي آهي، جيڪا ان جي شان ۾ لکي وئي آهي. جنهن جا ٻہ شعر هي آهن:

آن والی کشور ولایت　　برہان ممالک ہدایت
صاحب دل عارف محقق　　بیدار ولی دلی مطلق

رضائي ٺٽوي جي مشهور مثنوي 'زيبا نگار' ۾ ان بابت جيڪي شعر لکيل آهن، پير صاحب اهي بہ لکي ڇڏيا آهن. ان جا ٻہ شعر هي آهن.

کہ آن طغرائے منشور سیادت　　فروغ دیدہ ای نور سعادت

شه معنی جهانگیر ولایت      جوان مرد جهاں پیر ہدایت

حضرت سيد علي ثاني جي صاحبزادي ۽ جانشين حضرت سيد جلال ثاني جو ذڪر پير صاحب نهايت عقيدت ۽ احترام سان ڪيو آهي ته هُو پنهنجي والد بزرگوار جيان ئي اهل دل، صاحب رشد و هدايت هو ۽ ان سان گڏ علمي گهرائي، سياسي بصيرت، مهمان نوازي ۽ سخاوت جي وصفن سان سينگاريل هو. مير معصوم جي ئي حوالي سان هن بابت لکي ٿو ته: ”هو زهد و ڪمال جي زيور سان سينگاريل هو ۽ مڙني علمن ۾ منفرد ۽ ذهني لطافت ۽ مروت ۾ بي نظير هو.“

پير صاحب کي انهن بزرگن جا حالات قلمبند ڪرڻ ۾ گهڻو سُڪون مليو، جيئن سندس تحرير مان ظاهر آهي. هُن انهن بزرگن سان جيڪا پنهنجي عقيدت ڏيکاري آهي، دعا آهي ته انهن جي صدقي بارگاه خداونديءَ ۾ سندس به مغفرت ٿي پوي.

## مڪلي نامه از مير علي شير قانع ٺٽوي 1967ع:

1967ع ۾ پير صاحب مير علي شير قانع ٺٽويءَ جي ’مڪلي نامه‘ کي به ايڊٽ ڪري شايع ڪيو. هُن کي مير علي شير قانع سان مڙئي عشق ٿي ويو هو، انهيءَ ڪري جو اُهو به هِن وانگر سنڌ جي عشق ۾ سرشار رهيو. هو سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي شاعرن ۽ فاضلن جو تذڪرو لکي سنڌ کي اهو مقام ڏيڻ پيو چاهي، جنهن جي اها حقدار هئي. اهو ئي جذبو پير صاحب ۾ به موجود هو، ان ڪري هو هر ان شيءِ ڏانهن متوجهه ٿيندو هو، جنهن سان سنڌ جا تاريخي، سياسي، علمي، ادبي پهلو نمايان ٿين. مڪليءَ جو قبرستان پنهنجي خاموش زبان سان سنڌ جي گذريل شاندار تاريخ جي ياد ڏياري ٿو. مير علي شير قانع مڪلي نامه لکي، ان ياد کي تازو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اُهو فارسيءَ ۾ لکيو ويو، پر ان ۾ پير صاحب جيڪي حاشيا ۽ اضافا قلمبند ڪيا آهن، اهي سنڌيءَ ۾ آهن. هن پنهنجي سنڌي تحريرن ۽ خاص طور حاشين ۽ تعليقات ۾ ان کي جنهن نموني نمايان ڪيو آهي. ان جو لطف ته اهي اهل علم ئي وٺي سگهن ٿا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ کان واقف آهن. پر هن خاڪسار کي مڪليءَ جي شاهي قبرستان ڏسڻ جو اتفاق خود پير صاحب جي صحبت

۾ ٿيو. سندس ساٿ ۾ هندستان ۾ ايپي گرافيءَ جي شعبي جو سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر ضياءالدين ڊيسائي ۽ پاڪستان جي آثار قديمه جو سپرنٽينڊنٽ جناب خورشيد حسن به هو. هي ٻئي صاحب ته خود قديم آثارن جا ماهر هئا، پر منهنجي لاءِ پير صاحب (پاڻ) 'مڪلي نامہ' بڻيل رهيو. ان ڇهن ميلن واري قبرستان جي کنڊرن ۾ هو اهڙيءَ طرح نظر اچي رهيو هو، ڄڻ سنڌ جي تاريخ جو هڪ چمنستان ڏسي رهيو آهي. سنڌ جا اهي حڪمران، شهزادا، صوبيدار، وزير، روحاني پيشوا ۽ شاعر جيڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ سياسي، مذهبي ۽ ادبي قوت بڻيل هئا، هاڻي هتي ابدي ننڊ ۾ سمهي پنهنجي زيارتين کي سنڌ جي پراڻي عظمت جي ياد ڏياري رهيا آهن. پير صاحب پاڻ سان گڏ ان جي مختلف گوشن ۾ وٺي ويو. مون کي اتي به پهچايائين، جتي سما دؤر جي مقبرن ۾ ڄام نظام الدين، مبارڪ خان، ملڪ راڄ پال جون مزارون آهن. ترخاني ۽ ارغوني دؤر جي عيسيٰ خان ترخان، باقي بيگ، طغرل بيگ، عيسيٰ خان ترخان ثاني، جان بابا ۽ ديوان شرفاء جي شاندار ابدي خواب گاهن کي ڏسي سنڌ جي پراڻي تاريخ نظرن آڏو ڦرندي رهي. هر عمارت تي پير صاحب پنهنجي ڪانہ ڪا راءِ ظاهر ڪندو هو. مرزا عيسيٰ خان ترخان جي مزار تي جيڪو ڪتبو هو، ان کي پڙهي ان جي اهميت ٻڌائي. ان جي وچ ۾ جيڪي سجاوٽون ۽ خط جو نمونو هو، ان جي خوبصورت محرابن جي جيڪا نوعيت هئي، ان جي وضاحت ڪندو رهيو. جان بابا جي قبر تي جيڪو ڪتبو ۽ ان جي پٿرائين محراب تي جيڪي نقش هئا، اهڙي طرح جاني بيگ ۽ غازي بيگ جي مقبرن ۾ جيڪا سونهن، ڪاشي ڪاري ۽ سنگ تراشي ٿيل هئي، ان جي وضاحت ڪندو رهيو. وري هڪ عمارت ڏيکاريائين جنهن کي ماڻهو 'ست چاڙهي' چوندا آهن. ان بابت سندس خيال هو ته هي پنهنجي نرالي بناوٽ ۽ خوبصورتيءَ سبب سڄي مڪلي تي حاوي آهي، ان کي ترخاني دؤر حڪومت جي امير خسرو چرڪس پنهنجي مقبري جي لاءِ ٺهرايو هو. پر ان کي هت دفن ٿيڻ نصيب نہ ٿيو. سندس وفات اجمير جي قيدخاني ۾ ٿي ۽ خواجہ معين الدين چشتي اجميريءَ جي مزار جي چوديواريءَ ۾ دفن ٿيو. اها ڳالهہ به نڪتي ته انهن عمارتن ۾ ڪٿان جا اثر گهڻا آهن؟ ان تي ته سيني جو اتفاق هو ته

ڪيترن عمارتن تي جيڪي قرآني آيتون گهڻي ماهراڻه انداز سان اڪريل آهن، انهن تي وچ ايشيا جا اثر آهن. وري سورج مکيءَ جا گل، سواستيڪا ۽ سکر وغيره جن عمارتن تي ڏسجن ٿا، انهن تي هندن جو اثر آهي. پٿرن تي اُڪر ۽ ڪيترن ٿُلن ۾ فتح پور سيڪري جي محلات جا اثر آهن، ذکر نڪتو ته پاڪستان جي پروفيسر احمد حسن دانيءَ جو خيال آهي ته هتان جي عمارتن تي گهڻو اثر وچ ايشيا جو آهي. پر ڊاڪٽر ضياءالدين ڊيسائي ٻڌايو ته، گجرات جا اثرات گهڻا آهن، ان جي تائيد پير صاحب به ڪئي. مکلي ٽڪريءَ کان سواءِ ٺٽي شهر ۾ شاهجهاني مسجد آهي. پير صاحب مون کي چيو ته ان کي ڏسڻ کان سواءِ نه وڃو. ان کي ڏسڻ بعد وري هت اچڻ لاءِ تڪليف ڪرڻ جو خيال نه ٿيندؤ. ان مسجد کي ڏسڻ بعد خيال آيو ته، جيڪڏهن اها نه ڏسجي ها ته ارمان ٿئي ها. ائين پئي معلوم ٿيو ته هڪ جاذب نظر ۽ حيادار ڪنوار سامهون بيٺي آهي، ان جي مٿان ٽيانوي (93) ننڍا وڏا گنبذ آهن، جن سان سڄي مسجد ۾ آواز گونجندو رهندو آهي. انهيءَ ڪري ئي هتي ڪنهن مناري جي ضرورت نه پئي. ان جا اڇا ٽائل، مزيڪ، ڪاشي ڪاري ۽ ڪاٺ جي اُڪر نهايت ديده زيب هئي. انَ جي تعمير نواب عبدالقادر جي نگراني ۾ 1664هه ۾ شروع ٿي ۽ 1685هه تائين ان جو ڪم ٿيندو رهيو. ٺٽي کان واپسيءَ تي اسان ڀنڀور ۾ هڪ اهڙي هنڌ بيناسين، جنهن جي باري ۾ چيو وڃي ٿو ته اهو ديبل آهي ۽ اتي ئي محمد بن قاسم لنگر انداز ٿيو هو. اهو هن وقت هڪ بلند دڙي تي آهي. پر پير صاحب پوري يقين سان چيو ته هي ديبل هرگز نه آهي. ديبل جو ماڳ ڪنهن ٻئي هنڌ آهي. سندس ڳالهين مان ائين پئي محسوس ٿيو ته کيس ٺٽي سان والهاڻه محبت آهي. ان جو ثبوت اهو به آهي ته هُو قانع ٺٽوي، عطا ٺٽوي، امير محمد ٺٽوي ۽ عبدالقادر ٺٽويءَ جا ڪتاب ايڊٽ ڪري شايع ڪندو رهيو. جيئن گذريل صفحن ۾ ظاهر ٿيو آهي. مکلي ٺٽي ۾ آهي، انهيءَ ڪري هن عبرت ڪده (ٽڪريءَ) کي پنهنجو ابدي آرامگاهه بڻائڻ به پسند ڪيائين.

هتي ڪجهه مير علي شير قانع، المتوفي 1203هه جو 'مکلي نامه' ۽ ان کي ايڊٽ ڪرڻ ۾ پير صاحب جي محنت ۽ رياضت واري شوق جي اظهار تي هڪ نظر وجهڻ ضروري آهي. قانع جو مکلي نامه

1174ھ ۾ لکيو ويو، جيڪو ڪل 96 صفحن تي مشتمل آهي. پر پير صاحب ان ڪي ايڊٽ ڪرڻ وقت 40 صفحن جو مقدمو 743 صفحن جا حاشيا، ضميما ۽ اضافا وغيره لکيا. اهڙي طرح سڄي ڪتاب ۾ 'قانع' تہ ڍبجي ويو آهي ۽ پير صاحب ان تي ڇانيل نظر اچي ٿو. ويچارجي ٿو تہ هن ننڍڙي ڪتاب تي پير صاحب ايتري محنت ڇو ڪئي؟ جيڪڏهن هو خود 'مڪلي نامه' لکڻ جي زحمت گوارا ڪري ها تہ هي ان جو هڪ اهڙو ڪارنامو ٿئي ها، جنهن جو احسان سنڌ جي علمي حلقن تي سدائين حاوي رهي ها. پر ان ڪي ايڊٽ ڪرڻ ۾ جا (ڪيس) لذت ملندي رهي، اها مستقل ڪتاب لکڻ ۾ شايد نہ مليس ها.

قانع هي ڪتاب نثر ۾ لکيو آهي، پر ان جا تقريباً ست پنجھٹ صفحا تہ عقيدت مندانہ شعرن جي نذر ڪيا آهن. باقي صفحن ۾ پنهنجي تحرير جو فنڪارانہ آرٽ ڏيکاريو اٿس. انهن 30-35 صفحن ۾ مڪلي، سيد محمد حسين، سيد محمد جمال جلال ثاني، شيخ عيسيٰ لنگوٽي، مسجد مڪلي، شيخ حماد جمالي، قاضي عبدالله، ڄام نظام الدين، پير شيخ جيئو، پير آسات، تلاءُ ۽ راونڪ خسرو خان، راونڪ مرزا عيسيٰ، ڪيرسر تلاءُ، پير شيخ عالي، پير غيب ۽ ملا دائود درس وغيره جو ذڪر يو آهي ۽ انهن جي مزارن جي تفصيل سان گڏ بزرگن ڪان جيڪو فيض ۽ برڪتون حاصل ٿيون آهن، انهن تي بہ پنهنجي نثر ۽ شاعري جي ذريعي اظهار خيال ڪندو ويو آهي. مثالاً حضرت سيد محمد جمال جي ذڪر ۾ لکي ٿو تہ: "درگاه مظهر جلال و جمال گزين ثمراء، شجرهء طيبهء ل، صاحب المناقب المتعال سيد محمد جمال است، که گنبدش صندوقچه نزول رحمت باري و مرقد امجدش کعبهء مقصود اهل زاري".

نہ انجا آہک و گچ راست تخمیر
سراپا یافتہ از نور تعمیر
دریں در گہ کہ فرض آمد عبادت
ملک بر انس می جویند سبقت
بود روحش ز روح القدس بے شک
بود نورش بنور ایزدی یک

برائے زائر انش رحمت حق
رسد ہردم ازیں سطح معلق

قانع، نثر نگاري ۽ شاعري جي ذريعي مڪلي ٽڪريءَ تي ابدي ننڊ ۾ سُتلن جو ذڪر ڪري پڙهندڙ جي اُڄ نہ ٿو اُجهائي. پر پير صاحب جيڪي حاشيا ۽ ضميما لکيا آهن، انهن ۾ تمام گهڻا تفصيل آهن، پر اهي سنڌي ٻولي ۾ آهن، جنهن ڪري مان بہ پنهنجي اُڄ اُجهائي نہ سگهيو آهيان. صرف ايترو معلوم ڪري سگهيس تہ مڪليءَ تي پير مراد شيرازي، سيد محمد جلال ثاني ابن سيد علي اول، شيخ عيسىٰ، ساموئي، شيخ حماد جمالي، جامع مسجد مڪلي، قاضي عبدالله، ڄام نظام الدين سمو، پير شيخ جيئو، قاضي الحاجات رفيع الدرجات برآرندهء مدارات حضرت پير آسات، ميرزا خسرو چرڪس، شاهہ پريان، ميرزا عيسىٰ خان ترخان ثاني، سيد محمد يوسف رضوي، ميڪرا، پير عالي، طغرل آباد تي حاشيا آهن، پوءِ ضميما ۽ اضافا آهن.

مڪليءَ جي قبرن جو ذڪر ڪرڻ وقت انهن بابت گهڻي کان گهڻو لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مثلاً ترخاني دور جي قبرن ۾ امير محمد قلي بن عبدالصمد خان (946هہ)، حسين بيگ ترخان (949هہ)، امير سلطان قلي (951هہ)، امير عباسي (952هہ)، ظريف بيگم بنت امير محمد مومن بيگ (953هہ)، سلطان مقيم ارغون (962هہ)، بي بي گل بيگ (965هہ)، بي بي مريم (967هہ)، خانم آغا بنت سلطان ميرزا مسعود (967هہ)، مير فرخ ارغون (1000هہ) وغيره وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙي طرح امامن واري جلوه گاهہ، ميڪرا ۽ طغرل آباد وغيره ۾ جيتريون قبرون آهن، انهن جي بہ نشاندهي ڪئي وئي آهي. انهن تفصيلن سان نہ رڳو آثار قديمہ جي سلسلي ۾، مفيد معلومات ۾ واڌارو ٿئي ٿو، پر ان سان انهيءَ دؤر جي ڪيترن ئي خاندانن جي تاريخ مرتب ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. قانع 'مڪلي نامو' لکي ۽ پير صاحب ان ۾ حاشيا، ضميما ۽ اضافا قلبند ڪري سنڌ جي تاريخ لاءِ گهڻو ئي قيمتي مواد مهيا ڪيو آهي. هندستان جي ڪنهن بہ قبرستان تي اهڙو گڏ ٿيل مفيد مواد شايد ئي ملي.

ڄام نظام الدين تي حاشيا لکڻ وقت ان خاندان تي پير صاحب تقريباً سوَ صفحا لکي ويو آهي، جن ۾ ڪيترائي تاريخي خط بہ ڏنا اٿس.

عيسيٰ خان ترخان جي حاشين ۾ انهيءَ خاندان بابت تمام گهڻي مفيد معلومات تقريباً 321 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ شاهجهان جي زندگيءَ ۾ سندس شهزادن وچ ۾ جانشينيءَ تي جيڪا ويڙهه هلي، ان جو ذڪر بہ تفصيل سان آيو آهي. داراشڪوه جي سرگرمين جو بہ تفصيل ملي ٿو. منهنجو خيال آهي تہ پير صاحب جيڪڏهن 'ترخان نامه' جي عنوان سان ڪو ڪتاب لکڻ جي ڪوشش ڪري ها تہ هي سمورا تفصيل ان ۾ شامل ٿي وڃن ها ۽ ان جو هڪ مستقل ڪتاب جڙي پوي ها. پر حاشيا لکندي ئي هو پنهنجي ذوق کي تسڪين ڏيندو رهيو. شجرا ترتيب ڏيڻ ۾ بہ کيس گهڻي راحت ملندي رهي. ان ڪري هن ۾ ڄام فيروزالدين شاهہ، ڄام علاؤالدين، سيد محمد عرف ڏاڏو پير مراد شيرازي، سيد علي اول ڏاڏو، سيد مير محمد مؤلف ترخان نامو، مرزا عبدالعلي ترخان، مير محمد باقي ترخان ۽ ميرزا جان بابا وغيره جا شجرا داخل ڪري ڇڏيا اٿس، جن جو مطالعو، افاديت واري خيال کان ڪيترن ئي حلقن ۾ دلچسپيءَ سان ڪيو ويندو. آخر ۾ مڪلي ٽڪري جي تمام گهڻن مقبرن ۽ انهن جي ڪتبن جون تصويرون بہ آهن. اِهي انهن جي لاءِ ديده زيب آهن، جيڪي مڪليءَ جو قبرستان پنهنجي اکين سان نہ ڏسي سگهيا آهن.

### ذڪراي شعراءِ ڪشمير 1967ع:

پير صاحب جي ايڊيٽنگ وارو فن، ڪمال بُلنديءَ تي ان وقت هتو، جڏهن هن اصلح متخلص بہ مرزا جي تذڪراي شعرائِ ڪشمير کي ايڊٽ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن ان جا 1967ع ۾ ٽي جلد ۽ پوءِ چوٿون جلد ڇپجي ماڻهن آڏو آيا تہ هنن ائين تصور ڪيو تہ انهن جي ايڊيٽنگ جو ڪم شايد ملائڪن تيار ڪيو هوندو ۽ ان جي تڪميل جنن ڪئي ندي.

اصلح جو اهو تذڪرو شايد 286 صفحن جو هوندو، پير صاحب ان ڪري ۾ تقريباً 264 صفحن جا حاشيا لکيا. تصور ڪريو جن شاعرن جو ڪرو اصلح نہ ڪيو هو، يا جن ڪشمير تي قصيدا ۽ مثنويون لکيون ن، انهن جي احوال ۽ شعرن کي پير صاحب ٽن ضخيم جلدن ۾ گڏ

ڪيو، جيڪي 1043 صفحن تي مشتمل آهن. اهڙو علمي ڪارنامو هن موجوده صديءَ اندر برصغير جي ڪنهن بئي اهل قلم شايد سرانجام نہ ڏنو هجي.

اصلح جو هي تذڪرو ڪافي وقت ڪان اڻلڀ هو، صرف ايترو معلوم هو تہ 'انيس العاشقين'، ان تذڪري جي شاعرن ڪلام پنهنجي تذڪري ۾ ڏنو آهي. ان جو هڪ نسخو پير صاحب کي شڪارپور جي هڪ قديم خاندان جي ذخيري مان مليو ۽ ٻيو نسخو لياقت نيشنل لئبريري مان مليو. پير صاحب کي ان وقت تائين صرف اهڙن تذڪرن سان دلچسپي هئي، جن ۾ سنڌ جي شاعرن جو ذڪر هو. هي تذڪرو سنڌ جي شاعرن جو تہ نہ هو، پر فارسي شاعرن جو ضرور هو، ان ڪري پير صاحب جي خوشگوار ادبي طبيعت ان ڏانهن بہ راغب ٿي ويئي ۽ ايڊٽ ڪرڻ شروع ڪيائين. ان طرف راغب ٿيڻ جو سبب اهو هو، تہ علامه اقبال جي خواهش هئي تہ ڪشمير جي شاعرن جو تذڪرو مرتب ڪيو وڃي. جيئن هن محمد دين فوق مرحوم ڏانهن هڪ خط ۾ لکيوآهي. پير صاحب جي لاءِ هي خط بہ اصلح مرزا جي تذڪري تي ڪم شروع ڪرڻ جو محرڪ بڻيو. (شعراي ڪشمير ج-1 ص 4 مقدمو) جڏهن هو ڪوبہ علمي ڪم شروع ڪندو هو تہ پوءِ ڪيس اهو خيال نہ رهندو هو تہ پنڌ اڙانگو ۽ منزل ڏور آهي ۽ نہ ان جي پرواهہ ڪندو هو تہ تلاش ۽ جستجو ۾ سندس دامن ڪنڊن ۾ اٽڪي رهيو آهي. سندس قدم علم جي ڪنڊن ڀري واديءَ ڏانهن وڌي پوندو هو ۽ سندس همٿ نون رستن تي هلڻ لاءِ ساٿ ڏيندي رهندي هئي.

اصلح جي تذڪري مان اها خبر نہ ٿي پوي تہ هو ڪڏهن پيدا ٿيو ۽ ڪڏهن وفات ڪيائين ۽ پاڻ هن پنهنجي تذڪري جو نالو ڇا رکيو هيائين پر پير صاحب جي طبيعت کوجنا واري هئي. ان ڪري هن انهن ڳالهين تي روشني وڌي آهي. اصلح پنهنجي والد اسلم خان سالم جو ڪجهہ احوال ان تذڪري ۾ لکيو آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ هو پنهنجي دور جو تمام وڏو شاعر هو ۽ پنهنجي دور جي مشهور شاعرن، ناصر علي، مرزا محمد علي ماهر، مرزا عبدالقادر بيدل، موسوي خان فطرت، محمد سعيد اشرف ۽ نعمت خان عالي سان مناظرا ڪندو هو ۽ شاهي دربار ۾ بورچي ۽ داروغو

واري عهدي تي پڻ ڪم ڪيائين ۽ ان جي ساراھ ۾ اھو وڏاءُ بہ ڪيائين تہ، شاعريءَ ۾ صائب ۽ وحيد، انشاء پردازي ۾ جلال الدين طباطبائي ۽ خطاطيءَ ۾ مير عاد سندس آڏو هيچ هئا. پير صاحب تحقيق ڪئي آهي تہ مصنف، شيخ محمد محسن جي هٿ تي پنهنجي ٽن پائرن سميت اسلام قبول ڪيو. هن جو پيءُ ڏاڏو برهمڻ هو. سندس حياتي اورنگزيب جي پٽ شهزادي محمد اعظم شاھ ۽ شاھ عالم بهادر شاھ جي ملازمت ۾ گذري. ان جي خاندان ۾ شاعري ۽ علم جو وڏو چرچو هو.

پير صاحب جو خيال آهي تہ ان جو والد گهڻو وقت دهليءَ ۾ ئي رهيو آهي. انڪري هن جي تعليم ۽ تربيت اتي ئي ٿي. هن پنهنجي تذڪري ۾ عالمگيري دور ڪان وٺي محمد شاهي دؤر تائين شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. ان ڪري خيال آهي تہ محمد شاه جي دور ڪان پوءِ بہ هو زنده هو. سندس والد آخر ۾ ڪشمير هليو آيو هو ۽ اتي ئي فوت ٿيو. ان جي وفات ڪان پوءِ هو ڪشمير ۾ ئي رهڻ لڳو ۽ اتي ئي پنهنجو تذڪرو مرتب ڪيائين، تذڪري جو نالو نہ لکيائين، پر ان ۾ گهڻو ڪري انهن شاعرن جو ذڪر آهي جن جو نسلي تعلق ڪشمير سان هو يا (اهي جيڪي) ڪشمير ۾ ٻاهران اچي رهيا هئا، ان ڪري پير صاحب ان جو نالو 'تذڪرائِ شعراء ڪشمير' رکيو. سندس خيال آهي تہ ان جي تاليف 1126ھ يا 1134ھ ڪان پوءِ شروع ٿي ۽ 1159ھ ڪان پوءِ ۽ 1161ھ ڪان اڳ ختم ٿي- (مقدمو ص 16)

هي تذڪرو روايتي انداز جو آهي، يعني شاعرن جو احوال گهٽ آهي ۽ انهن جي شعرن جا نمونا گهڻا آهن. پير صاحب جو ڪارنامو اهو آهي تہ ان تذڪري ۾ جن شاعرن جو ذڪر آيو آهي، انهن جا احوال جن تذڪرن مان مليا، انهن کي حاشين ۾ درج ڪيائين. مثلاً هن تذڪري ۾ ملا ذهني ڪشميريءَ جو ذڪر ٽن سٽن ۾ آهي ۽ ان جي شعرن جا ڪجهہ نمونا آهن جيڪي اڌ صفحي ۾ آيل آهن. پير صاحب جي اها جدت آهي تہ، ان شاعر بابت 'عرفات العاشقين'، 'ميخانهء تاريخ اعظمي'، 'مجمع النفايس' ۽ 'صحف ابراهيم' ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، اهو لفظ بہ لفظ حاشيي ۾ نقل ڪري ڇڏيو آهي ۽ وري پنهنجي حاشين تي بہ حاشيا لکيا آهن. مثلاً هن کي اهو خيال ٿيو تہ ان تخلص جو هڪ شاعر ذهني بلخي

هو، جيڪو ڪٿي ذهني ڪشميريءَ سان ڳاڍڙ نہ ٿي وجي، ان ڪري ان جي وضاحت ڪيائين تہ ذهني بلخي، بلخ جي والي نذر محمد خان جي دربار سان واڳيل رهيو. وري هندستان اچي شاهہ جهان جي دربار سان وابستہ ٿيو ۽ جڏهن شاهجهان بلخ ۽ بدخشان فتح ڪيا تہ ان موقعي تي شاهجهان جي شان ۾ قصيدا بہ چيائين. انهن قصيدن ڪي بہ هن پنهنجي حاشين ۾ نقل ڪري ڇڏيو آهي.

تعجب اهو ٿئي ٿو تہ اصلح پنهنجي والد بزرگوار جو احوال ۽ سندس ڪلام جو نمونو چئن صفحن ۾ ڏنو آهي، پر پير صاحب 'ڪلمات الشعراء'، 'تاريخ اعظمي'، 'مجمع النفايس'، 'سفينه خوش گو'، 'رياض الشعراء'، 'صحف ابراهيم'، 'نتائج الافڪار'، 'تذڪره شعرائ متقدمين' ۽ 'شمع انجمن' ۽ 'مآثر عالمگيري' مان اقتباسات ڏئي ان جو احوال، مثنوي نگاري ۽ ڪلام جو نمونو 20 صفحن تي ڏيئي ڇڏيو آهي.

هو اصلح جي تذڪري مان مطمئن نہ هو، انهيءَ ڪري ان ۾ اضافي جي ضرورت محسوس ڪيائين، هن کي اهو بہ خيال ٿيو تہ ان ۾ ڪافي اهڙن ڪشميري شاعرن جو ذڪر ڪونهي، جن جو (ذڪر) هجڻ ضروري هو. هن اهو پڻ سوچيو تہ ڪيترا شاعر ڪشمير جا تہ نہ هئا، پر ڪشمير تي انهن جا قصيدا، منظومات ۽ مثنويون آهن، انهن جو ذڪر بہ ان ۾ اچي وجي تہ بهتر ٿيندو. ان ڪري اهڙن سيني شاعرن جو احوال بہ گڏوگڏ گڏ ڪندو ويو آهي. اهڙي طرح ان جي وڏيڪ چئن جلدن ۾ ڇهہ سؤ شاعرن جو ذڪر اچي ويو آهي. جن بابت ڪيترن تذڪرن ۾ جو ڪجهہ لکيو ويو آهي، اهو سڀ هڪ هنڌ گڏ ڪيو اٿس، جنهن سان ورجاءُ ضرور ٿيو آهي. پر هڪ نظر ۾ تذڪره نويسي جو طريقيڪار بہ اڳيان اچي وڃي ٿو ۽ بقول پير صاحب تہ، اهو بہ معلوم ٿي وڃي ٿو تہ ڪهڙن پوئيرن، وڏن جي زندگي ۽ ڪارنامن کي شعوري يا لاشعوري طور گهٽائي پيش ڪيو آهي. وري ساڳي واقعي کي، هر تذڪره نگار جو پنهنجي اسلوب ۾ بيان ڪيو آهي، ان سان ان جي واقعن ۾ جيڪا نواڻ ۽ فرق آيو آهي، پير صاحب پنهنجي فطري محنت سان ان جو بہ اهتمام ڪيو آهي تہ جن شاعرن جا ديوان شايع نہ ٿيا يا جيڪي ايران ۾ ڇپيا آهن، پر ناياب آهن، انهن مان بہ شعرن جو انتخاب ڪري اضافو ڪيو آهي. وري ڪشمير جي

باغن، تاريخي ماڳن يا ڪيترن سياسي واقعن تي جو ڪجهه بہ نظمن ۾ چيو ويو آهي، انهن سڀني کي يڪجا ڪيو ويوآهي. ڪشمير جي سلسلي ۾ جيڪي بہ تاريخي قطعا يا ڪتبا مليا آهن، انهن کي بہ هنن جلدن ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي. هڪڙي ضميمي ۾ هڪ جدول بہ ڏني اٿس، جنهن سان تاريخي ترتيب سان ڪشمير جا ڪي اهم سياسي واقعا معلوم ٿين ٿا. هڪ ٻئي ضميمي ۾ اهي مثنويون ڏنيون ويون آهن، جيڪي ڪشمير ۾ چيون ويون آهن، پر ذڪر ڪيل جلدن ۾ ڪنهن سبب جي ڪري شامل نہ ٿي سگهيون. انهن ۾ ڪشمير جي ڪيترن باغن، تاريخي ماڳن، ڪيترن شاعرن جون تصويرون ۽ شين جا عڪس بہ آهن. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪير بہ 'ڪشمير: فارسي شعر و ادب' جي عنوان سان ڪجهه لکي تہ ان کي ڪنهن ٻئي ڪتاب ڏسڻ جي ضرورت نہ پوندي. هي جلد ان لاءِ انسائيڪلوپيڊيا جو ڪم ڏيندا.

اصلح جي تذڪري کي ايڊٽ ڪرڻ وقت ان ۾ 305 شاعرن جو ذڪر آيو آهي، ان جي تڪمله جي ٻئي جلد يعني پهرين حصي ۾ 120، ٽئين يعني ٻئي حصي ۾ 53 ۽ چوٿين يعني حصي ٽئين ۾ 68 شاعرن جو ذڪر آهي.

ان سلسلي جي حصي پهرئين ۾ ڪيترن مشهور شاعرن مثلاً، ظفر خان احسن، محمد اسماعيل بينش، مرزا داراب تبريزي جويو، مير رضي دانش، عاقل خان رازي، عرفي، حسن بيگ مشهدي، رفيع، محمد ابراهيم سالڪ قزويني، محمد افضل سرخوش، سعيد اي- اي گيلاني، محمد قلي سليم تهراني، ملا شاهہ بدخشاني ۽ ملا شعيد اي تڪلو فتح پوري وغيره بابت مڙني تذڪرن جون عبارتون نقل ڪري هر قسم جي معلومات سامهون آندي ويئي آهي. اهڙي طرح هن تڪمله جي ٻئي حصي ۾ ڪيترن ناميارن شاعرن جهڙوڪ، شاهہ پور طهراني، شيخ صقاهاني، ملا محمد صوفي مازندراني، مير عبيدي، صفاهاني، مرزا گرامي همداني، شاه گلشن، محلصفاني ڪاشي، شيخ محمد رضائي مشتاق، ملا مظهري، مرزا حسن بيگ معلوم ۽ ارادت خان بابت گهٽي کان گهٽي معلومات ڏني ويئي آهي. اهڙي ريت ٽئين حصي ۾ نامور شاعرن جهڙوڪ فيضي، قدسي، حڪيم، ماهر، فروغي، فصيحي، قادري، ماهري

وغيره بابت عام تذڪرن ۾ جو ڪجهه لکيو ويو آهي، انهن جا اقتباس هن ۾ ملي ويندا.

اهڙي قسم جي محنت سبب، انهن جلدن ۾ جن شاعرن جو ذڪر آهي، انهن تي ڪوبه ريسرچ ڪرڻ چاهي ته ان کي ٻين تذڪرن جي ڳولا ۾ ڪتي به وڃڻ جي تڪليف ڪرڻي نه پوندي. برٽش ميوزم، انديا آفيس، خدا بخش اورينٽل لئبريري وغيره جا منتظم پنهنجا پنهنجا تذڪرا ان جي آڏو ڪنيو بيٺي نظر ايندا. ڪم ڪندڙ کي مائڪرو فلم جي سنهڙن اکرن کي پڙهڻ واري تڪليف ڪرڻي نه پوندو، اعليٰ قسم جي ڇپائيءَ سان گڏ هر شيءِ ان جي سامهون هوندي. پير صاحب جو اهو تمام وڏو علمي احسان آهي ته، هن اهي جلد مرتب ڪري انهن فارسي شاعرن تي ريسرچ ڪرڻ ۾ گهڻي آساني ڪري ڏني آهي.

ان جي ٻئي جلد مرتب ڪرڻ وقت ڪيس خوشي هئي ته ان ۾'صائب' جي نه صرف سوانح حيات جو مواد گهڻي کان گهڻو جمع ڪيو ويو آهي، بلڪ ان جي اهڙن 37 نسخن جي ڇاڻ به ڏني ويئي آهي، جيڪي ان جي پنهنجي هٿن سان لکيل آهن يا ان جي شاگرد عارف تبريزي جي اکرن ۾ آهن يا ڪتابت جي لحاظ کان ان جي دؤر يا ان کي ويجهي دؤر جا آهن. ڪيترن نسخن جي تحريرن جا عڪس به شامل ڪيا ويا آهن. 'صائب' جي مزار جا ڪيترائي فوٽو به ڏنل آهن ۽ سندس قبر بابت مفيد معلومات پڻ درج ڪئي وئي آهي. پير صاحب کي ان ڪري به خوشي هئي ته ڪشمير جي تمام وڏي شاعر شيخ يعقوب صوفيءَ جو احوال پهريون ڀيرو هُن جلد ۾ يڪجا ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح هن کي ان سان به سُڪون مليو ته هن طغرائي مشهدي جي احوال سان گڏ ان جي ڇئن رسالن، 'تعداد النوادر'، 'رساله فردوسيه'، 'رساله تجليات' ۽ 'تذڪرة الاتقياء' کي به ڳولي ان ۾ شامل ڪيو آهي. هن کي ان سان به سُڪون مليو ته ابوالفضل، عرفي جي نالي سان جيڪو خط لکيو هو، ان کي به هو پهريون ڀيرو هن جلد ۾ شايع ڪري رهيو آهي. ڪيس ان ڪري به اطمينان هو ته خواجه عزيز لکنويءَ، ڪشمير تي جيڪو قصيدو ۽ مثنويون لکيون هيون، انهن کي به هن جلد ۾ شايع ڪري محفوظ ڪيو ويو آهي. هو ان ڪري به

خوش هو تہ ڪشمير جي مشهور بزرگ امير ڪبير سيد علي همداني جي سموري احوال جو احاطو ڪري ان جي ٻن رسالن ’منهاج العارفين‘ ۽ ’حبل اسرار‘ جا انتخاب بہ پڙهندڙن لاءِ ڏنا ويا آهن. انهن جي مقبري ۽ خانقاه جون تصويرون ڏئي شايد پنهنجي هن ڪتاب جي اهميت وڌائي اٿس. سندس خيال آهي تہ ملا طاهر غني ڪشميريءَ جي ’فارسي شاعريءَ جي تاريخ‘ بہ بنيادي حيثيت رکي ٿي، انهيءَ ڪري هن جلد ۾ ان جي بہ زندگيءَ جو مڪمل تذڪرو ڪيو ويو آهي.

پنهنجي هن علمي ڪاوش متعلق لکي ٿو تہ:

”هن تذڪري جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ ڪشمير جي فارسي ادب جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ ملي، ان کي گڏ ڪيو وڃي. انهيءَ نڪتي کي نظر ۾ رکندي مون مواد هٿ ڪرڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪئي آهي. هڙئي ڇپيل تذڪرا ۽ ٻيا ڪتاب ڏنا اٿم. قلمي بياض، ديوان ۽ ڪيترا اڻڇپيل تذڪرا پيش نظر رهيا آهن.“ (تذڪره شعرائ ڪشمير بخش اول گذارش ص 2)

وري هيءَ دعويٰ بہ ڪري ٿو تہ:

”’گل رعنا‘، ’مجمع النفايس‘، ’رياض الشعراءِ‘، ’مذڪراحباب‘، ’آفتاب عالم تاب‘، ’صحف ابراهيم‘ ۽ ’تذڪره شعراءِ متقدمين‘ مان ورتل مواد چڙ تہ پهريون ڀيرو هن ڪتاب جي ذريعي اهل علم جي سامهون پيش ٿي رهيو آهي.“ (ساڳيو حوالو ص-2)

هي سڀ جلد ايڏا وڏا آهن جو انهن کي ڪو وڏو ايڊيٽوريل بورڊ ئي مرتب ڪري پئي سگهيو، پر پير صاحب جو هي علمي معجزو آهي تہ هن اڪيلي سر اهو سمورو ڪم سرانجام ڏنو آهي. جيڪڏهن هو ڪشمير جي بادشاه زين العابدين جي دور ۾ هجي ها تہ انهيءَ ڪارنامي جي صلي ۾ کيس سون ۾ توراايو وڃي ها.

ممڪن آهي تہ ڪن ماڻهن جو اهو خيال هجي، تہ اصلح جي ان ننڍڙي تذڪري کي ايترو وڌائڻ جي کهڙي ضرورت هئي، ان جو جواب خود پير صاحب ئي ڏيئي ڇڏيو آهي. هو لکي ٿو:

”جيڪڏهن مان چاهيان ها تہ مختصر تحرير، ڪن لاثار ۽ نظراندازيءَ ڪان ڪم وٺي تذڪري کي مختصر بلڪ تمام مختصر ترين

بنائي سگهان پيو. پر هڪ ته ڪشمير هوئڻ ئي اسان لاءِ وڏو سرمايو آهي، ٻيو اِهو ته اهو موضوع، جيڪو اسان جي ماضيءَ جي علمي وراثت ۽ روايتن جو شاندار بلڪ هڪ گم ٿيل علمي دنيا واري اهڙي داستان جي حيثيت رکي ٿو، جيڪو دل تي ته هر هر ايندو رهيو، پر ڪڏهن به ظاهر نه ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو مون کي ان دور ۾ پنهنجون ڪيترين ئي مصروفيتون ترڪ ڪري جو ڪجهه معلوم ٿي سگهيو، ان کي هڪ ساهيءَ لکيو اٿم ۽ وري سچ ته اهو آهي جو ان داستان کي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ ۾ پنهنجي ذاتي ذوق ۽ ويجهڙائپ جو به ڪجهه نه ڪجهه عمل دخل هو.“

به حرفے می تواں گفتن تمنائے جہانے را
من از ذوق حضوری طول دا دم داستانے را

انهيءَ عبارت سان پير صاحب پنهنجي پويان اهو پيغام ڇڏي ويو آهي ته، پنهنجي ماضيءَ واري علمي وراثت ۽ سرمائي واري پياري شيءِ جو طويل داستان ٻڌائڻ جي لاءِ ذاتي شوق ضروري آهي، جنهن ۾ مختصر لکت، ڪن لاتار ۽ ڪوتاهه نظريءَ جو دخل نه هجڻ کپي.

### حديقة الاولياء از سيد عبدالقادر ٺٽوي 1967ع:

پير صاحب 1967ع ۾ سيد عبدالقادر بن سيد هاشم بن سيد محمد ٺٽوي جو ’حديقة الاولياء‘ تصحيح ڪري شايع ڪيو، جيڪو 1016ھ ۾ لکيو ويو هو. ان تي پير صاحب سنڌيءَ ۾ 96 صفحن جو مقدمو لکيو آهي. سنڌي ٻولي نه سمجهڻ ڪري، ان کي چڱي طرح آءٌ به نه سمجهي سگهيس. ’حديقة الاولياء‘ جو متن فارسي ۾ آهي جيڪو 262 صفحن تي مشتمل آهي. ان ۾ سنڌ جي 42 اوليائن جو تذڪرو آهي، جن جا نالا هي آهن.

1. شيخ بهاؤالدين ذڪريا ملتاني، 2. شيخ صدرالدين ملتاني، 3. شيخ رڪن الدين ملتاني، 4. شيخ عثمان شهباز، 5. شيخ پنو، 6. شيخ حماد جمالي ٺٽوي، 7. شيخ جيو ولد شيخ نعمت الله، 8. شيخ مير مراد شيرازي ٺٽوي، 9. شيخ سيد علي شيرازي ٺٽوي، 10. شيخ نظام الدين ولد سيد ناصر بکري، 11. شيخ نوح بکري، 12. مخدوم حسام الدين ملتاني، 13. مخدوم بلاول، 14. قاضي ڏتو سيوستاني، 15. درويش احمد و محمد ولد مخدوم اسحاق

هالائي، 16. شيخ هوٿي لاکو، 17. شيخ احمد و محمد ولد شيخ هوٿي لاکو، 18. درويش حسن مقري، 19. مخدوم ساهڙ لنجار، 20. مخدوم ڏياڻو هالائي، 21. مخدوم نوح هالائي، 22. درويش وهيو، 23. شيخ محمد اسماعيل سومرو، 24. درويش رڪن الدين ولد ڏتو ياوسيو، 25. راجا ستيو دل، 26. شيخ پرڪيو ڪاتيار، 27. درويش چرڪس، 28. شيخ موسيٰ آهيداڻي، 29. درويش صدر، 30. درويش پنيو ناريجو، 31. درويش هالو سهتو، 32. درويش ابراهيم، 33. درويش علاؤالدين، 34. قاضي صدو، 35. درويش يحيٰ، 36. قاضي خيرالدين، 37. درويش يعقوب پليجو، 38. شيخ مغل چاچڪ، 39. شيخ پريو ويرداس، 40. درويش عمر بودلو، 41. درويش آلو، 42. شيخ عبدالهادي جميل شاه گرنادي.

هي فهرست هتي ان ڪري ڏني وئي آهي ته جيئن پڙهندڙن کي اندازو ٿئي ته سنڌ ۾ ڪيتري وڏي تعداد ۾ اولياء الله ٿي گذريا آهن ۽ انهن اهل دل، صاحبِ ڪمال، صوفي عارف، ڪامل ۽ اهل حال جي ذات بابرڪات جي ڪري سنڌ واقعي اوليائن جو گلستان ۽ بوستان بڻيل هئي. مصنف هي ڪتاب لکڻ وقت هيئن لکيو ته:

جامع ایں اوراق چند و ناظم عقد ایں جواہر ارجمند از صدق نیت و خلوص عقیدت خواست کہ برخے از ذکر مشائخ و بزرگان و شمہء از حالات و کرامات ایشاں کہ در بلاد سندھ سکونت و مکان داشتہ اند در سلک تقریر و سمط تحریر درآوردہ آں را وسیلہء افاضہ سحاب رحمت گرداند (دیباچہ ص 11-10)

چئي سگهجي ٿو ته، پير صاحب انهن بزرگن ۽ اوليائن جي تذڪرن جي تصحيح انهيءَ سچي نيت ۽ خلوصِ عقيدت سان ڪئي هجي، ته ان جي ذريعي ڪيس به رحمت الاهي جو وسيلو حاصل ٿي سگهي. ائين تصور ڪرڻ اندازي ڪان ٻاهر نه آهي، ڇو ته شاعرن جي تذڪري کي ايڊٽ ڪندي ڪندي اوليائن جي تذڪري طرف مائل ٿي وڃڻ محض تفريحي علمي شغل تصور نٿو ڪري سگهجي ۽ جيڪڏهن پير صاحب کي ان جي معرفت رحمت الاهي واري وسيلي جو خيال نه به ٿيو هجي، تڏهن به جنهن محنت سان هن ڪتاب جي درستي ڪئي وئي آهي ۽ ان جي ڇپجڻ سان سنڌ جي بزرگن جي تعليمات کي جنهن نموني سمجهڻ ۾ مدد ملندي، ان جي ڪري ممڪن آهي ته انهن درويشن جي فيض ۽ برڪت سان پير

صاحب جي انساني ڪمزورين تي بارگاھ خداونديءَ ۾ پردو وڌو وڃي، آمين!

شايد اھو چوڻ بہ بي جا نہ ٿيندو تہ پير صاحب ڪي اوليائن ۽ خاص ڪري سنڌ جي ناميارن مشائخن سان عقيدت رهي، ان ڪري هن ڪتاب جي مقدمي ۾ تفصيل سان اها نشاندهي بہ ڪري ڇڏي اٿس تہ سنڌ جي ڪھڙن ڪھڙن بزرگن جا حالات ڪھڙن ڪھڙن تذڪرن ۾ ملندا. ان سان انهن دانشورن کي گھڻي مدد ملندي جيڪي سنڌ جي صوفياء ڪرام بابت ڪجھ لکڻ چاهيندا هوندا.

پير صاحب جي خاندان ۾ بہ ديندار ٿي گذريا آهن. سندس تعلق حضرت پير سيد محمد راشد روضہ ڌڻي رحہ جي خاندان سان آهي. هو پنهنجي خاص ماحول ۽ تقاضائن جي بنياد تي ڪڏهن ڪڏهن نواڻ پسندي جو اظهار ڪري وڃندو هو. پر غير شعوري طور تي مٿس بزرگان دين جا اثرات بہ چانيل رهيا. (انڪري ئي) هن 'حديقة الاولياء' جي تصحيح ڪئي. هو جيڪو ڪتاب ايڊٽ ڪندو هو ان ۾ ڪنهن بزرگ جو نالو اچي ويندو هو تہ، ان تي چڱو خاصو حاشيو لکي ساڻس عقيدت جو اظهار ڪندو هو.

## روضة السلاطين و جواهر العجائب 1968ع:

اڳ ۾ بہ ذڪر ٿيو آهي تہ پير صاحب کي شاعرن جي تذڪرن سان گھڻي دلچسپي هئي، جنهن جو سبب اهو آهي تہ کيس فخر هوندو هو تہ فارسي زبان ۾ تذڪره نويسيءَ جو بنياد سنڌ ۾ ئي پيو. ان جي پنيرائي ائين لکي ڪئي اٿس تہ "فارسيءَ جو پهريون تذڪرو 'تذڪرة الشعراء' ملتان ۾ 600ھ کان اڳ لکيو ويو. وري عوفيءَ، 'لب اللباب' 625ھ ۾، سنڌ ۾ ئي مرتب ڪيو. ان کان پوءِ دولت شاہ جو، 'تذڪرة الشعراء' 892ھ ۾ مرتب ٿيو. مير علي شير نوائيءَ 896ھ ۾ 'مجالس النفايس' لکيو. ان کان بعد سنڌ ۾ 953ھ کان پوءِ فخري هروي 'روضة السلاطين' ۽ تقريباً 962ھ ۾ 'جواهر العجائب' لکيو. پير صاحب فخر سان لکيو آهي تہ: تذڪره نويسيءَ واري موضوع جي چنڊڇاڻ جي شروعات بہ سنڌ مان ٿي. چاڪاڻ تہ

موضوع جي لحاظ کان پهريائين هتي تذڪرا لکيا ويا. ان کان پوءِ ان تي ٻه فخر ٿو ڪري تہ فارسي زبان ۽ ادب جي تاريخ ۾ سنڌ جي سرزمين جي اها خدمت ڪائي معمولي خدمت ناهي، پر ، علمي دنيا ۾ هڪ مثال واري حيثيت رکي ٿي. (مقدمو روضة السلاطين)

'روضة السلاطين' ۽ 'جواهر العجائب' کي پير صاحب 1968ع ۾ ايڊٽ ڪري شايع ڪيو. اهي ٻئي تذڪرا 955هه ۽ 962هه جي وچ ڌاري لکيا ويا. 'روضة السلاطين' 108 صفحن جو آهي ۽ 'جواهر العجائب' صرف 19 صفحن جو آهي. پير صاحب ان تي 77 صفحن جو مقدمو ۽ 220 صفحن جا تعليقات لکيا، جنهن مان سندس تحرير جي زرخيزي جو اندازو ٿيندو.

مقدمي ۾ وڏي محنت سان سلطان محمد فخري هروي جا واقعا قلمبند ڪيل آهن، ان جو خاندان مالدار هو. هرات ۾ سندس والد بزرگوار جو شمار اميرن ۽ اڪابرن ۾ ٿيندو هو. هو عالم، فاضل ۽ سٺو شاعر بہ هو. فخري هروي 903هه جي لڳ ڀڳ پيدا ٿيو. جڏهن جواني کي پهچي طبع آزمائي ڪرڻ لڳو تہ ان زماني جي شاهہ اسماعيل صفوي، شاهزادو سام مرزا، امير درميش خان والي هرات، اعتمادالدوله، مرزا ڪمال الدين، شاه حسين اصفهاني (شاهہ اسماعيل جو وزيراعظم) وغيره سندس مداح رهيا. انهن جي درٻارن مان سندس وابستگي ختم ٿي ويئي تہ هو 953هه کان ٿورو اڳ سنڌ ۾ آيو ۽ هتان جي والي شاهہ حسن ارغون جي درٻار سان تقريباً 15 سال واڳيل رهيو. انهيءَ زماني ۾ هن پنهنجون ٻہ تصنيفون 'روضة السلاطين' ۽ 'صنائع الحسن' لکيون. پوءِ شاهہ حسن ارغون جي بيوه ۽ بعد ۾ ميرزا عيسيٰ ترخان جي زال حاجياڻي ماهہ بيگم لاءِ 'جواهر العجائب' لکيائين. پر جڏهن هو سنڌ مان اڪبرآباد پهتو تہ هن اڪبر جي ويڄي ماءُ ماهمبيگم جي نالي، ان ئي 'جواهر العجائب' ۾ هڪ قصيدي جو اضافو ڪري، ان جو ديباچو تبديل ڪري، اهو سندس خدمت ۾ پيش ڪيائين. ان زماني ۾ هوءَ حڪومت تي حاوي هئي. هن فخري هروي کي پنج سؤ اشرفيون موڪليون. انڪري ماڻهن کي شڪ ٿيو تہ، اهو ماهم بيگم جي لاءِ لکيو ويو. پر پير صاحب کي پورو يقين هو تہ اهو حاجياڻي ماه بيگم لاءِ، مرزا عيسيٰ ترخان جي دؤر ۾ لکيو ويو. فخري هروي اڪبري درٻار ۾ پهچ خاطر ان ۾ هڪ قصيدي جو

اضافو ڪيو ۽ ديباچي ڪي تبديل ڪري، ان کي ماهم بيگم آڏو پيش ڪيو. مير معصوم بکريءَ پنهنجي ’تاريخ سنڌ‘ ۾، عبدالباقي نهاوندي ’ماثر رحيمي‘ ۾ مير علي شير قانع ’مقالات الشعراء‘ ۾ لکيو آهي تہ، ’روضة السلاطين‘ شاهہ حسين تڪدري جي تصنيف آهي. پر پير صاحب پوري اعتماد سان اهو ثابت ڪيو آهي تہ، هي فخري هروي جو لکيل آهي.

فخري هروي جا حالات ڳولڻ لاءِ پير صاحب ڪافي محنت ڪئي آهي. ان کان بہ وڌيڪ ان جي تاليفون جي ڳولا ۾ رياضت ڪيائين، جيڪي هي آهن:

1. ’هفت ڪشور‘: هن ۾ ايران جي پراڻي تاريخ، بقول پير صاحب، ”افسانوي رنگ ۾ لکي وئي آهي“.
2. ’لطائف نامه‘: هي نظام الدين علي شير نوائيءَ جي ترڪي تذڪري ’مجالس النفايس‘ جو فارسي ترجمو آهي.
3. ’تحفة الحبيب‘: هي هم طرز ۽ هم رديف غزلن جو مجموعو آهي، جيڪو الف-ب جي سٽاءَ ۾ لکيل آهي.
4. ’روضة السلاطين‘
5. ’صنائع الحسن‘: هي شاعراڻي فن بابت آهي.
6. ’جواهر العجائب‘

هي ڪتاب دنيا جي جن ڪتب خانن مان مليا، انهن مان حاصل ڪري پير صاحب باريڪ بينيءَ سان انهن جي خطي نسخن بابت مفيد معلومات مهيا ڪئي آهي. مثلاً هن ’روضة السلاطين‘ جا خطي نسخا پئرس، برلن، لينن گراڊ ۽ استنبول مان حاصل ڪيا ۽ هر نسخي کي غور سان ڏسي، انهن جي متن، سٽن ۽ عبارتن ۾ ڪي اختلاف ڏٺا تہ انهن تي مفصل روشني وڌي آهي. اهڙي طرح ’جواهرالعجائب‘ جي مختلف نسخن کي حاصل ڪري ان کي ايڊٽ ڪيو. انهن پنهي جي لاءِ جيڪي تعليقات لکيائين، اهو سنڌس ايڊٽ ڪرڻ واري فن جو هڪ ٻيو وڏو ڪارنامو آهي.

’روضة السلاطين‘ ۾ بهرام گور کان علاوه مغل حڪمرانن، سمرقند ۽ خراسان جي سلطانن امير تيمور گورگان جي اولاد، عراق ۽ روم جي انهن بادشاهن، شهزادن ۽ اميرن جا تذڪرا آهن، جيڪي فارسيءَ ۾ طبع آزمائي ڪندا رهيا. انهن جو ڪل تعداد 85 آهي. ’روضة

السلاطين' ۾ انهن جو ذڪر تمام مختصر ڪيو ويو آهي. پر پير صاحب پنهنجي تعليقات ۾ انهن جا حالات گهڻو تفصيل سان لکيا آهن. سلطان علاؤالدين جهان سوز، عبدالله خان ابو الغازي، ظهيرالدين محمد بابر شاهه، همايون بادشاهه، ڪامران ميرزا، محمد عسڪري، ميرزا شاه شجاع ڪرماني ۽ شاه حسن ارغون تي ايترو ڪجهه لکيو اٿس جو اهي ڪنهن رسالي ۾ مضمونن جي شڪل ۾ شايع ٿي سگهيا ٿي. پير صاحب محنت جو عادي هو، تنهن ڪري فهرست مرتب ڪرڻ وقت هر حڪمران جي دؤر حڪومت جا سن بہ انهن جي نالن سان گڏ لکي ڇڏيا اٿس. انهيءَ محنت جي طفيل سلجوق، چنگيز خان جي خانداني سلسلي جي اويس خان سمرقندي جا، ابوالفتح السلطان سعيد، امير تيمور گورگان، امير غياث الدين حاجي خوافي جا شجرا بہ ڏيئي ڇڏيا اٿس.

شاعرن ۾ رودڪي، عنصري، دقيقي، ابوالفرج سڪري، عمعق بخارائي، رشيدوطواط، انوري، عبدالواسع جبلي، خاقاني شرواني، بابا سودائي ۽ سلمان سائوجي جو ذڪر آيو آهي تہ انهن تي بہ معلوماتي حاشيا لکيا اٿس.

فاضلن ۾ عبدالملڪ، ابونصر الڪندي، شاه عريب مرزا، فريدون مرزا ۽ قطب الدين شيرازي تي تمام سنو مواد فراهم ڪيو ويو آهي.

مؤلف ڪان جتي سن، سال لکڻ ۾ غلطي ٿي آهي تہ ان جي بہ تصحيح ڪري ڇڏي اٿس (ص-266) يا ڪٿي ڪنهن ڪتاب مان عبارت نقل ڪرڻ ۾ ڀُل چُڪ ٿي ويئي آهي تہ ان کي بہ درست ڪري ڇڏيو اٿس. (ص 268).

اهڙيءَ طرح 'جواهر العجائب' ۾ عالمِ اسلام جي جن ٽيهن (30) عورت شاعرائن جو ذڪر آهي. انهن جو تفصيل 'تذڪرة النساء' (درگاپرشاد)، 'اختر تابان' (ابولقاسم محتشم)، 'حديقهء عشرت' (درگاپرشاد)، 'صبح گلشن' (نواب علي حسن خان)، 'روز روشن' (مظفر حسين صبا)، 'مراة الخيال' (شير خان لوڌي)، 'مجالس النفايس' (علي شير نوائي)، 'نتائج الافڪار' (قدرت الله گوپاموي)، ۽ 'آتشڪده' جهڙن تذڪرن ۽ 'بابرنامه' ۽ 'تاريخ فرشتہ' جهڙن تاريخن مان وڌيڪ مواد وٺي مڪمل ڪيا ويا آهن. جن عورتن جو ذڪر انهن ۾ آيو آهي، انهن جا نالا هي آهن: دل آرام، حضرت عائشہ، خيرالنساءِ، فاطمة الزهرا، حضرت زليجا، مسمات مهستي، بادشاهہ خاتون، مسمات جهان خاتون، مسمات بي

بي حيات، بي بي مهري، مغول خانم، آفاق بيگه جلاير، نهاني، بيجه عصمتي، بيدلي، نهاني شيرازي، دختر قاضي سمرقند، فخرالنساءِ نسائي، خانزاده تربتي خانم، پرتوي، شاهه ملڪ سيد بيگم، دختر غزالي، بي بي ارزوي سمرقندي، ضعيفي، حيات، بي بي اتون، حجابي، دختر عفتي اسفرائني، مسمات فاطمه خاتون دوستي، بيبي يزدي، نسائي.

اهي ٻئي تذڪرا هاٺوڪن گهرجن موجب نہ هئا تنهنڪري نظرانداز ٿي سگهيا پئي. پر پير صاحب انهن تي مقدما، تعليقات ۽ حاشيا لکي انهن کي اهڙو جاندار ڪري ڇڏيو آهي جو ريسرچ جي سلسلي ۾ هاڻي اهي نظرانداز نٿا ڪري سگهجن. خود انهن جي مؤلف جي زندگيءَ تي جيڪو پردو پيل هو ان کي هٽائي پير صاحب ڪيس مؤلفن ۽ مصنفن جي قطار ۾ آڻي بيهاريو آهي.

### ديوان فخري هروي:

پير صاحب کي ديوان فخري جو نسخو ڪٿان بہ نہ مليو، جڏهن تہ ان جو ذڪر مختلف تذڪرن ۾ ملي ٿو. هو پاڻ لکي ٿو تہ، ان جو نسخو اِج تائين ڪٿان بہ دستياب نہ ٿيو. پر اج ڪان پوٽا چار سؤ سال اڳ آگري ۾ ڏٺو ويو هو. خبرناهي تہ پوءِ ان جو ڪهڙو حال ٿيو. (ديباچو، روضة السلاطين و جواهرالعجائب ص 77) پر پير صاحب جي محنت ۽ رياضت جو اهو ڪمال آهي جو، هُن 'تحفة الحبيب،' 'محڪ مرتضائي' ۽ ٻين ڪتابن مان ان جي هڪ مثنوي ۽ 101 غزل ڪنا ڪري ديوان فخري جي نالي سان 'تذڪره جواهر العجائب' سان گڏ شامل ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح فخري هروي جو هڪ ديوان مرتب ٿي پيو آهي. ان جي غزل گوئي واري نموني مان پڙهندڙ بہ حظ حاصل ڪن تہ، جيئن پير صاحب جي محنت جو صلو ان کي بہ ملي وڃي.

آمد بہار و لالہ گل در برابر ست
وقت نوائے بلبل و ہنگام ساغر ہست
باد صبا بہ باغ ہوائی بہار داد
ہم چوں دم مسیح صبا فیض گستر است

گلشن، خبرز روضۂ فردوس می دہد
زان گو نہ دلکشائی، کہ فردوس دیگر ست
از لطف نامیہ در و دیوار باغ شد
ہم چوں نگار خانہ چینی مصور ست
فیض چنیں کہ ہر طرف باغ و بوستان
آب رواں کہ جلوۂ سرو صنوبر ست
ساقی بیار جام و غنیمت شمار عمر
کہ ہر چہ ہست عمر گراں مایہ خوشتر ست
زاں آب فیض بخش بیار د کہ جام ازو
آتش مزاج و لعل رخ و روح پرور ست
درپائے گل نشیں و مخور غم ز روزگار
مے دو پیالہ ریز کہ روز مقدر است
لطف خدائے شاہ حسن آنکہ برسرش
خورشید گوہر است کہ اور ابر افسر ست
فخری بجان دعائے شہی گو کہ رائے تو
چو آفتاب روشنی ہفت کشور ست

**دود چراغ محفل 1969ع:**

’شعرائِ ڪشمير‘ جيان پير صاحب پنهنجي موضوع سنڌالاجي يعني سنڌيات کان هٽي ڪري 1969ع ۾ ’دود چراغ‘ محفل لکيو، جيڪو غالبيات ۾ هڪ قابل قدر اضافو آهي. ڪيس غالب سان ڪا خاص دلچسپي نہ هئي، پر ان جي سو سالہ ورسيءَ جي موقعي تي، جڏهن پير صاحب کي ڪجهہ لکڻ لاءِ چيو ويو تہ، ’قلم جو ڏٺي هڻڻ‘ ڪري، لکڻ وينو تہ هڪ اهڙو ڪتاب لکي ويو، جيڪو ٻولي، اندازِ بيان، غالبيات متعلق مفيد مشورا ۽ غالب جي هڪ اعتراض ڪندڙ، هڪ ملاقاتي، هڪ همنوا ۽ ٻن شاگردن جي باري ۾ مواد جي فراهميءَ ۾ اهڙي سليقي مندي، پيچيدگي ۽ گهرائي ڏيکاري جو جڏهن (ڪتاب) ’دود چراغ محفل‘ جي نالي سان شايع ٿيو تہ اهو اردو ادب جي مجلس ۾ هڪ سهڻو گلستان بڻجي ويو.

هن ڪتاب جي لکڻ واري سبب جو داستان سندس ئي زباني پڙهو:
”خدا ڄاڻي ڪٿان ’غالب صديءَ‘ جو آواز ٿيو ته ڪراچيءَ ۾ به ان جي گونج پهتي. پهريائين ته اها رڻ واري رڙ ثابت ٿي. بعد ۾ جڏهن غالب جي سو ساله ورسي جي تاريخ ۾ به ٽي مهينا وڃي بچيا ۽ ان وقت تائين، ’غالب کے اُڑیں گے پرزے‘ وارو اهوئي مرزا ظفرالحسن صاحب هڪ ڏينهن صبح صبح پان چٻاڙيندو اهڙي انداز سان آيو، جيئن ڪو وياج خور ڪنهن شريف جي دروازي تي نسوار ٺوڪيندو پهچندو آهي. ڏنڊو ته هٿ ۾ ڪونه هيس، ليڪن ’غالب پينسل‘ هٿ ۾ ضرور هيس، جيڪا حقيقت ۾ ڏنڊي کان به گهڻي مضبوط ۽ وايون بتال ڪرڻ واري هئي. صبح جو سدائين پنهنجي لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو رهندو آهيان. جهڙي طرح اسان جا برهمڻ دوست نيراني ڪنهن مسلمان جو منهن ڏسڻ گناهه سمجهندا آهن، اهڙي طرح مان به صبح جو هر ايندڙ جو منهن ڏسي اهو ئي خيال ڪندو آهيان ته گنگا ته پاڻ وٽ آهي ڪونه! پر سنڌو درياءَ يا گهٽ ۾ گهٽ حب (ندي) وهندي هجي ته ان ۾ وڃي وهنجان ۽ پنهنجو پاڻ کي پاڪ ڪريان. اهو ته بعد ۾ معلوم ٿيو ته، مرزا صاحب کي ڪراچيءَ جهڙي هيڏي شهر ۾ غالب تي لکڻ وارو ڪوبه نه مليو. جيڪو اصل ’غالبيو‘ چوائيندو وتندو هو، اهو به وقت اچڻ تي اهڙي نموني کسڪي ويو، جهڙي طرح نادر شاهه جي اچڻ سان محمد شاهه جا پاليل امير ۽ سپاهي، يا جڏهن انگريز آيا ته واجد علي شاهه جو جوڙيل لشڪر گوليون هلڻ کان اڳ پنهنجو پاڻ کي شهيد سمجهي، پريٽ جي ميدان ۾ ليٽي پيو هو. مرزا حقيقت حال ته ٻڌايو ئي ڪونه البت مون کي ’سنڌي ماڻهو‘ سمجهندي اهڙا داوَ هنيا ۽ دام وڇائي جو مان واقعي ’سنڌي ماڻهو‘ ٻڌجي ڦاسي پيس، ۽ غالب جي پنهنجي شخصيت تي ته ڪونه، پر ان سلسلي جي ڪنهن عنوان تي لکڻ جي هام هڻي ويٺس.“

هي طويل ٽڪرو ان ڪري پيش ڪيو ويو آهي، جو ان کي پڙهڻ وقت مون کي ائين معلوم ٿي رهيو هو ته مان پير صاحب جي ڪا تحرير نه پڙهي رهيو هوس، پر هُن جي سامهون ويٺو آهيان، سندس خوبصورت اندازِ گفتگو جاري آهي ۽ دلچسپ ڳالهين مان مزو وٺي، محظوظ ٿي رهيو آهيان. هو گفتگو به اهڙي طرح ڪندو هو جنهن ۾ انهيءَ نموني

جي، سندس خوش طبعي، دلڪش انداز بيان، ۽ مزاحيہ نگاري موجود هوندي هئي. هُن جي ڪن اهڙين ڳالهين کي قلمبند ڪيو ويجي ها تہ، سندس دلپذير تحرير تي پوي ها، ۽ پوءِ جڏهن هُن جي تحرير نقل ڪئي وڃي ها تہ، اها سندس اعليٰ تحرير ها. هُن جي من موهيندڙ ۽ تفريحي ڳالهين ۾ ڪنهن وقت سندس زبان مان ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون نڪري وينديون هيون، جن سان سندس مذهبي بدعقيدتيءَ جو اظهار تي پوندو هو، پر هن فارسي شاعريءَ جي مناجات، حمد، نعت، ۽ ديندار بزرگن بابت جهڙي نموني پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي، ان سان هُن جي باطني ڪيفيتن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

'غالبيات' سان هُن کي ڪو خاص لڳاءُ نہ هو، پر سندس فڪر ۾ گهرائي ۽ نظر ۾ ديده وري هئي. انهيءَ ڪري هن اهي مشورا ڏنا تہ غالب جي منتشر تحريرن کي گڏ ڪري انهن جو هڪ عاليشان ايڊيشن تيار ڪيو وڃي. غالب جي سمورن خطن کي تاريخ وار جمع ڪيو وڃي، غالب جي اردو ۽ فارسي ديوانن جا مستند ايڊيشن شايع ڪيا وڃن، غالب جي هر فارسي ڪتاب جو ايڊيشن حاشين سان ڇاپيو وڃي، غالب جي سڀني شاگردن ۽ دوستن جون تحريرون ۽ ديوان ساڳئي انداز ۾ شايع ڪيا وڃن، غالب جي دور ۾ جيڪي نثر ۾ ڪتاب لکيا ويا آهن، انهن کي طُفيليو وڃي، غالب جي مطالعي ۾ جيڪي ڪتاب رهيا آهن، انهن جو مطالعو ڪري، انهن جي فڪري جوڙجڪ جو جائزو ورتو وڃي. اهي ست ڪم طئہ تي وڃن تہ غالب کي مڪمل طور پاڻ سمجهي وٺبو، ان ڪان پوءِ ئي ٻيءَ دنيا کي سمجهائڻ لاءِ غالب تي قلم کنيو وڃي.

"اهي مشورا اڄ ڪان 14 سال اڳ ڏنا ويا. پر بقول پير صاحب جي تہ 'غالبيا' اڃا تائين رڳو هُن جا شعر پڙهي ۽ ان جي نثري چاٽ چکي جذباتي انداز جي تحرير لکڻ ۾ مشغول آهن."

ڪتاب جي اندر غالب جي همعصرن ۽ شاگردن جا حالات ۽ انهن جي شعري ڪارنامن جو ذڪر آهي، جن ۾ مڪران (سنڌ) جو شاعر ناطق (المتوفي 1848ع) غالب جو نقاد ۽ اعتراض ڪندڙ رهيو. بردوان جو منشي محمدي، متخلص، خادم بردواني، بردوان جو رهاڪو ۽ مهاراجا بردوان جو استاد هو. دهليءَ ۾ هُو غالب سان مسلسل ملندو رهيو،

انڪري هُو محض ان جو ملاقاتي هو، پر سا‎ٽس مسلسل خط و ڪتابت جاري رکيائين ۽ ڪيس پنهنجا غزل به موڪليندو رهندو هو. مولوي احمد حسن رسواؔ بجنور (اتر پرديش) جو رهندڙ هو. غالب جو شاگرد نه پر همنوا هو. ان ڪري غالب واري وزن رديف قافيه ۾ 38 غزل چيائين، شاهه باقر علي باقربگائي (المتوفي 1908ع) پير بيگهه ضلع گيا (صوبو بهارُ) جو رهواسي هو. پير بيگهه جي مناسبت سان پنهنجي نالي سان بگائي لکندو هو، غالب جو شاگرد هو. ان جي مدح ۽ ثنا ۾ ڪافي شعر چيائين. هاپوڙ (اتر پرديش) جو مولانا دلاور علي طرزي به غالب جو شاگرد هو ۽ غالب واري خيال ۾ ڏاڍا زوردار قصيدا چيائين.

ڪتاب لکي پير صاحب تذڪره نگاريءَ جو معيار بيهر بلند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ذڪر تي آيو آهي ته هو تذڪرن ۾ شاعرن جي سرسري ذڪر مان مطمئن نه هيو، ان ڪري جڏهن به ڪو تذڪرو ايڊٽ ڪندو هو ته، شاعرن جو گهٽي ڪان گهڻو احوال لکي، ان کي تذڪري جو حصو بڻائيندو هو. دود چراغ محفل تذڪره نگاريءَ جو هڪ عمدو مثال آهي. ان ۾ جن شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن جي حالات جو تفصيل ايترو ڏنو ويو آهي، جو شايد ان ۾ ڪو اضافو ممڪن نه ٿي سگهندو. وري انهن جي ذڪر ۾ اهو به بيان ڪيو ويو آهي ته، ڪهڙا قصيدا، ڪهڙي موقعي تي، ڪنهن جي لاءِ، ڪڙي خيال ۾ لکيا ويا، ڪن غزلن بابت اها به نشاندهي ڪيل آهي ته غالب جي ڪهڙي خيال ۾ چيل آهن، ناطق ۽ غالب ۾ جيڪا چڪتاڻ پيداٿي هئي، ان جي نتيجي ۾ ٻنهي جي شاگردن ۾، ڏي جواب، وٺ جواب، واري ويڙهه جو ميدان گرم ٿيو هو، ان جو به دلچسپ تفصيل هن ڪتاب ۾ ملندو. منشي محمد خادم بردوانيءَ پنهنجي غزل ۾ غالب تي جيڪا جُلهه ڪئي آهي ان جو ذڪر به آيل آهي. انهن شاعرن جي پهچ ان دور جي مهاراجائن، نوابن ۽ رئيسن تائين ٿيندي رهي، اها به دلچسپيءَ سان پڙهي سگهجي ٿي. پير صاحب کي فارسي شعر و ادب سان گهڻو لڳاءُ رهيو، ان ڪري انهن شاعرن جي فارسي ڪلام تي گهڻو انحصار ڪيو آهي ۽ انهن جي ڪلام جو انتخاب ڏيئي، ان کي وقت جي ويرن ۾ گم ٿيڻ ڪان محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

**مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب:**

1970ع ۾ پير صاحب جو ڪتاب 'غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب' شايع ٿيو. ان وقت تائين تہ پير صاحب ڪتاب ايڊٽ ڪندو رهيو. پر شايد هن کي اهو بہ خيال ٿيو هوندو تہ، هُو پنهنجي ڪا تصنيف بہ پويان ڇڏي وڃي، ائينءَ ڪري هي ڪتاب لکيائين. سندس چوڻ آهي تہ ان جي لکڻ جو خيال مٿس ويهن ٻاويهن سالن تائين ڇانيل رهيو. پر سندس قلم ٻين مختلف پاسن ڏانهن هلندو پئي رهيو.

جڏهن ڪتاب لکي شايع ڪيائين تہ، سندس ذوق جي پاڪيزگي، قلم جي پختگي ۽ تحرير جي شگفتگيءَ جي ڪري علمي حلقن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيو. پير صاحب جو قلم هن ڪتاب جي لکڻ ۾ خوب روان دوان رهيو آهي. ان ۾ سندس پيچيده تحرير ڪمال تي پهتل نظر اچي ٿي. ان جو هڪ وڏو سبب تہ اهو آهي، جو اهو سندس محبوب وطن جي هڪ محبوب ترين حڪمران بابت آهي. هي ڪتاب تاريخي بہ آهي، ادبي بہ آهي ۽ تذڪري نگاريءَ جو هڪ اعليٰ نمونو بہ آهي. پير صاحب کي تذڪرن سان عشق هيو، پر جيئن پهريان بہ ذڪر ڪيو ويو آهي، ڪوبہ تذڪرو سندس اعليٰ ذوق جي معيار تي پورو نہ لٿو. انڪري مختلف تذڪرن کي ايڊٽ ڪرڻ وقت انهن ۾ ججهي تعداد ۾ حاشيا ۽ تعليقات پئي لکيائين. سندس معيار اهو هو تہ تذڪري ۾ تاريخ بہ هجي، تحرير ۾ سونهن ۽ ڍنگ بہ هجي ۽ مجموعي طور تي پڙهڻ ۾ بہ دلچسپ هجي. سندس هيءُ ڪتاب انهن مڙني ڳالهين جي عڪاسي ڪري ٿو.

هُو ڏاڍي ڏک مان لکي ٿو تہ مرزا (غازي بيگ) کي نظر ڪائي وئي، جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو. جيڪڏهن (مڪمل) طبعي عمر نہ سهي، زندگيءَ جي ڪيس ٿورڙي بہ مهلت ملي ها تہ اسان جي ادبي تاريخ ۾ هُن جو اڪبر ۽ جهانگير جهڙن بادشاهن جي دربار سان جيڪڏهن مقابلو نہ بہ ڪيو وڃي ها تہ، علم ۽ هنر جي واڌاري ۾ خانخانان عبدالرحيم خان جهڙي علم دوست ۽ ادب پرور امير کان يقيناً مٿي مرتبو ماڻي ها، ان بيان ۾ ڪيڏو نہ درد آهي، ليڪن ان جو پورائو پير صاحب هي ڪتاب لکي ڪيو. غازي بيگ ترخان کي گهڻي وقت تائين عبدالرحيم خانخانان وانگر علمي دربار سجائڻ جو موقعو نہ مليو، پر پير صاحب هُن لاءِ اهوئي

ڪم ڪيو، جيڪو ملا عبدالباقي نهاونديءَ ’ماثر رحيمي‘ لکي خانخانان جي لاءِ ڪيو هو. پر ٻنهي ۾ فرق آهي. ملا عبدالباقي نهاوندي جي تحرير ۾ درٻاري رنگ آهي ۽ هُن ’ماثر رحيمي‘ جا جلد پنهنجي آقا جي خاطر لکيا، پر پير صاحب جي اسلوب ۾ ويهين صديءَ جو تصنيفي شعور ۽ سليقو نمايان آهي ۽ سندس لکڻي، اخلاص ۽ محبت واري ارغوني مئي سان مڪمل طور سرشار نظر اچي ٿي.

غازي بيگ ترخان جڏهن پنجويهن سالن جو ٿيو، تڏهن سندس وفات ٿي ويئي. جڏهن سترنهن سالن جو هو تڏهن سندس پيءُ مرزا جاني بيگ جي موت کان پوءِ جهانگير هن کي پنهنجي فرزنديءَ ۾ ورتو. ڪيس قنڌار جي مهم تي موڪليائين. ملتان جي جاگير ڏنائين. ان مهم کانپوء سنڌ واپس آيو ته هتي ڪيس رهڻ جو موقعو نه مليو. ڪڏهن سکر ڪڏهن لاهور ته ڪڏهن ملتان ۾ رهڻو پيس، 1016هه ۾ هن کي قنڌار جي حڪومت ملي ۽ اتي ئي 1021هه ۾ وفات ڪيائين. سندس زندگي جا اهي ئي ڇهه سال سڪون سان گذريا، پنجويهن سالن جي عمر تائين هن نوجوان جي سياسي سرگرمين جي تصوير هن ڪتاب ۾ عمدي نموني پيش ڪئي وئي آهي، جنهن سان پير صاحب جي تاريخ نويسيءَ واري مهارت جو به اندازو ٿئي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۾ جتي پيچ ڏاهه، ڏکن ۽ تڪليفن جو ذڪر اچي ٿو، اتي هُن جي تحرير ڏاڍي ڏکاري ٿي وڃي ٿي ۽ انهيءَ سوڳواريءَ جي اظهار ۾ وطني جذبو متس حاوي ٿئي ٿو. پر سنڌ جي خوشحاليءَ جو ذڪر اچي ٿو ته وري هُن جي تحرير ۾ وڏي گرمجوشي پيدا ٿي وڃي ٿي. هُو لکي ٿو ته:

”ان دؤر ۾ سپاهي خوش، رعيت مطمئن، ملڪ سرسبز ۽ خوشحال، مطلب ته ان دؤر ۾ ٺٽي کان وٺي قنڌار تائين ۽ سيوستان کان وٺي ملتان تائين سمورو ملڪ خوش و خرم هو.“ (ص 178)

پر ان مدح سرائيءَ جي باوجود هن پنهنجي ديانتدار تاريخ نويس هئڻ جو اهو ثبوت ڏنو آهي جو مرزا غازيءَ جي شاهه خرچي، نغمه نوازي، شراب نوشي، رندي، عيش پرستي، سرمستي ۽ بدڪارين تي پردو نه وڌو آهي، پر پوءِ به اُنهن ڳالهين جي ذڪر ۾ هُن جي قلم جي خوبصورتي بدستور قائم رهي، پر سندس ئي لفظن جي آثار تي ڇئي

سگهجي ٿو تہ، هُن اُن جي حسن طبيعت ۽ حسن مزاج جي داستان گوئي جا گل اهڙيءَ طرح کنڊايا، ۽ هَنڌِ، هَنڌ سجايا آهن جو، ان جي شعر و سخن واري بزم آرائي ۽ علم پروريءَ ۾ سندس سمورا عيب ڍڪجي ويا آهن ۽ هن ڪتاب ۾ هُو هڪ نيڪ دل، خوش مزاج، ڪريم النفس، فياض انسان کان علاوه هڪ باڪمال شاعر، علم دوست، علم پرور ۽ ادب نواز حڪمران نظر اچي ٿو، جنهن جو تفصيل هن ڪتاب ۾ پڙهي، اهو خيال ٿئي ٿو تہ 'اي آسمان تنهنجو کھڙو نقصان ٿئي ها جو هو ڪي ڏينهن نہ مري ها'، خود پير صاحب جي قلم مان اها ڳالهہ نڪري وئي آهي تہ، مرزا غازي جي عمر وفا نہ ڪئي، ڪيس جلد دنياوي محفل مان ڪوچ ڪرڻو پيو. جيڪڏهن عمر هن جو ساٿ ڏئي ها تہ يقيناً شان ۽ شوڪت، علم ۽ ادب جي سرپرستي ۽ درباري ٺاٺ ۾ ان جو ڪو ثاني نہ هجي ها. (ص 176)

سندس شان و شوڪت، علم و ادب جي سرپرستي ۽ درباري ٺاٺ جي روئداد ۽ بزم ادب جو سمورو تفصيل پوري ريت بيان ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ 35 شاعر سندس شاعراڻي محفل ۾ متحرڪ نظر اچن ٿا. انهن شاعرن بابت جيترو مواد مستند تذڪرن ۽ تاريخن مان ڏنو ويو آهي، ان ۾ ڊگهي عرصي تائين اضافو نہ ٿي سگهندو. هُن وڏيءَ خوش اسلوبيءَ سان انهن جي ڪافي سوانح حيات گڏ ڪئي. انهن جي خاندان جي تفصيل سان گڏ ڪيترن جا شجرا بہ ڏنا. انهن جي ڄمڻ، مرڻ ۽ زندگيءَ جي واقعن جا سن بہ درست ڪيا. بين تذڪره نويسن ۽ ڪيٽلاگرن جي ڪوتاهين جي تصحيح بہ ڪيائين. انهن شاعرن، روزگار ڳولڻ ۾ جيڪي صعوبتون سَنيون، يا حڪمرانن ۽ اميرن جي سرپرستيءَ ۾ انهن کي جيڪي ذهني پريشانيون ٿيون يا انهن جي مزاج پرسيءَ ۾ پنهنجي عزت ۽ ناموس جو جيڪو خيال رکيو يا سندن رهڻي ڪهڻي جو جيڪو معيار رهيو، ان جي هوبهو تصوير ڪڍي اٿس، يا همعصر شاعرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن رنجش مخالفت، يا نوڪ جهوڪ ٿي يا انهن ۾ جيڪا دوستي، مروت ۽ باهمي پاسداري ڏسڻ ۾ آئي، انهن سيني ڳالهين جو ڪتي ڪتي اظهار ٿيل آهي. انهن جي شعرن جي عمدي چونڊ بہ ڪئي، مستند تذڪره نويسن جي بيانن مان سندن ڪلام جو مرتبو متعين ڪيو اٿس. مرزا غازي بيگ جي

سرپرستيءَ ۾ انهن جي جيڪا قدرداني ۽ عزت افزائي تي ۽ هُنن سندس شان ۾ جيڪي قصيدا چيا، انهن جو ذڪر ڪندي، پير صاحب تي ڏاڍي مزاج واري ڪيفيت ڇانيل نظر اچي ٿي. انهن سڀني احسانن جي ڪري ايندڙ وقت ۾ جڏهن اردوءَ جي سنن ڪتابن جي فهرست تيار ڪئي ويندي تہ ان ۾ هن ڪتاب جو بہ شمار ضرور ٿيندو. ۽ پوءِ جڏهن سنڌ جي ادبي شعري سرگرمين جو تفصيل لکيو ويندو تہ هي ڪتاب بہ هر لحاظ ڪان مددگار ٿيندو.

هتي پير صاحب جي تحرير واري رنگينيءَ جا ڪجهہ نمونا بہ ڏتو:

"مغفور لاهجاني .... جڏهن ايران جي سفر ۾ مصروف هو، ان وقت عراق ۾ حڪيم شفائي سان هڪ هنڌ ملاقات ٿيس، پهريائين شفائي پڇيس تہ:

"حضرت توهان ڪٿان جا آهيو."

جواب ڏنائين تہ، "گيلڪ جو!"

شفائي حيران ٿيو هڪ دم چيائين:

"جي ها، گيلڪ ۽ ڪودن تاريخ ماده واري حوالي سان هم عدد آهن."

مغفور جواب ۾ چيو تہ:

"بلڪل صحيح، جيئن شفائي ۽ صاحب جهل هم عدد مرڪب آهن." (ص 447)

"مرشد بزدجردي شيراز ۾ رهيو ۽ عشق جي تاثير، هن ڪان ڪيترائي بيت ۽ دل پذير شعر چورايا. شيراز حرفتن جو ڳڙهہ آهي. ان ۾ هن جي نشونما ٿي. شيرازين هن کي هتن تي کنيو ۽ سندس خدمت چاڪريءَ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي." (ص 478)

"طالب جا ساراهيندڙ دوست مرزا محمد شفيع ۽ مير ابوالقاسم بئي سخاوت ۾ اڳرا ۽ ڳالهہ جا بلڪل پڪا هئا."(ص 310)

"حقيقت اها آهي تہ مرشد جنهن صنف کي کنيو آهي، ان ۾ موضوع کي جيڪڏهن آسمان تائين نہ پهچايو آهي، تہ ڪنهن طرح

هيناهون ٽيڻ به نه ڏنو اٿس. رباعي، مثنوي، هجو، تاريخ (ماده) تي سندس فڪر ۽ قلم هڪ جيترو حاوي آهي.“ (ص 517)

پير صاحب لکي ٿو ته، مرزا غازي بيگ ترخان جي ڪلام جو مجموعو پنج هزار شعرن تي مشتمل هيو. ڪيس افسوس هو ته اڄ ان جو هڪ نسخو به موجود نه آهي. هن سندس هڪ ’شعر ساقي نامہ‘، ’تذڪره ميخانه‘ مان ڪٽي پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. سندس متفرقہ شعر ۽ رباعيون ان جي مختلف تذڪرن مان نقل ڪري پڙهندڙ جي دل پشوريءَ لاءِ شامل ڪيون آهن. سندس محنت ڪي داد ڏيڻ جي لاءِ اسان جا پڙهندڙ به مرزا غازي بيگ جي غزل جا ڪجهه شعر ۽ رباعيون پڙي وٺن:

زجام درد ے خوشگوار تر نزدم، زباغ جز گل آشفتگی بسر نزدم
گلے نچیدم درباغ کزاں فراق رخت، ہزار وشنہء الماس بر جگر نزدم
بہ شادی نہ شدم آشنا کہ در ساعت، کلاہ گوشہء غم را ز آہ بر نزدم
تامرا غنچہء غم از دل دیوانہ دمد، سنبلت را گل آشفتگی از شانہ دمد
اگر از شعشعہء مہر جہالت سوزد، گل خورشید ز خاکستر پروانہ دمد
بہ شبستان الم در نظر ے خوراں، بادہ صبحے است کہ از مشرق پیانہ دمد

پير صاحب ان طرف به توجهه ڇڪايو آهي، ته مرزا غازي بيگ ترخان جيڪو غزل چوندو هو ته، انهيءَ بحر ۽ خيال ۾ سندس دربار جو شاعر طالب آملي به غزل چئي ويندو هو. اهو ئي طالب آملي جهانگير جي دربار جو ملڪ الشعراء تي ويو. مرزا غازي بيگ جي غزل جو هڪ شعر هي آهي ته:

بزم عشق است وقاری بادب باید بود
کہ دراں جز بہ لب زخم تکلم کفر است

مرزا غازي جي هڪڙي غزل جا به شعر هي آهن:

چشم بدامن خزہ چنداں گرنشاند، کز چیدنش ز کار دو دست زمانہ ماند
آوارگان کوے ترا تا نظارہ کرد، بلبل ز فکر ساختن آشیانہ ماند

طالب آملي به انهيءَ خيال تي هڪ غزل چيو، جنهن جا به شعر انهيءَ قافيي ۾ هي آهن:

چنداں گریستم کہ بہ عمرے پس از وفات، گلبانگ ہائے ہوئے بگوش زمانہ ماند
برشاخ سدرہ بال فشاں شہ تدرود روح، مشتی پر شکستہ، دریں آشیانہ ماند

مرزا غازي بيگ ترخان جي رباعين جو نمونو هي آهي:

عشاق چو طرح سود میاندازند، خود را در صد فتور میاندازند
گر غنچه دل شگفته گردد بے دوست، ہمچو گل شمع دود میاندازند
صد شمع بہ تربت فلاطون بردیم، تارہ بطریق عقل مجنوں بردیم
در ہر وادی کہ نقش بے گشت غلط، مرشد گفتیم وراہ بیروں بردیم

مرزا غازي بيگ جو تخلص پهريائين 'غزالي' هو، پر ڪيس هڪ شاعر جو تخلص 'وقاري' ايتري قدر پسند آيو جو ڪيس هڪ هزار رپيا، خاص خلعت ۽ گهوڙو ڏئي، (تخلص) خريد ڪيائين. (ص 193-192)

**تحفة الڪرام از علي شير قانع ٺٽوي 1971ع:**

اڳ ٻڌايو ويو آهي تہ پير صاحب کي مير علي شير قانع ٺٽوي سان ڏاڍي دلچسپي هئي. انڪري هُن تحفة الڪرام کي جنهن ذوق ۽ شوق سان ايڊٽ ڪري 1971ع ۾ شايع ڪيو، اهو هن جي علمي سرگرمين جو هڪ سونهري ڪارنامو آهي. هن ڪتاب جا ٽي جلد هئا. پهرئين ۽ ٻئي جلد ۾ نبين کان علاوه اسلام جي خليفن، سلطانن، حاڪمن، ساداتن، فاضلن وغيره جو ذڪر هو. ٽئين جلد ۾ سنڌ جي تاريخ اسلام کان اڳ واري دور کان وٺي مغليہ دور تائين آرين، برهمڻن، اسلام جي لشڪر جي آمد، خليفن جي نائبن، بني اميه ۽ بني عباس، سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن ۽ ڪلهوڙن جي تاريخ کان علاوه انهن جي اميرن ۽ سنڌ جي اديبن، شاعرن، عالمن، اوليائن، مڪلي قبرستان، شهرن ۽ ڳوٺن جو ذڪر هو. پير صاحب کي سنڌ جي هر شيءِ سان عشق هو، ان ڪري مير علي شير قانع ٺٽوي جي پهرئين ۽ ٻئي جلد کي نظرانداز ڪندي، ٽئين جلد کي شايع ڪرايائين. ۽ جنهن طريقي سان ان جا تعليقات لکيائين، ۽ مؤلف جي تحريرن جا عڪس، مڪليءَ جي قبرن جون تصويرون، انهن جا ڪتبا، ترخان حڪمرانن جي حڪم نامن ۽ مهرن جا عڪس، مرزا غازي بيگ ترخان، مرزا رستم قنڌاري، مير ابوالقاسم جون تصويرون، ڪيترن پاڙن ۽ ڳوٺن جا باقي بچيل آثار، ٺٽي جي جامع مسجد، فتح باغ جي ڪاشي ڪاري، مسجد جامع خسرو جي مختلف گوشن، زاوين ۽ ڪتبن،

مسجد خضري، مسجد مير امين الدين خان، روهڙي جي ڪاشي ڪاري، اڪبر، شاهجهان، عالمگيرجا فرمان، مير معين الدين خان، ميان نور محمد، ميان سرفراز خان، ميان عبدالنبي خان، سکر، لاڙڪاڻو، خداآباد، نواب شاهه ۽ حيدرآباد وارن مقبرن ۽ قلعن جون جيڪي تصويرون شامل ڪيائين. انهن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته اهڙي اهتمام سان موجوده دؤر ۾، گذريل دؤر جي ڪابه تاريخ شايع نه ٿي آهي. اهڙي سونهن ۽ سوڀيا سبب تحفة الڪرام جي اهميت وڌي وئي آهي.

ان کي ايڊٽ ڪرڻ ۾ پير صاحب اهائي عرق ريزي ڪئي، جيڪا ان فن کي فروغ ڏيڻ ۾ هُن جي روزمره جي عادت ٿي وئي هئي. هُن ان جي تعليقات لکڻ ۾ 143ڪتابن جو سهارو ورتو آهي ۽ محنت ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي اٿس. سومرا، سما ۽ ترخان خاندانن جي سلسلي ۾ 'طبقات اڪبري'، 'تاريخ معصومي'، 'ماثر رحيمي'، 'تاريخ طاهري'، منتخ التواريخ، 'اڪبر نامه'، 'آئين اڪبري' ۽ 'بيگلارنامه' وغيره ۾ جيڪي ڪجهه لکيل آهي، انهن جا صفحا، حاشين ۾ ڏنا اٿس. انهن ٿنهي دورن ۾ جيڪي امير ٿي گذريا، انهن تي به، انهن تاريخن مان طويل حاشيا لکيا اٿس، يا انهن ۾ جن شاعرن جو ذڪر آيو آهي، انهن تي به مسند تذڪرن جي حوالي سان انهن جا حالات شامل ڪيا اٿس. انهن شاعرن مان ڪنهن، ڪنهن فتح يا واقعي جي سلسلي ۾ ڪو نظم يا مثنوي يا قصيدو لکيو آهي ته ان کي به نقل ڪيو اٿس. ڪيترن خاندانن ۽ اميرن جا شجرا به ڏنا اٿس. اهڙي طرح هُن مصنف جي اختصار کي وڌائي وسيع ڪيو آهي، ۽ جيڪا ڳالهه مصنف جي ڪتاب مان معلوم ٿي نه ٿي سگهي، اها ان جي مرتب جي تعليقات مان ملي وڃي ٿي. هن ڪتاب کي جن ٻن طريقن سان سينگاريو، سنواريو ويو آهي. انهن جو مٿي ذڪر ٿي چُڪو آهي. برطانوي دؤر ۾ 'طبقات ناصري'، 'تاريخ فيروزشاهي'، 'منتخب التواريخ'، 'اڪبر نامه'، 'بادشاهه نامه'، 'عالمگير نامه'، 'مآثر عالمگيري' ۽ 'منتخب اللباب' وغيره شايع ٿيون. بنگال ايشياٽڪ سوسائٽي جا سمورا ڪتاب انگريز دانشورن جي نگرانيءَ ۾ ايڊٽ ٿيا، پر ڪنهن ۾ به اهڙو تعليقات ۽ حاشيا لکڻ جو اهتمام نه ڪيو ويو هو،

جهڙو پير صاحب ڪيو آهي، ان ۾ خود پير صاحب جي ذاتي ذوق جو وڏو عمل دخل هو. هن ان ڪي ايترو متانهون بڻائي ڇڏيو، جو هو پنهنجي ان منفرد حيثيت سان هميشہ ياد ڪيو ويندو.

**امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بڪري 1979ع:**

هيءَ پير صاحب جي شايد آخري تصنيف آهي،[1] جيڪا سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، هڪ دفعو ٻيهر افسوس جو اظهار ڪرڻو ٿو پوي تہ سنڌي ٻولي نہ ڄاڻڻ جي ڪري ان مان پورو استفادو نہ ڪري سگهيس. پر ان جي صورتخطي جي ذريعي هُن جي سڄي محنت جو اندازو ٿي وڃي ٿو. هي ڪتاب ٽيهن بابن جي 597 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ مير محمد معصوم بکريءَ جو احوال، هن جي علمي، ادبي، تعميري ۽ فني ڪارنامن جو مڪمل جائزو ورتو ويو آهي.

مير محمد معصوم بکري پنهنجي دور جو نامور امير، مورخ، شاعر، خطاط ۽ ڊپلوميٽ هو. هُن جا وڏا ترمذ جي سيدن مان هئا. اتان قنڌار ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا، جتي ٻين سان گڏ اتان جي مشهور بزرگ بابا شير قلندر جي مقبري جي مجاور جا فرض سرانجام ڏيندو هو. مير محمد معصوم جو والد مير سيد صفائي قنڌار کان بکر آيو ۽ اتان جي حاڪم سلطان محمد جي پذيرائي سبب اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائين ۽ سيوهڻ جي ڪابڙوٽي سيدن سان رشتو ڪيائين. مير محمد معصوم بکر ۾ ئي 944هہ ۾ پيدا ٿيو. هُن جا ٻہ ڀائر ٻيا بہ هئا. ابتدائي تعليم بکر ۾ ورتائين سندس والد بزرگوار سکر ۾ هڪ وڏي حويلي ٺهرائي هئي، جتي سموري کهول سان رهندو هو، پر ان جي وفات کانپوءِ هي خاندان غريب ٿي ويو تہ مير معصوم پيادل گجرات طرف نڪري پيو. اتي پهتو تہ پنهنجي هڪ ڪلاسيءَ جي جي معرفت خواجہ نظام الدين احمد بخشي، ’طبقات اڪبري‘ جي صاحب سان وڃي مليو، جيڪو اُن وقت گجرات جو ديوان هيو. ساڻس ’طبقات اڪبري‘ جي

[1] پير صاحب جا ان کانپوءِ، جيڪي ڪتاب شايع ٿيا، انهن جو تفصيل هن ڪتاب جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي. **(آزاد قاضي)**

ترتيب ڏيڻ ۾ مدد ڪيائين، چاڪاڻ تہ هُن کي پاڻ بہ تاريخ نويسيءَ سان گهڻي دلچسپي هئي. قسمت ساٿ ڏنس تہ گجرات جي شهاب الدين احمد خان جي ملازمت ۾ گهڙيو ۽ اتي بہ عهدو ماڻيائين. اڪبر جي چاليهن سال واري جلوس ۾ شاهي ملازمت ۾ شامل ٿي ويو ۽ کيس عهدو بہ مليو، اڪبر سان لاڳاپيو تہ ان کيس ايران جي سفارت تي شاهہ عباس صفوي ڏانهن موڪليو، جتي هُن بهترين خدمتون سرانجام ڏنيون. جهانگير جي دور ۾ هُن کي امين الملڪ جو خطاب مليو، ٿيهہ چاليهہ لکن جي ملڪيت ناهيائين. پر سخاوت ۽ تحفه تحائف ۾ بي پناهہ پيسا ڏيندو رهيو. ڪيترين ئي مسجدون، سرائيون، مسافرخانہ، پليون، کوهہ ۽ عيدگاهہ وغيره ٺهرايائين. سکر ۾ بہ عمارتون ٺهرايائين. بکر ۾ 'ستياسر' جي عمارت بہ هن جي ئي جوڙايل آهي، جيڪا ان زماني ۾ دنيا جي عجائبن مان سمجهي ويندي هئي. گنبذ دريائي مان ان جي تاريخ (1007هہ) نڪري ٿي. دهليءَ ۾ ان جي جوڙايل هڪ مناري جي اوچائي ويهن ڪوهن کان نظر اچي ٿي. انهيءَ سان هڪ گنبذ بہ جوڙايو هيائين، جيڪو پڪين سرن سان ٺهيو هو، پر ان جون سرون پڳل معلوم ٿين ٿيون. چوکنديءَ جي قبرستان کي باهي ڪلان پٿر سان درست ڪرائي، تمام گهڻو مضبوط ڪرايو، ڪجهہ باغ بہ لڳرايائين.

هُو اعليٰ پايي جو خطاط ۽ ڪتبه نويس بہ هو. هندستان کان تبريز ۽ اصفهان تائين سمورن رستن ۽ منزلن تي پنهنجا شعر، مسجدن ۽ عمارتن جي پٿرن تي اڪرايائين. آگري جي قلعي جي دروازي ۽ فتح پور جي جامع مسجد جا ڪتبا سندس ئي هٿن جا آهن. سندس آخري آرامگاهہ سکر جي هڪ گنبذ هينان آهي. ان ۾ بہ هُن جو هڪ ڪتبو لڳل آهي، ۽ ڪلام پاڪ جي آيتن کان علاوه اتي خود مير معصوم جون رباعيون لکيل آهن، جن مان بہ هي آهن:

(1)

نے گل برخ باد صبا می خندد　　نے نے ہمہ بر غفلت ما می خندد
گویم گویم کہ چرا می خندد　　بریک دم عمر بے وفا می خندد

(2)

نامی من ازیں د بر پشیماں رفتم     نا چیده گلے ازیں گلستان رفتم
بودم دو ہزار آرزو در دل بیش     نه کرده یکے از آن به سامان رفتم

هُو وڏو قادرالڪلام شاعر بہ هو، ’عرفات العاشقين‘ جي مؤلف هن جي شاعريءَ تي عام تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ:

الحق او را قوت و قدرت عظیم در شاعری بود.

نظامي گنجوي جي تقليد ۾ ’پنج گنج‘ لکيائين جنهن ۾ ’معدن الافڪار‘ نظامي جي، ’مخزن الاسرار‘، ’حسن و نازان‘ ان جي ’يوسف زليخا‘، ’رايٰ و صورت‘ ان جي ’ليليٰ مجنون‘، ’خمسه متحيره‘ ان جي ’هفت پيڪر‘ ۽ ’اڪبر نامه‘ ان جي ’سڪندر نامه‘ جي جواب ۾ آهن. ان ڪان سواءِ هُن جا بہ ديوان، رباعين جو هڪ مجموعو، هڪ ساقي نامه ۽ هڪ معمن جو مجموعو پڻ آهن. ڪيس طب۾ بہ مهارت هئي. ’مفردات معصومي‘ يا ’طب نامي‘ جي نالي ان فن ۾ هُن جي هڪ تصنيف بہ آهي.

تاريخ ۾ هُن جي تصنيف ’تاريخ سنڌ‘ گهڻو مشهور ٿي. ان ۾ بنو اميه واري دؤر ۾ سنڌ جي فتح ڪان وٺي اڪبر جي دور تائين جا واقعا آهن سومرن، سمن ۽ ارغونن جي بہ ان ۾ تاريخ اچي وئي آهي مرزا جان بيگ جي احوال تي ختم ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب مرزا جاني بيگ 1008ھ ۾ فوت ٿيو. ۽ مير معصوم 1015ھ ۾ وفات ڪئي. اهڙي طرح هُو پنهنجي موت ڪان ست سال اڳ تائين جا حالات قلمبند ڪندو رهيو. ان تاريخ کي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ايڊٽ ڪري 1938ع ۾ بمبئي مان شايع ڪيو. ان جو ناقص ترجمو جي. جي ميلٽ ڪيو. هن ڪتاب جا طويل اقتباس ’اليٽ‘ ۽ ’ڊائوسن‘ پنهنجي ’تاريخ هند‘ جلد اول ۾ ڏنا آهن. ان جا سنڌي ۽ اردو ترجما بہ شايع ٿيا آهن.[1]

[1] ڊاڪٽر دائودپوٽي پاران حاصل ڪيل نسخي کان بہ اڳ وارو تاريخ معصوميءَ جو هڪ قلمي نسخو، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي. وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي محترم مظهرالحق صديقي جي سهڪار سان پنجاب يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪري، 2008ع ۾

مير معصوم جي دوستن ۾ خواجه نظام الدين بخشي، ’طبقات اڪبري‘ جو صاحب، خان خانان عبدالرحيم خان ۽ ملا عبدالقادر بدايوني، ’منتخب التواريخ‘ جو مصنف به هئا. ملا عبدالقادر بدايوني، ’منتخب التواريخ‘ جي ٽئين جلد ۾ سندس احوال تفصيل سان لکيو آهي، ۽ ان جي تعريف هن طرح ڪئي آهي ته، ”نهايت درويش صفت، بااخلاق، ديانتدار، بهادر ۽ سخي آهي. تقويٰ پرهيزگاري، نماز ۽ تلاوت جو وڏو پابند آهي شعر گوئي ۽ معما چوڻ ۾ گهٽي مهارت حاصل اٿس، نهايت بلند فطرت آهي.“ (ج 3-ص 66-364). هن جي شعرن جا ڪافي نمونا به ڏنا اٿس. مير معصوم به ملا صاحب جو قدردان هيو. جڏهن هو احمد آباد ۾ هو ته هن وٽ هڪ منقبت لکي موڪليائين. ملا صاحب کي اها پسند اچي وئي هئي، ان ڪري پنهنجي ڪتاب ۾ ان کي مڪمل طور نقل ڪري ڇڏيائين.

شاعرن ۾ هُن جي صحبت نظيري نيشاپوري، ملاغني امني، بقائي، حياتي، صوفي، سائوجي، تقي ڪاشي، حڪيم شفائي ۽ محمد رضا فڪريءَ سان رهي.

معصوم بکريءَ جا جيڪي احوال ۽ ڪارناما، مٿي مختصر بيان ٿي چُڪا آهن، انهيءَ اختصار جو پورو تفصيل سيد حسام الدين راشدي صاحب جي هن ڪتاب ۾ ملندو، جنهن ۾ مير معصوم جي حسب نسب، خاندان، خانداني بزرگن، تعليم، تربيت، گجرات، لاهور، آسير ۾ قيام، شاهي ملازمت، ايران ۾ سفارت، بکر ۾ واپسي، خانگي زندگي، سيرت، ڪردار، علم، فضل، تصنيفون، شعري مجموعا، ٺهرايل عمارتون، همعصر، احباب ۽ ڪتبن وغيره تي تفصيلي تبصرو ڪيل آهي. ان دور ۾ خبر ناهي ڪيترا صاحبِ علم امير ٿي گذريا آهن. پر اهي ڪتابن ۽ مخطوطات ۾ گم ٿيل آهن. اها مير معصوم بکريءَ جي خوش بختي آهي جو کيس پير صاحب جهڙو قدردان تذڪره نويس مليو، جنهن ان تي هڪ ضخيم ڪتاب لکي موجوده دؤر جي باذوق اهل علم آڏو ڪيس پيش ڪيو.

---

نئين مقدمي سان شايع ڪرايو. دنيا ۾ موجود قديم ترين نسخن ۾، ان نسخي کي اوليت حاصل آهي. (آزاد قاضي)

پير صاحب کي فارسي شعر و ادب سان گهرو لڳاءُ رهيو، ان ڪري مير محمد معصوم ناميءَ جي فارسي شاعريءَ طرف پوري طرح توجهه ڏياريو اٿس. مختلف تذڪره نويسن جي تحريرن مان هُن جو شعري مرتبو متعين ڪرڻ ڪان پوءِ، ڪيس جيڪي شعر تذڪرن، عمارتن، مقبرن ۽ ڪتبن وغيره تي مليا، انهن کي پنهنجي ڪتاب جي 29 باب جي 64 صفحن ۾ شامل ڪيو. اهو وڏي محنت جو ڪم هو، پر علمي محنت پير صاحب جي لاءِ خود وقف ٿيو پئي ويئي، انڪري اهڙي محنت ڪرڻ ڪان لنوائيندو نہ هو. سندس هن ڪتاب ۾ جيتريون رباعيون، غزل، ادب لطيف ۽ ٻيا مختلف قسمن جا شعر گڏ ٿي ويا آهن. اهڙي محنت ڪان پوءِ شاعر جي ديوان کي ڏسڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

هن ۾ مير معصوم جي رباعين ۽ غزلن جا جيڪي نمونا ڏنا ويا آهن، انهن مان ٻن چئن تي نظر وجهو. اهو ئي پير صاحب جي محنت جو قدر آهي:

(1)

یک حصہء عمر من بہ نادانی رفت
یک حصہ ازاں چناں کہ می دانی رفت
یک حصہ بہ بیہودہ بہ بیکار گذشت
یک حصہ بافسوس و پشیمانی رفت

(2)

گلزار جمال عارض دلدارم
چوں جلوہ دہد بخاطر افگارم
دریا دریا، جہاں جہاں، خوں ریزم
بستاں بستاں، چمن چمن گل بارم

(3)

گہ نالم و گہ زنالہ خاموش کنم،
باشد کہ زجائے سخنت گوش کنم
فارغ ز خیال تو نیم یک نفسے،
ترسم کہ دگر نفس فراموش کنم

## غزل

عفو تو، بستہ است لب عذر خواہ را
بر رو نہادہ داغ شفاعت گناہ را
از بس بہ جستجوی تو پیک نظرو دوید
دیدم ہزار آبلہ در پائے نگاہ را
از بس کہ ناز و عشوہ فشاند کہ خرام
آرایش بہار دہد جلوہ گاہ را

--------

حسنست کہ او جلوہ گراز پردہء ناز ست
عشقست کہ با حسن ازل محرم راز است
قانون خروشم ہمہ بیروں ز جنون است
ایں زمزمہ امشب نہ باندازہء ناز ست
امشب بہ تمنای مہ روئے تو تا صبح
چشم چو در خانہء ویراں شدہ باز ست
آن حسن کہ جولاں گہ او عرصہء ناز ست
مستغنی از آرایش و فارغ ز نیاز است

--------------

بے روے تو در دیدہء من نور نماند ست
یک ذرہ تواں در من مہجور نماند ست
پیوستہ بتاں را سوے عشاق نظر بود
ایں قاعدہ در عہد تو منظور نماندست
دور از تو مرا حال بہ مردن شدہ نزدیک
تا مرگ ز من یک نفسے دور نماندست
ہجراں تو نامی صفتم تافتہ پنجہ
بازوے - مرا طاقت ایں زور نماندست

ڪتاب جي آخر ۾ 114 تصويرون ۽ عڪس، انهن قبرن، عمارتن، مسجدن، عيدگاهن مينارن، آرام گاهن ۽ ڪتبن جا آهن، جن جو ذڪر ڪنهن نه ڪنهن سلسلي ۾ ڪتاب ۾ آيو آهي يا انهن جو تعلق مير محمد معصوم بکريءَ سان آهي. ان سان ڪتاب جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ وڏو اضافو ٿي پيو آهي. ڪتبن جا عڪس ۽ مختلف تصويرون ڪڍڻ ۾ جيڪا محنت ڪيل آهي، ۽ ان سلسلي ۾ جيڪو خرچ ٿيو هوندو، ان جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ڪتبن جي عڪس کان سواءِ ڪتاب جي 30 نمبر باب ۾ 54 ڪتبا اهڙا گڏ ڪيا ويا آهن جيڪي قنڌار، اديگير، بيانه، فتح پور سيڪري، اجين، گواليار، ناگور، سعدل پور، ماندو، برهان پور، آسير، دهلي ۽ جيپور جي عمارتن يا ڪنهن ٻئي هنڌ لڳل هئا. اهو ڪتبن جي ماهرن لاءِ گهري مطالعي جو ڏاڍو مفيد سرمايو آهي.

**پڇاڙي:**

آخر ۾ اهو عرض ڪرڻو آهي ته پير صاحب جي علمي زندگيءَ جا شايد ٻه وڏا مقصد هيا. هڪڙو اهو ته ان جو مثال پيش ڪيو وڃي ته علم جي تلاش ۾ تن آساني، سهل پسندي، ڪوتاه قلمي، ڪن لاٽار، فرار ۽ چشم پوشي اختيار ڪرڻ، علم سان سراسر بي انصافي ۽ زيادتي آهي. ٻيو مقصد اهو هيس ته هُو سنڌ جي گذريل علمي عظمت، فضيلت ۽ جاهه و جلال کي ظاهر ڪري، سنڌ کي اهو مقام عطا ڪري، جنهن جي اها واقعي مستحق آهي. ٺٽو سنڌ جو دارالسلطنت رهيو. هُن جي شايد دلي خواهش هئي، ته هن شهر جي هڙني آثارن جي تاريخ اهڙي نموني قلمبند ڪئي وڃي، جو اها خبر پئي ته هي دارالحڪومت به غزني ۽ دهليءَ کان گهٽ نه هو. جيڪڏهن هو اهل قلم بجاءِ اهل حڪومت هجي ها ته شايد ٺٽي جي مسجدن، تلائن، کوهن، پُلين، مسافرخانن، عبادتگاهن، ان جي رستن ۽ گهٽين کي اهڙيءَ طرح نئين سر تعمير ڪرائي ها، جهڙيءَ طرح اهي پنهنجي عروج واري زماني ۾ هئا ۽ مڪلي ٽڪريءَ جي شاندار مقبرن سان گڏ اتان جي ٻين ننڍن ننڍن قبرن کي اهڙي طرح نهرائي ڇڏي ها، جهڙي طرح انهن جي وارثن نهرايون هيون ۽ هو جيڪڏهن پنهنجي حڪومت جي بي تحاشا دولت خرچ ڪري ڇڏي ها ته، اها

اجائي نہ وجي ها. هي شهر هڪ گلستان بڻجي سياحن جي توجهہ جو مرڪز ٿي پوي ها ۽ پير صاحب جيترو خرچ ڪري ها، ان ڪان بہ گهڻو سياحن جي ذريعي حاصل ٿي وڃي ها. اهو تہ هُن لاءِ ممڪن نہ ٿي سگهيو، پر هُن سنڌ ۽ ٺٽي متعلق ايترو تاريخي، ادبي، شعري ۽ فڪري مواد مهيا ڪري ڇڏيو آهي جو ان ۾ اهو سڀ ڪجهہ نظر ايندو جيڪو ٺٽي يا سنڌ ۾ گذريل زماني ۾ نظر ايندو هو.

پر هڪ ڳالهہ ڪٽڪي ٿي، جنهن جي اظهار ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي تہ، پير صاحب جون سموريون علمي سرگرميون سنڌ جي ان قيمتي سرمايي کي گڏ ڪرڻ ۾ صرف ٿيون جيڪو فارسيءَ ۾ آهي ۽ پاڪستان ۾ فارسيءَ سان لاتعلقي جو اظهار ڪيو پيو وڃي. هتان جي يونيورسٽين ۽ تعليمي ادارن ۾ فارسي پڙهڻ وارا شاگرد نظر نہ ٿا اچن، جيڪڏهن فارسي زبان هن سرزمين تان وساري وئي تہ هتان جا ماڻهو پنهنجي گذريل قيمتي ورثي کان محروم ٿي ويندا ۽ پير صاحب جا سمورا علمي ڪارناما ۽ نقش نگار مٽجي ويندا! اهو سوچيندي خيال ٿو ٿئي تہ پير صاحب سنڌي يا اردو ٻوليءَ ۾ مستقل ڪتاب لکندو رهي ها تہ هُن جي علمي ڪاوشن سان اهي ٻوليون مالا مال بہ ٿين ها ۽ هُو انهن ٻولين جي دربارِ عام ۾ وڏو مقام حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ٿئي ها. پر پاڪستان جي اها وڏي محرومي چئبي جو فارسي زبان کي وساري پير صاحب جي علمي ڪارنامن کي بہ فراموش ڪري ڇڏي. آخر ۾ اهو چوڻو آهي تہ هُن پنهنجي پويان جيڪو علمي سرمايو ڇڏيو آهي، ان کي پڙهي، پير صاحب جا پڙهندڙ ۽ خصوصاً سنڌ جا اهل علم کيس ياد ڪندي هيئن چوندا رهندا.

ان کے گئے پہ دل کی خرابی نہ پوچھیے
جیسے کسی کا کوئی نگر ہو لٹا ہوا۔

سيد صباح الدين عبدالرحمان

# پياري پير حسام الدين راشديءَ جي ياد ۾

پهرين اپريل 1982ع جي رات جو ريڊيو پاڪستان تان هيءَ دردناڪ خبر ٻڌم ته جناب سيد حسام الدين راشدي پنهنجي پالڻهار ڏانهن روانو ٿي ويو. اها خبر ٻڌي دل کي ڏاڍو ڌڪو رسيو. سڄي رات هنڌ تي پاسا ورائيندي گذري. هن جون سموريون يادگيريون ۽ ملاقاتون سئنيما جي چرندڙ تصويرن وانگر اکين اڳيان ڦرڻ لڳيون.

هن سان منهنجي پهرين ملاقات سال 1955ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏاڍي رواداريءَ واري طريقي سان ٿي. ان کان پوءِ هِتان اعظم ڳڙهه مان ساڻس خط و ڪتابت جاري رهي. پر جڏهن پاڪستان جي ڪن ناشرن دارالمصنفين جي ڪتابن کي ڇپڻ شروع ڪيو ته دارالمصنفين جي مالي حالت تمام خراب ٿي ويئي. ان باري ۾ پهريان ته هندستان ۾ موجود پاڪستان جي هاءِ ڪمشنر کي دانهن ڏني ويئي؛ پر اتان ڪوبه خاطريءَ جهڙو جواب ڪونه مليو، ڇو ته هن کي به شڪايت هئي ته پاڪستان جا ڪتاب هندستان ۾ به ڇپبا رهن ٿا. ڪراچيءَ ۾ جناب سيد حسام الدين راشدي صاحب دارالمصنفين جو وڏو قدردان هو. پاڻ چوندو هو ته ”خدا جو سُنهن، مون دارالمصنفين جي ڪتابن مان ئي لکڻ سکيو.“ پاڻ علامه شبلي ۽ مولانا سيد سلمان ندوي ٻنهي جو وڏو مداح هو. پاڻ ان وقت تائين هڪ وڏي درجي جو مصنف به ٿي چڪو هو، تنهنڪري پاڪستان جي علمي دنيا ۾ کيس عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. مون سندس ڌيان پاڪستان جي ڪن ناشرن جي انهيءَ هٿ چراند ڏانهن ڇڪايو. دارالمصنفين سان انهيءَ زيادتيءَ جو کيس ڏاڍو ڏک ٿيو. پاڻ پاڪستان جي وڏين اخبارن مثلاً جنگ، حريت، مشرق، امروز ۽ نواءِ وقت

---

نوٽ: ڀارت جي نامور عالم ۽ محقق مولانا سيد صباح الدين عبدالرحمان، ناظم دارالمصنفين شبلي اڪيڊمي، اعظم ڳڙهه، يو. پي. اداره سنڌي ادبي بورڊ جي ٽه ماهي پرچي مهراڻ جي گذارش تي هي مضمون خاص طرح سان پير حسام الدين راشدي نمبر لاءِ لکي موڪليو هو، جيڪو مراد علي مرزا ترجمو ڪيو. **(آزاد قاضي)**

وغيره ۾ هڪ مضمون ڇپائي دارالمصنفين کي تباهيءَ کان بچائڻ جي اپيل ڪيائين؛ ان سلسلي ۾ اتي جي سيني وڏن ليکڪن کي مدد ڪرڻ لاءِ به چيائين. سندس انهيءَ اپيل جي ڪري دارالمصنفين جي حق ۾ تمام سنو اثر پيدا ٿيو. اخبارن اداريا لکي سندس اپيل جي پٺڀرائي ڪئي. انهيءَ ڪم سانگي ٻيهر فيبروري 1970ع ۾ ڪراچي وڃڻ ٿيو. اتي پهچي جناب راشدي صاحب سان جمشيد روڊ تي سندس گهر ”بيت الضياء“ ۾ مليس. پاڻ پنهنجي ڪتبخاني ۾ ويٺا هئا، جتي پهچي احساس ٿيم ته پاڻ رڳو ڪتابن جي ماحول کي پسند ڪن ٿا؛ ڪتبخانو هن جي لاءِ آهي ۽ هو ڪتبخاني جي لاءِ، انگريزي لباس پاتل هوس، پر ملڻ جلڻ، اٿڻ ويهڻ، گڏ هلڻ وقت اڳيان پٺيان رهڻ ۽ ڳالهين ڪرڻ ۾ دهلي ۽ لکنو جي پراڻي تهذيب جي ياد پئي تازي ڪيائين. پاڻ سنڌ جي وڏن خاندانن مان هو، پر پنهنجن ملاقاتن ۽ خاص ڪري پڙهيل لکيل ماڻهن سان ملڻ ۾ وڏي نهٺائي ۽ هيناهين ڏيکاريندو هو.، هن ڪافي دير تائين مون کي پنهنجي سيني سان لاتو. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته منهنجي ڪهڙي طرح ۽ ڪيئن خاطر تواضع ڪري؟ ڳالهيون شروع ٿيون ته اهو سلسلو ختم ڪرڻ لاءِ دل نه پئي ٿي. گهڻي رات گذري ويئي، تڏهن به دل پئي گهريو ته ڳالهيون ڪندو رهان.

آءٌ هن جي علمي ڪارنامن جو وڏو قدردان ٿي ويو هوس. پاڻ جيڪو به ڪتاب لکندو هو ته ان ۾ محنت ۽ ڪوشش جي حد ڪري ڇڏيندو هو. سال 1957ع ۾ سندس ايڊٽ ڪيل ’تذڪره مقالات الشعراء‘ مؤلف مير علي شير قانع ٺٽوي (وفات سن 1203هه ڏسڻ جو موقعو مليو. ان ۾ ست سؤ اٺويهن فارسي شاعرن جو ذڪر آهي. ان جي مؤلف کي، سنڌ جي تاريخ تي هڪ نهايت ڪارائتي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ جي مصنف هئڻ واري حيثيت ۾ ته ڄاڻندو هوس، پر جناب راشدي صاحب ’مقالات الشعراء‘ جي شروع ۾ سندس زندگيءَ جو جيڪو احوال لکيو آهي، ان کي پڙهي حيرت ٿيم ته هو نه رڳو هڪ زبردست شاعر هو، پر هن ٽيتاليهه ڪتاب به لکيا هئا. راشدي صاحب وڏي محنت سان انهن ڪتابن جا نالا ڳولي هٿ ڪيا، جن جي ڪري هن قدر لائق مصنف جون علمي ۽ ادبي ڪوششون پڙهندڙن اڳيان نروار ٿيون. راشدي صاحب ان

ڪتاب جو مقدمو سولي ۽ روان فارسيءَ ۾ ئي لکيو آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو تہ ان زبان تي ڪيس پورو عبور حاصل هو.

سندس جنهن علمي ۽ ادبي شاهڪار ڪان آءٌ گهڻو متاثر ٿيس، اها سندس ايڊٽ ڪيل ڪشمير جي شاعرن جي تاريخ آهي، جيڪا ڪيترن ئي جلدن ۾ آهي. ڪيس پهرين اصلح متخلص بہ مرزا بن حاجي محمد اسلم خان سالم ڪشميري جو لکيل هڪ تذڪرو مليو، جنهن ۾ ٽي سو پنجن ڪشميري شاعرن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ انهن جي شعرن جا نمونا ڄاڻايل آهن. تذڪرو لکندڙ محمد شاهہ جي دؤر جو آهي. هن انهيءَ تذڪري ۾ گهڻو ڪري عالمگيري دور ڪان وٺي محمد شاهي دور تائين جي شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن مان ڪيترن شاعرن جو ڪنهن نہ ڪنهن حيثيت ۾ ڪشمير سان لاڳاپو هو. خود مؤلف بہ ان تذڪري جو ڪوبہ نالو نہ رکيو هو، پر راشدي صاحب ايڊٽ ڪرڻ وقت ان جو نالو 'تذڪرة شعراءِ ڪشمير' رکيو. ان ڪان پوءِ هن اها بہ ذميداري کنئي تہ ڪشمير ۾ فارسيءَ جا ٻيا جيڪي بہ شاعر ٿي گذريا آهن، تن جو حال احوال گڏ ڪجي. ان سلسلي ۾ هن پنهنجي بي پناهہ محنت ۽ ڪوشش سان ايترو تہ مواد ڪنو ڪيو جو ان کي ڇهن جلدن[1] ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين. انهن ۾ جن جن شاعرن جو ذڪر آيو آهي. انهن بابت جيترن بہ تذڪرن ۾ ڪيس جيڪي ڪجهہ بہ هٿ آيو، انهن جا چونڊ حصا هڪ هنڌ ڪنا ڪيائين. اهو ايترو مواد آهي جو ان ڪان پوءِ پڙهندڙن يا تحقيق ڪندڙن کي انهن شاعرن جي باري ۾ ٻئي ڪنهن بہ ڪتاب ڏسڻ جي تڪليف ڪرڻي نہ پوندي. انهن شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ جن باغن، تاريخي جاين ۽ واقعن جا حوالا ڏنا آهن، تن تي بہ حاشيہ لکيا اٿس ۽ ضروري معلومات ڏني اٿس. ايتري سخت محنت ۽ ڪوشش سان شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪتاب جي ترتيب ۽ تدوين ٿي هوندي. اهي جلد اهڙن مؤلفن ۽ مصنفن جي لاءِ ڄڻ تہ سبق آهن، جيڪي ٽڙ تڪڙ ۾ پنهنجا ڪتاب ڇپرائي سستي شهرت حاصل ڪن ٿا. هن نندي ڪنڊ جي علمي دنيا ان ڪارنامي تي جيترو بہ فخر ڪري گهٽ آهي.

---

[1] اهي چار جلد آهن، جن جو ذڪر مولانا صاحب، پير صاحب جي علمي ڪارناما واري مضمون ۾ ڪيو آهي. *(آزاد قاضي)*

راشدي صاحب جي وڏيڪ علمي سرگرمين جو تفصيل ڪانئس جدا جدا موقعن تي معلوم ٿيندو رهيو. سن 1970ع تائين هن فارسيءَ جا هيٺ ڄاڻايل ڪتاب ايڊٽ ڪري ڇپائي پڌرا ڪيا هئا:

(1) مثنوي چنيسر نامہ از ادراڪي بيگلار (سال 1956ع)، (2) مثنوي مظهر آلاثار (سال 1957ع)، (3) مقالات الشعرا از قانع ٺٽوي (سال 1958ع)، (4) تڪلمہ مقالات الشعراء از خليل ٺٽوي (سال 1958ع)، (5) قصائد و مثنويات از قانع ٺٽوي (سال 1961ع)، (6) تاريخ مظهر شاهجهاني از يوسف ميرڪ (سال 1962ع)، (7) مثنوي هشتِ بهشت از عطا ٺٽوي (سال 1963ع)، (8) منشور الوصيت و دستور الحڪومت از ميان نور محمد ڪلهوڙو (سال 1964ع)، (9) تاريخ ترخان نامہ از مير محمد ٺٽوي (سال 1967ع)، (10) تذڪره حديقة الاولياء از عبدالقادر ٺٽوي (سال 1967ع)، (11) تذڪره شعرائِ ڪشمير از ميرزا محمد اصلح (سال 1967ع)، (12) تذڪره شعرائي ڪشمير حصو اول (سال 1967ع)، (13) تذڪره شعرائِ ڪشمير حصو ٻيو (سال 1968ع)، (14) تذڪره شعرائِ ڪشمير حصو ٽيون (سال 1968ع)، (15) تذڪره روضة السلاطين از فخري هروي (سال 1968ع)، (16) تذڪره شعرائِ ڪشمير حصو چوٿون (سال 1969ع).

مٿي ڄاڻايل ڪتابن کي ايڊٽ ڪرڻ وقت راشدي صاحب جيڪو علمي پورهيو ڪيو آهي، اهو علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ هڪ تمام وڏي خدمت جي لائق آهي. هن پنهنجي غير معمولي محنت ۽ پورهيي سان ايڊٽ ڪيل ڪتابن کي وزنائتو ڪري ڇڏيو. مثال طور مٿي ڏنل تفصيل ۾ فخري هروي جا ٻہ تذڪرا 'روضة السلاطين' ۽ 'جواهر العجائب' گهڻو مختصر آهن. پهريون ڪتاب 108 صفحن جو ۽ ٻيو ڪل 38 صفحن جو آهي. پهرئين ڪتاب ۾ انهن بادشاهن، شهزادن ۽ اميرن جو ذڪر آهي جن فارسي يا ترڪي زبان ۾ شعر چيا؛ ٻئي ڪتاب ۾ ڪن شاعره عورتن جا احوال آهن. راشدي صاحب انهن ٻنهي تذڪرن تي 77 صفحن جو مقدمو ۽ 120 صفحن جا تعليقات لکي، انهن کي علمي دنيا ۾ هڪ اهم جاءِ ڏئي ڇڏي آهي. انهن ۾ جنهن تحقيق ۽ محنت سان فخريءَ جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندس لکيل ڪتابن جا نالا ڪنا ڪيا ويا آهن، ان جي ڪري فخري جي بدران خود راشدي صاحب پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ تي قابض

نظر اچي ٿو. ’روضة السلاطين‘ سال 953ھ کان پوءِ لکيو ويو ۽ ’جواهر العجائب‘سال 962ھ ۾ قلمبند ڪيو ويو. اهي ٻئي تذڪرا سنڌ جي پراڻي گاديءَ واري شهر ٺٽي ۾ تصنيف ٿيا. راشدي صاحب پنهنجي مقدمي ۾ اهو به ٻڌايو آهي ته فارسي زبان ۾ سڀ کان پهريون تذڪرو ’تذڪره شعراء‘ آهي، جيڪو ملتان ۾ سال 600ھ کان اڳ لکيو ويو هو. ان کان پوءِ ’عوفيءَ جو لُب الالباب‘ آهي جيڪو سنڌ ۾ ئي سال 625ھ ۾ مرتب ڪيو ويو. ان لحاظ کان راشدي صاحب کي اهو فخر ڪرڻ بلڪل جڳائي ٿو ته فارسي زبان ۾ تذڪره لکڻ جي شروعات سنڌ مان ٿي. وري علي شير نوائي جو ڪتاب ’مجالس النفايس‘ (سال 892ھ) ۽ ’فخري هروي جا روضة السلاطين‘ ۽ ’جواهر العجائب‘ سنڌ ۾ ئي لکيا ويا، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته فارسي زبان ۽ ادب جي تاريخ ۾ سنڌ جي اها خدمت ڪا معمولي خدمت ڪانهي. انهيءَ خدمت جي ذڪر ڪرڻ ۾ راشدي صاحب جو قلم ڏاڍي روانيءَ سان هليو آهي. هن ’روضة السلاطين‘ ۽ ’جواهر العجائب‘ جو مقدمو ته وڏي معياري اردو ۾ لکيو آهي، پر تعليقات فارسيءَ ۾ لکيا اٿس، جن کي پڙهڻ سان ٻنهي زبانن تي سندس مهارت جي خبر پوي ٿي.

هن جي مادري ٻولي سنڌي هئي، تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ به علمي خدمت ڪندو رهيو. ان ٻوليءَ ۾ هن جا هيٺ ڄاڻايل ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن:

1- مولانا محب علي سنڌي (سال 1942ع)، 2- مهراڻ جون موجون (سال 1955ع)، 3- ’تذڪره اميرخاني‘ (سال 1961ع)، 4- ’ماڪ ڦڙا رابيل‘ (سال 1965ع)، 5- ’مڪلي نامه‘ (سال 1967ع). آخري ڄاڻايل ڪتاب اٺ سؤ صفحن تي پکڙيل آهي. اردو ۾ هن جا به ڪتاب ’هفت مقاله‘ ۽ ’دودِ چراغ محفل‘ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. ان ئي زماني ۾ اهو معلوم ڪري حيرت لڳي ته هن وٽ فارسي، سنڌي ۽ اردو ڪتابن جا 29 مسودا تيار رکيا آهن، جيڪي جلد ئي ڇپجي پڌرا ٿيندا. انهن ۾ ’تاريخ رشيدي‘ از مرزا حيدر دوغلت، ’تاريخ فرامين سلاسل تيموريان‘ ۽ ’سلسله نورجهان بيگم زن جهانگير بادشاھ‘، ’سنڌ ۾ اردو‘، ’تذڪره مير معصوم بکري‘، ’غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب‘ وغيره شامل هئا. فارسي ادب جي خدمتن جي صلي ۾ ايران جي حڪومت جي طرفان کيس سال 1962ع

۽ سال 1966ع ۾ به پيرا 'نشان سپاس' جا تمغا مليا. پاڪستان جي حڪومت ڪيس 'ستاره امتياز' ڏئي سندس علمي خدمتن جي قدر افزائي ڪئي. ۽ پوءِ خبر ڪانهي ته ڪيترين اخبارن ۽ رسالن جو به ايڊيٽر رهي چڪو هو. سال 1930ع ۾ سکر مان 'المنار' نالي هڪ ماهوار رسالو نڪتو ته ان جو ايڊيٽر ٿيو. وري سال 1930ع کان سال 1934ع تائين 'سنڌ زميندار' جو ايڊيٽر ٿيو. 'ستاره سنڌ' (34-1937ع)، 'الوحيد' ڪراچي (40-1942ع)، 'قرباني' (45-1946ع) سندس ئي ادارت ۾ ڇپيون. ٽماهي رسالو 'مهراڻ' حيدرآباد (1957ع)، 'اردو" ڪراچي ۽ 'پارس' ڪراچي جو به ايڊيٽر ٿي رهيو. طهران مان هڪ رسالو سال 1967ع ۾ 'ايران شناسي' نڪرندو هو، ان جو به ايڊيٽر ٿيو. پاڪستان جي شايد ئي ڪا علمي يا ادبي مجلس هوندي جنهن جو هو اهم رڪن نه ٿيو هجي. وري هتي جي يونيورسٽين جي ڪنهن نه ڪنهن ڪاميٽيءَ جو ميمبر به ضرور چونڊيو هو.[1] ايشيا ۽ يورپ جي لاتعداد ملڪن جا به سير سفر ڪندو رهيو. سال 1963ع ۾ پاڪستان جي طرفان، بغداد جي هزار ساله سالگره جي موقعي تي شرڪت لاءِ عراق موڪليو ويو. سال 1964ع ۾ افريقا ۽ ايشيا جي زبانن جي ڪانفرنس ماسڪو ۾ ٿي پاڻ ئي ان ۾ پاڪستاني وفد جي اڳواڻي ڪيائين. سال 1967ع ۾ طهران ۾ ايرانيات جي ماهرن جي بين الاقوامي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو. سال 1965ع ۾ چين ويو، جتي ليکڪن جي هڪ ڪانفرنس ٿي هئي ۽ 1974ع ۾ ٻيهر چين ويو هو.

پير صاحب ڪنهن به يونيورسٽيءَ ۾ باقاعده تعليم حاصل نه ڪئي هئي، پر سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ کان سواءِ انگريزي ۽ عربيءَ ۾ سندس غير معمولي قابليت 'قدرت جو عطيو' هئي. انهيءَ ۾ هو پنهنجيءَ محنت ۽ پورهيي سان واڌارو ڪندو رهيو. سندس آبائي ڳوٺ ٻهمڻ ضلع لاڙڪاڻي سنڌ ۾ هو. سال 1911ع ۾ اتي ئي پيدا ٿيو، پوءِ ڪراچيءَ ۾ گهر ڪري اچي وينو ۽ رات ڏينهن علم ۽ فن جي خدمت ڪرڻ ۾ فڪرمند ڏسڻ ۾ آيو. هو ڳالهيون ڪندو هو ته سندس حجت ۾ به سنجيدگي ۽ سنجيدگيءَ ۾ حجت هوندي هئي. پاڻ دارالمصنفين جي علمي ڪارنامن جو وڏو مداح هو؛ هر هر چوندو هو ته "خدا جو قسم،

---

[1] اهڙن ادارن جو تفصيل هن ڪتاب جي آخر ۾ ڪيو ويو آهي.

مون جيڪي بہ سکيو آهي، دارالمصنفين جي ڪتابن مان ئي سکيو آهي.“ سندس انهن ڳالهين مون تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ مون کي بہ پنهنجي اهڙي اداري تي فخر محسوس ٿيو.

ان اداري جي مسئلن ۽ تڪليفن جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ چوڻ لڳو تہ ”آءٌ پاڻ وٽ ڪنهن ڏينهن رات جي مانيءَ تي ڪراچيءَ جي سيني ليکڪن ۽ عالمن کي دعوت ڏيندس، ۽ سندن اڳيان اهي مسئلا رکندس.“

20- نومبر 1969ع تي سندس گهر ۾ اهو ميڙ ڪٺو ٿيو، جتي ڪراچيءَ جي سيني وڏن وڏن ليکڪن سان هڪ هنڌ ملڻ جو اتفاق ٿيو. انهن ۾ مشهور ماڻهو هيءُ هئا: جناب ممتاز حسن صاحب سابق سيڪريٽري وزارتِ خزانہ، حڪومت پاڪستان؛ ڊاڪٽر معين الحق سيڪريٽري، پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي؛ جناب جميل الدين عالي صاحب انڪم ٽيڪس صلاحڪار نيشنل بئنڪ؛ سيد الطاف حسين بريلوي پاڪستان ايجوڪيشنل ڪانفرنس؛ حڪيم محمد سعيد مالڪ همدرد دواخانو؛ شان الحق حقي صاحب اعزازي سيڪريٽري، ترقيءِ اُردو بورڊ؛ مولانا رازق الخيري ايڊيٽر رسالو عصمت؛ پروفيسر ڊاڪٽر رياض الاسلام شعبہء تاريخ ڪراچي يونيورسٽي؛ ڊاڪٽر محمد صابر استاد ترڪي زبان ڪراچي يونيورسٽي؛ ابن انشاء صاحب ڊائريڪٽر نيشنل بوڪ سينٽر؛ مشفق خواجہ صاحب، انجمن ترقيءِ اردو پاڪستان؛ مولانا اعجازالحق قدوسي صاحب مصنف شيخ عبدالقدوس گنگوهي؛ پروفيسر محمد ايوب قادري صاحب استاد اردو ڪاليج ڪراچي؛ جناب سيمين خان صاحب چيئرمين ڪاپي رائيٽ بورڊ. انهن صاحبن کان سواءِ راشدي صاحب جا ٻيا ڪيترائي دوست، ڪراچيءَ جا ڪي ناشر ۽ اخبارن جا ڪي خاطو پڻ هئا. انهيءَ اهم ميڙ ۾ پهرين جناب سيد حسام الدين راشديءَ دارالمصنفين تي هڪ تقرير ڪئي تہ پاڪستان جا ڪي ناشر ان اداري جا ڪتاب ڇاپي، ان کي جنهن وڏي نقصان ۾ وجهي رهيا هئا، ان مسئلي ڏانهن انهن صاحبن جو ڌيان ڇڪايو. ان ميڙ ۾ مون کي بہ ڳالهائڻ جو موقعو مليو. پاڪستان جي ان اهم علمي ميڙ کي عرض ڪيم تہ ”آءٌ هت دارالمصنفين جي خيرخواهن ۽ همدردن کان اخلاقي امداد وٺڻ جي لاءِ آيو آهيان. جيڪڏهن ان اداري جا ڪتاب هت ڇپبا رهيا تہ هتي جي ناشرن کي ٿوري وقت لاءِ کي فائدا ضرور حاصل ٿيندا، پر

دارالمصنفين جهڙو پراڻو ۽ خدمت ڪندڙ ادارو مري ڪپي ختم ٿي ويندو. اهو هڪ تمام وڏو علمي حادثو ٿيندو، جنهن جو ماتم پاڪستان جا ماڻهو بہ وڏي ڏک ۽ افسوس سان ڪرڻ تي مجبور ٿيندا: چو تہ ان اداري جو خرچ پکو، ان اداري جي ڇپيل ڪتابن جي وڪري مان ٿئي ٿو.“ هتي جي ماڻهن، جنهن خدمت ۽ قربانيءَ کان ڪم ورتو آهي، ان جو تفصيل بہ ٻڌايم. منهنجن ڳالهين کي تمام ڌيان سان ٻڌو ويو. هنن دارالمصنفين سان همدردي ڏيکاري ۽ پوءِ ان تي بحث شروع ٿي ويو تہ انهيءَ اداري جي ڪتابن کي هٿ چراند کان ڪيئن بچائي سگهجي ٿو. آخرڪار فيصلو ٿيو تہ وڏيڪ سوچ ويچار ڪرڻ جي لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي وجي، جنهن جا ميمبر جناب ممتاز حسن، جناب حسام الدين راشدي، جناب جميل الدين عالي، جناب ابن انشاء ۽ جناب ابن الحسن چونڊيا ويا. ان مجلس جي سُنين ۽ راحت ڏيندڙ يادن جا ڏيئا اڄان تائين منهنجي اکين جي آڏو روشن آهن، ان ۾ جناب راشدي صاحب جيڪو ڪم ڪيو، انهيءَ جي ياد سدائين تازي رهندي.

ان ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻي جناب ممتاز حسن صاحب جي آفيس نيشنل بئنڪ ۾ ٿي، جتي راشدي صاحب مون کي پنهنجي گاڏيءَ ۾ وٺي ويو. ان ۾ فيصلو ٿيو تہ دارالمصنفين کان باقاعده اختيار وٺي، اهڙن ناشرن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جيڪي ان جا ڇپايل ڪتاب اجازت کان سواءِ ڇاپي، ان کي ڇيهو پهچائين ٿا. مون اهي اختيار ڪاميٽيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا. انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ جناب راشدي صاحب جي تجويز تي ان ڪاميٽيءَ جي ميمبرن پاڻ مان هڪ سوسائٽيءَ جو بہ بنياد رکيو، جنهن جو نالو ”شبلي- سليمان يادگار سوسائٽي“ رکيو ويو. ان جو مقصد هيءُ هو تہ مولانا شبلي ۽ مولانا سيد سليمان ندويءَ جي تحقيقي ۽ علمي ڪم جو پرچار ڪيو وڃي. ان جو صدر جناب ممتاز حسن صاحب، سيڪريٽري جناب ابن الحسن صاحب ۽ خزانچي جناب جميل الدين عالي صاحب مقرر ٿيا. راشدي صاحب پنهنجو نالو ان جي ميمبرن ۾ ئي رکڻ مناسب سمجهيو. ان سوسائٽيءَ کي اهو بہ حق ڏنو ويو تہ شبلي ۽ سليمان[1] جي اداري جي ڪتابن جي حقن جي پاڪستان ۾ نظرداري ڪري.

---

[1] شبلي اڪيڊمي ۽ سليمان ندوي اڪيڊمي

منهنجي أتي رهڻ واري زماني ۾ جناب راشدي صاحب جي زور پرڻ تي جناب جميل الدين عالي صاحب هڪ رات پاڻ وٽ ماني کارائڻ کان پوءِ هڪ خاص گڏجاڻي ڪئي، جنهن ۾ ممتاز حسن صاحب، جناب راشدي صاحب، جناب ابن انشاءِ ۽ جناب محمود قاسم صاحب شريڪ هئا. اها وندرائيندڙ صحبت ٻارهين بجي رات تائين هلندي رهي. موضوع گهڻو ڪري علم، ادب ۽ تصوف هو. ممتاز حسن صاحب پنهنجي گفتگو ۾ شيڪسپيئر، برٽرنڊرسل، برنارڊ شا، ٽي. ايس. ايليٽ، چرچل ۽ ڪننگهم کان وٺي غالب، اقبال، حالي ۽ شبليءَ تائين انهن مفڪرن جا حوالا ڏنا. هو پنهنجي علمي ڳالهه ٻولهه کي اثرائتي لطيف انداز ۽ ڪلائيندڙ فقرن سان وزندار ڪندو رهيو. جميل الدين عالي صاحب جي ڳالهين ۾ وڏي ذهانت هئي؛ ڪوبه موضوع هجي ان مان پنهنجي خداداد نعمت جي ڪري ڪونه ڪو نڪتو ڪڍي ٿي آيو. يورپ جي ڪيترين ئي ادبي ۽ سياسي تحريڪن تي هن جي گهري نظر معلوم ٿي. ان وقت سندس ڳالهين ۾ وڏو جوش ٿي آيو ۽ هن جي ذهانت ويتر تيز ٿي پئي وئي. ابن انشاء صاحب مون کان گهڻو ڪري دارالمصنفين جي باري ۾ سوال پڇندو رهيو. راشدي صاحب ته دارالمصنفين جي نالي ۽ ان جي ڪم تي هر هر پاڻ گهورڻ جي لاءِ تيار پئي ٿيو. ممتاز حسن صاحب گفتگو ڪندي چيو ته ”هندوستان جا ٽي ادارا پنهنجي خدمت ۽ قربانيءَ جي ڪري هميشه ياد ڪيا ويندا: سرونٽس آف انڊيا سوسائٽي پونا، دارالمصنفين اعظم ڳڙهه ۽ جامعه مليه دهلي. جيتوڻيڪ جامعه مليه دهليءَ جي حيثيت هاڻي ٻي ٿي ويئي آهي ۽ سرونٽس آف انڊيا سوسائٽي جي حال جي ڪابه خبر ڪانهي؛ پر دارالمصنفين پنهنجي اڳوڻي رفتار تي قائم آهي.“ اهو ٻڌي راشدي صاحب جون اکين ۾ چمڪ اچي ويئي، ۽ هن انهيءَ جي زوردار تائيد ڪئي. ابن انشا صاحب شايد آزمائڻ خاطر مون کان پڇيو ته ”ڇا دارالمصنطين کي پاڪستان ۾ نه ٿو آڻي سگهجي؟“ راشدي صاحب هڪدم وچ ۾ ڳالهائيندي چيو ته ”1947ع کان پوءِ مون هت دارالمصنفين جي لاءِ هڪ پلاٽ نظر ۾ رکي ڇڏيو هو ۽ منهنجي مرضي هئي ته اهو ادارو هت اچي. پر هاڻي اهو پاڪستان اچڻ گهري تڏهن به آءٌ ان جي مخالفت ڪندس، ڇو ته پوءِ اهو دارالمصنفين نه رهندو. جيڪو ڪم اتي ٿورن هزارن روپين ۾ ٿئي ٿو اهو هتي لکن روپين ۾ به ٿي نه

سگهندو. دارالمصنفين جا دوست هتي آيا تہ اهي پئسن ڪمائڻ ۾ موٽرن جي سير ڪرڻ ۾ لڳي ويندا؛ هنن مان خدمت ۾ قربانيءَ جو جذبو نڪري ويندو.“ انهيءَ تي مون راشدي صاحب کي چيو تہ: ”اوهان منهنجيءَ دل جي ڳالهہ ڪئي آهي“، ۽ وري اهو بہ چيم تہ، ”پاڪستان ۾ مولانا شبليءَ جي قبر تہ نہ هوندي جنهن جي مجاور ٿيڻ ڪان پوءِ سڀ ڪي حاصل ٿئي ٿو“. اها گڏجاڻي رات جو ٻارهين بجي ڪان پوءِ ختم ٿي. راشدي صاحب چيو تہ ”مدتن ڪان پوءِ اهڙي رنگين ۽ حسين رات گذري آهي.“ پر ڪهڙي خبر تہ اهڙيون ڪيتريون ئي راتيون هو پهرين بہ گذاري چڪو هجي ۽ اهي ئي سندس حياتيءَ جو اصلي سرمايو هجن.

جڏهن دارالمصنفين جي ڇپايل ڪتابن سان هٿ چراند پاڪستان ۾ رڪجي نہ سگهي تڏهن دارالمصنفين سخت مالي مشڪلاتن ۾ ڦاسي پيو. مون هڪ ڊگهي خط ۾ راشدي صاحب سان دارالمصنفين جي مالي مشڪلاتن جو ذڪر ڪيو. ان خط ۾ مون اهو بہ لکيو تہ اسين پاڪستان جي ماڻهن ۽ اتي جي حڪومت کي درخواست ڪريون ٿا تہ هو پنهنجن ناشرن تي زور آڻين ۽ اسان جي اداري کي ختم ٿيڻ ڪان بچائين. راشدي صاحب کي اهو بہ لکيم تہ اوهان مولانا ڪوثر نيازي مذهبي معاملن واري تڏهوڪي وزير جو ڌيان ان معاملي ڏانهن ڇڪايو. ڪيس اسان جي اداري جي اهميت ۽ قدر و قيمت جي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي. راشدي صاحب جا لک ٿورا جنهن اهو خط پاڪستان جي سيني اردو اخبارن ۾ ڇپرايو ۽ ان جو انگريزي ترجمو ڪري انگريزي اخبارن ڏانهن بہ اماڻيو. پاڪستان جي مشهور انگريزي اخبار ڊان اهو خط 17- جولاءِ 1975ع جي پرچي ۾ ڇاپي ان تي ڏاڍو اثرائتو، زوردار ۽ ڏک ڀريو اداريو بہ لکيو. اردو اخبارن بہ پنهنجن ادارين ۾ دارالمصنفين جي زوردار پنيرائي ڪئي. ان جي ڪري دارالمصنفين جي حق ۾ ڏاڍي سني فضا پيدا ٿي. آگسٽ 1975ع ۾ آءٌ پنهنجي وڏي ڌيءَ جي شاديءَ جي سلسلي ۾ ڪراچي پهتس تہ راشدي صاحب وٽ وڃي حاضر ٿيس. پهرين هو جمشيد روڊ تي رهندو هو، پر هاڻي هن الحمرا سوسائٽيءَ ۾ هڪ وڏو گهر خريد ڪيو هو، جيڪو نئين سامان سان سينگاريل هو. انهيءَ ۾ سندس علمي جنت بہ آباد هئي. مون کي ڏسندي ئي وڏي آڪير سان اچي سيني سان لاتائين. ائين

لڳو ته جڻ بن وڇڙيلن جو وري ميلاپ ٿيو هو. ڪائنس معلوم ٿيو ته پاڻ مولانا ڪوثر نيازي، مذهبي معاملن واري تڏهوڪي وزير کي خط لکي درالمصنفين سان پاڪستاني ناشرن جي ڏاڍائيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، ۽ هو ڪيس اسلام آباد گهرائي ان باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندو. مون هن جا گهڻا ٿورا مڃيا. هو سنڌي هو ۽ سنڌين وٽ آدرڀاءُ ۽ مهمانداريءَ جي تمام سٺي روايت آهي. راشدي صاحب سان جڏهن به ملاقات ٿي، تڏهن انهيءَ روايت کي قائم ڏٺم.

هڪڙيءَ رات هن پنهنجي گهر مانيءَ کائڻ جي دعوت ڏني. اتي پهتس ته ٻيا به ڪيترائي مهمان موجود هئا، انهن ۾ جناب شيخ عبدالرشيد اڳوڻو استاد شعبئہ تاريخ مسلم يونيورسٽي، جناب بشير احمد ڊار اڳوڻو ڊائريڪٽر اقبال اڪيڊمي ۽ ڊاڪٽر رياض الاسلام استاد سعبئہ تاريخ ڪراچي يونيورسٽي به هئا. پروفيسر عبدالرشيد مون کي علي ڳڙهه جو هڪ 'اولڊ بواءِ' سمجهي علي ڳڙهه بابت ڳالهه ٻولهه شروع ڪئي، سندس اها گفتگو ايتري ته ڊگهي ٿي ويئي جو جناب راشديءَ کي نيٺ چوڻو پيو ته، هاڻي منهنجي صبر جو پيمانو پرجي ويو آهي. علي ڳڙهه وارن جي اها عجب خصوصيت آهي ته جڏهن هو پاڻ ۾ ملندا آهن، تڏهن علي ڳڙهه کان سواءِ ٻئي ڪنهن به موضوع تي ڳالهائڻ پسند نه ڪندا. اهو ٻڌي اسان کي موضوع بدلائڻو پيو.، پر راشدي صاحب اهو به چيو ته علي ڳڙهه وارن کي علي ڳڙهه سان جيڪا محبت آهي، اهڙي ڪنهن ٻي يونيورسٽيءَ وارن کي پنهنجي يونيورسٽيءَ سان نه هوندي. دعوت جي اها رات به ڏاڍي مزيدار هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن ڪراچيءَ ۾ پاڪستاني حڪومت جي مذهبي معاملن واري وزارت جو تڏهوڪو جوائنٽ سيڪريٽري جناب زاهد ملڪ منهنجي رهڻ واري هنڌ آيو ۽ ملندي ئي هيءُ اطلاع ڏنائين ته منهنجي لاءِ جناب مولانا ڪوثر نيازي حڪومت پاڪستان جي مذهبي معاملن واري تڏهوڪي وزير جي طرفان اسلام آباد تائين هوائي جهاز جي ٽڪيٽ آهي ۽ اتي هو منهنجي اچڻ جو انتظار ڪري پيو. انهيءَ دعوت تي 9- سيپٽمبر 1975ع تي شام جو ڪراچيءَ کان اسلام آباد پهتس. اتي مولانا ڪوثر نيازيءَ منهنجو وڏو آدرڀاءُ ڪيو، انٽرڪانٽيننٽل هوٽل

۾ ترسايو ۽ پوءِ پنهنجيءَ وزارت جي خاص ڪمري ۾ گهرائي دارالمصنفين جي ڇپائيءَ جي حق واري وڪري بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ پڪ ڏياري ته اهو ڪم ضرور ٿيندو. ان کان پوءِ هن منهنجي لاءِ هڪ آڌرڀائي دعوت جو انتظام اسلام آباد جي مشهور ڪلب ”اسلام آباد ڪلب“ ۾ ڪيو. رمضان شريف جا ڏينهن هئا، تنهنڪري افطار جو زبردست انتظام ڪيو ويو، جنهن ۾ اسلامڪ ريسرچ انسٽي ٽيوٽ جو ڊائريڪٽر جناب عبدالواحد هاليپوٽو ۽ سندس سمورو عملو شريڪ ٿيو. اتي اخبارن جا ايڊيٽر ۽ خاطو به هئا، جن دارالمصنفين بابت قسم قسم جا سوال پڇيا. ان جي ڪري به دارالمصنفين جي حمايت لاءِ جوڳو بندوبست ٿيو. وري منهنجو آڌر ڀاءُ خاص ڪري اسلامڪ ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ ڪيو ويو. ان موقعي تي دارالمصنفين جي لاءِ، ان جا ڇپايل سڀئي ڪتاب منهنجي نذر ڪيا ويا.

اتي دارالمصنفين وارن ڪتابن جي وڪري لاءِ تعليم جي وزارت جي اعليٰ عملدارن سان به ملندو رهيس. جڏهن واپس ڪراچي آيس ته مون جناب راشدي صاحب جا ٿورا مڃيا ته اهو سڀ ڪجهه سندس ئي مهربانين جي ڪري ٿيو. مون ڪي اعظم ڳڙهه واپس اچڻ جي تڪڙ هئي پر راشدي صاحب ترسايو ته اجا ته دارالمصنفين جي ڇپايل ڪتابن جي وڪري جي ڳالهه اڃتي نه وڌي آهي: جيستائين حڪومت سان اهو معاملو چڱي طرح نه نبري، تيستائين منهنجو واپس وڃڻ مناسب نه ٿيندو. انهيءَ زماني ۾ امير خسرو رح جو 700 سؤ ساله جشن اسلام آباد ۾ ٿيڻ وارو هو. راشدي صاحب زور رکيو ته آءٌ انهيءَ ۾ ضرور شريڪ ٿيان. اهو جشن ٻن قسمن جو هو: هڪ قومي ۽ ٻيو بين الاقوامي. قومي جشن ته اسلام آباد يونيورسٽيءَ جي طرفان ٿيڻ وارو هو ۽ بين الاقوامي جشن جو بندوبست حڪومت جي طرفان ڪيو ويو. هڪڙي ڏينهن ٻنهي منتظمين جي طرفان مون وٽ هوائي جهاز جون ٽڪيٽون ۽ دعوت ناما پهتا. اهو سڀڪجهه راشدي صاحب جي ڪري ٿيو. مون ڪي دارالمصنفين جي ڪتابن جي وڪري جي ڪم ڪي اڳتي وڌائڻو هو، تنهنڪري دعوت نامي ملڻ تي خوشي ٿي، جنهن هوائي جهاز ۾ راشدي صاحب اسلام آباد وڃڻ وارو هو، انهيءَ ۾ منهنجي سفر ڪرڻ جو به انتظام ڪيل هو. اتفاق سان

هارورڊ يونيورسٽيءَ جي مشهور اسڪالر ڊاڪٽر اينمري شميل بہ انهيءَ هوائي جهاز ۾ اسلام آباد، انهيءَ جشن جي لاءِ پئي ويئي. هوائي اڏي تي هن جي نظر راشدي صاحب تي پئي تہ وڏيءَ اُڪير سان هن ڏانهن هلي آئي ۽ پوءِ ٻنهين ۾ اهڙي بي تڪلفيءَ سان ڳالهيون ٿيڻ لڳيون جو معلوم ٿيو ٿي تہ ٻنهين جي دلين ۾ هڪ ٻئي جي علم جو وڏو قدر آهي. اسين اسلام آباد جي انٽرڪانٽيننٽل هوٽل ۾ پهتاسون تہ راشدي صاحب سان ملڻ لاءِ ميڙا لڳي ويا؛ ماڻهو سندس چوڌاري مڙي ويا. هو هنن سان پنهنجن ٽهڪڙن ۽ منڙي آواز سان ڳالهيون ڪندو ۽ پنهنجي خوش طبعيءَ سان هنن کي وندرائيندو رهيو. انهيءَ مان سندس مقبوليت ۽ محبوبيت جي خبر ٿي پئي. جشن جو افتتاحي جلسو وڏي ڌام ڌوم سان ٿيو. وري چانهہ جي لاءِ وقفو ٿيو، تہ ان ۾ بہ راشدي صاحب جي چوڪڙيءَ جو نظارو ڏٺم. اسلام آباد يونيورسٽيءَ ۾ مقالن پڙهڻ جا ڪيترائي اجلاس ٿيا. راشدي صاحب هر مقالي تي ڪا نہ ڪا دلچسپ ۽ چيندڙ راءِ ڏني ٿي، جنهن تي مجلس ۾ ٽهڪڙا پئجي ٿي ويا. هڪڙي اجلاس ۾ منهنجي اميد جي خلاف اعلان ٿيو تہ ان جي صدارت مون حقير کي ڪرڻي پوندي. مون کي تہ ان جو خيال بہ ڪونہ هو. اهو سڀ ڪجهہ ماٺ ميٺ ۾ راشدي صاحب جشن ڪاميٽيءَ وارن کان ڪرايو. آءٌ خاص ڪري سندس گهڻو ٿورائتو ٿيس. هڪڙي اجلاس ۾ منهنجو بہ مقالو "امير خسرو ۽ تصوف" جي عنوان سان هو. جڏهن مون اهو پڙهي پورو ڪيو تہ راشدي صاحب اُٿي اعلان ڪيو تہ اِن مقالي تي ڪنهن کي بہ سوال ڪرڻ جي اجازت ڪانهي. اهو چئي تہ منهنجي احترام جو هڪ تمام وڏو اهتمام ۽ اعتراف هو، جنهن جي ڪري آءٌ راشدي صاحب جو ويتر عاشق ٿي پيس.

امير خسرو جو بين الاقوامي جشن تہ وڏيڪ شانائتي نموني ۾ ٿيو. ان ۾ بہ منهنجو هڪ مقالو هو. انهيءَ بين الاقوامي جشن جي آخري اجلاس جي صدارت راشدي صاحب ڪئي ۽ جڏهن سيئي مقالا پڙهجي ويا، تڏهن راشدي صاحب اميد خلاف پنهنجي صدارتي تقرير دوران بلند آواز ۽ سخت لهجي ۾. امير خسرو جي خلاف گهڻو ڪجهہ چئي ويو. اتفاق سان سندس صدارتي ڪرسيءَ جي بلڪل اڳيان آءٌ ويٺو هوس. جڏهن هو تقرير پوري ڪري ڊائس تان هيٺ لٿو تہ منهنجي اڳيان هٿ

ٻڌي بينو ۽ چوڻ لڳو تہ "مون کي خبر آهي تہ امير خسرو سان اوهان جي گھڻي عقيدتمندي آهي، ان لاءِ اوهان دل ۾ نہ ڪجو، اها تقرير اوهان جي لاءِ نہ هئي." آءٌ مُرڪي ماٺ ٿي ويس، پر ان تقرير تي وڏو چوٻول ٿيو. رات جي ماني؛ تي آءٌ راشدي صاحب سان هڪ هنڌ وينو هوس تہ اردوءَ جو مشهور شاعر فيض احمد فيض بہ اتي اچي وينو. اوچتو جميل الدين عالي ۽ ابن انشا صاحب بہ اتي پهچي ويا. جميل الدين عالي هڪدم راشدي صاحب کي چهٽي ويو تہ اهڙي تقرير ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. ٻنهين جي گفتگوءَ ۾ تيزي آئي تہ جناب فيض احمد فيض وچ ۾ پئي هنن کي ٿڌو ڪيو. ان وقت ائين لڳو تہ راشدي صاحب ۽ جميل الدين عالي پهرين تہ هڪٻئي جي ڏاڍو ويجهو هئا، پر هاڻي ٻئي هڪٻئي کان پري ٿي ويا هئا. ان جو اندازو اڳتي هلي ٿيو. ان کان پوءِ آءٌ جڏهن بہ ڪراچي ويس تہ راشدي صاحب جي علمي گڏجاڻين ۾ جميل الدين عالي کي نہ ڏٺم.

اسلام آباد جي انهيءَ سفر ۾ دارالمصنفين جي ڪتابن جي وڪري تي ڳاهہ تہ نہ ٿي سگهيو، البت ان سلسلي ۾ شروعاتي ڳالهيون ضرور ٿي ويون. ان جي لاءِ بہ آءٌ جناب راشدي صاحب جو شڪرگذار ٿيس. سال 1975ع جي آخر ۾ اعظم ڳڙهہ واپس هليو ويس، پر، سال 1976ع ۾ پاڪستان جي پهرين بين الاقوامي سيرت ڪانگريس ۾ وري مون کي دعوت ڏني وئي. جڏهن ڪراچي پهتس تہ وري راشدي صاحب سان گڏجاڻيون ٿينديون رهيون. سيرت ڪانگريس جو اجلاس جڏهن ڪراچيءَ ۾ پئي ٿيو تہ راشدي صاحب ان ۾ آيل ايراني مندوبين جي پنهنجي گهر تي هڪ شاندار دعوت ڪئي. ان ۾ مون کي بہ گهرايائين. انهيءَ دعوت ۾ مون راشدي صاحب کي ايرانين سان ڏاڍي روان فارسيءَ ۾ ڳالهيون ڪندي ٻڌو، جنهن مان خبر پئي تہ کيس جديد فارسيءَ ۾ گفتگو ڪرڻ تي وڏي مهارت حاصل آهي. انهيءَ ڀيري دارالمصنفين جي ڪتابن جي وڪري جي ڳالهہ ٻولهہ ڪجهہ اڳتي وڌي. اپريل 1976ع ۾ علامہ اقبال تي هڪ سيمينار ٿيو، تہ مولانا ڪوثر نيازي وري هوائي جهاز جي ٽڪيٽ موڪلي اسلام آباد گهرايو. اتي سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ دارالمصنفين جي مسئلي کي اڳتي وڌايم، پر دفتري ڪارروائيءَ ۾

گهڻي دير تي ويئي. جيتري گهڻي دير ٿيندي ٿي ويئي، اوتري راشدي صاحب جي ڪاوڙ وڌندي ٿي ويئي. آخر هن مون کي لکيو تہ ”تون مون تي لعنت وجهي ڪراچي واپس هليو اچ ۽ اعظم ڳڙهہ هليو وڃ. آءٌ پاڻ تي خود لعنت وجهندس تہ مون ٿي توکي انهيءَ پريشانيءَ ۾ ڦاسايو آهي. ٿئي تہ ڪجهہ بہ نٿو ۽ تون اجايو مالي ۽ جاني خفن ۾ ڦاسي پيو آهين.“ پر آخرڪار اهو معاملو نهي ويو ۽ پاڪستان جي حڪومت نيشنل بوڪ فائونڊيشن کي اجازت ڏني تہ اها دارالمصنفين جي ڪتابن جي ڇپائيءَ جا حق پندرهن لکن روپين ۾ خريد ڪري، جڏهن ڪراچيءَ ۾ ٽيليويزن ۽ ريڊيو جي عيوضين ۽ اخبارن جي ايڊيٽرن جي ميڙ ۾ نيشنل بوڪ فائونڊيشن سان اهو ناهہ ٿي ويو تہ آءٌ راشدي صاحب جي گهر تي حاضر ٿيس ۽ ساڻس ياڪر پائي چيم تہ جيڪي بہ ٿيو، اهو سندن علم نوازيءَ ۽ دارالمصنفين سان سندس محبت ڪري ٿيو. سندس ان احسان کي دارالمصنفين جا ايندڙ نسل ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا.

ڊسمبر 1977ع ۾ علامہ اقبال جي سؤ سالہ سالگرهہ جي بين الاقوامي ڪانگريس واري جشن ۾ مون کي بہ دعوت ڏني ويئي. لاهور جي انٽر ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ راشدي صاحب منهنجي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي پهچي ويو هو. اتي ڪمري ۾ ساڻس گڏ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ جي شعبہ تاريخ جو اڳوڻو پروفيسر شيخ عبدالرشيد ترسيل هو: جيڪو سندس گهڻو فدائي ۽ شيدائي هو. راشدي صاحب جي عقيدتمندن جو ميڙو لڳو پيو هوندو هو. اتي سندن خوشمزاجيءَ ۽ چرچي يوڳ جون محفلون متل نظر آيون. ٻئي ڏينهن اوچتو خبر پئي تہ راشدي صاحب کي دل جو دورو پيو ۽ کيس رات جو ئي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. انهيءَ خبرملڻ کان پوءِ جشن جو سمورو مزو ختم ٿي ويو. کيس پُڇڻ جي لاءِ اسپتال پهتس تہ کيس خوش ۽ تندرست ڏسي راحت ٿي. صدر پاڪستان جنرل ضياء الحق بہ سندس طبع پُرسيءَ جي لاءِ آتي ويو هو، جنهن مان خبر پئي تہ سرڪاري طبقي ۾ بہ سندس وڏي عزت ڪئي ويندي هئي. ڪراچي واپس اچي هو تندرست ٿي ويو. لاهور کان ڪراچي آيس تہ وري سندس رنگين علمي صحبتن مان لطف حاصل ڪندو رهيس. هو مون کي پنهنجي دسترخوان کان سواءِ پنهنجي لکڻ پڙهڻ واري ڪمري ۾ بہ وٺي

ويندو هو، جتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گفتگو ٿيندي رهندي هئي. تصوف، مفلوظات خواجگانِ چشت، هندوستان ۾ شيعن جا تمدني ڪارناما، مسمانن جي زوال جا سبب، نظير نيشاپوري، غزالي مشهدي، بزم تيموريہ، بزم مملوڪيہ، غالب، هندوستان جون موجوده علمي سرگرميون، مولانا شبلي، علامہ سيد سليمان ندوي، حسن دهلوي ۽ خدا ڄاڻي تہ ڪيترن موضوعن تي ڳالهيون ٿينديون هيون. هو مون کي چوريندو هو ۽ شايد نفسياتي طرح مون کي سمجهڻ خاطر مون کان ئي سڀ ڪجهہ ٻڌڻ پسند ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن مون وڏي حجت ڪري هن کي چيو تہ مولانا اشرف علي ٿانويءَ جو هڪڙو تمام پيارو مريد خواجہ عزيزالحسن غوري مجذوب هو. هن کي پنهنجي مرشد سان تمام گهڻو عشق هوندو هو. هڪڙي ڏينهن هن حجت ڪري محبت مان پنهنجي مرشد کي چيو تہ سائين! منهنجي دل چوي ٿي تہ اوهان عورت هجو ها تہ جيئن آءٌ اوهان سان نڪاح ڪريان ها. مولانا هڪدم وراڻيس تہ تنهنجي دل اهو چو نہ ٿي گهري تہ تون عورت هجين ها تہ آءٌ توسان نڪاح ڪريان ها. اهو لطيفو ٻڌائي مون راشدي صاحب کي چيو تہ ”منهنجي دل چوي ٿي تہ اوهان عورت هجو ها تہ آءٌ اوهان سان نڪاح وجهان ها.“ انهيءَ تي هن نهہ پهہ اهوئي جواب ڏنو جيڪو مولانا ٿانوي خواجہ صاحب کي ڏنو هو.

هاڻي اهڙيون حجتون ڪنهن سان ڪري سگهبيون؟ سال 1980ع ۾ مون کي هندوستان جي حڪومت طرفان هڪ سَنَدَ ملي، جنهن مطابق هر سال مون کي پنج هزار رپيہ وظيفو ملي ٿو. اها خبر جڏهن راشدي صاحب کي پئي تہ هن مون کي لکيو، ”اوهان کي ان بيساکيءَ جي ضرورت نہ هئي“.

مارچ 1981ع ۾ اسلام آباد ۾ قومي هجري تقريبون ٿيون تہ انهن ۾ بہ اسلام آباد پهچڻ جي دعوت ملي. انهيءَ تقريب کان پوءِ جلد ڪراچي پهچڻ جي خواهش ٿي جو راشدي صاحب سان هڪ ڀيرو وري سهڻي شام ۽ رنگين رات گذارڻ جو وجهہ مليو پئي. ساڻس ٻن سالن کان پوءِ گڏجي مليس تہ مون کي ائين لڳو چڻ علم ۽ محبت جي تمام وڏي دولت جهوليءَ ۾ پيو ڪٺان. منهنجي ڪراچي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي هندوستان جو مشهور آثار قديمہ ۽ ڪتبن جو ماهر ڊاڪٽر ضياء الدين

احمد ڏيسائي اتي پهچي ويو هو ۽ راشدي صاحب وٽ ترسيل هو. پوءِ ته ڏاڍي سٺي گڏجاڻي ٿي. هن وري پنهنجي مهمان نوازي ۽ علم دوستيءَ جي جذبي هيٺ اسان جي لاءِ ڪراچيءَ جي عالمن ۽ اديبن کي دعوت ڏني ۽ هڪ ڀيرو وري سندس گهر علمي مئيخانو ٿي پيو، جتي لڳو ٿي ته راشدي صاحب پيتل آهي، پياري پيو ۽ وک وک تي عجب بهاريون پيو ڏيکاري. هڪڙي ڏينهن هن موٽر موڪلي مون کي پنهنجي گهر گهرايو. هن جيڪي به ڪتاب لکيا آهن، انهن جي ڳالهه نڪتي. مون ڪيس چيو ته اوهان جي لکيل ڪتابن جو شمار قلم ۽ مس جي سهاري ٿي ڪري سگهجي ٿو. هن کي تذڪرن سان پيار نه پر شايد عشق هو. مقالات الشعراء از قانع ٺٽوي، تڪلمه مقالات الشعراء از خليل ٺٽوي، تذڪره حديقة الاولياء از عبدالقادر ٺٽوي، روضة السلاطين ۽ تذڪره جواهرالعجائب از فخري هروي کان سواءِ تذڪره شعراءِ ڪشمير کي ايڊٽ ڪري هو ان فن جي معيار کي گهڻو مٿي کڻي ويو. انهن ڪتابن کي ايڊٽ ڪرڻ ۾ هن جيڪا محنت ۽ پورهيو ڪيو آهي، ان جي ڪري اصل تذڪرا لکندڙ ته پس منظر ۾ هليا ويا آهن، پر هو پاڻ پنهنجي مقدمي، تعليقات ۽ وري شاعرن جي احوالن ۽ آثارن جي واڌاري سبب اهڙو ته اڀري اڳيان اچي ٿو جو پڙهندڙن جي ذهن ۽ دماغ تي هن جوئي قبضو هوندو آهي.

هن ڀيري به هن مون کي خاص ڪري پنهنجو ڪتاب ”مرزا غازي بيگ ترخان اور اسڪي بزم ادب“ پڙهڻ جي لاءِ ڏنو، جيڪو شايد ڪيس به گهڻو پسند هو. ان کي پڙهڻ وقت ائين محسوس ٿيو ته راشدي صاحب ڪراچيءَ ۾ نه پر علامه شبليءَ جي قبر پرسان دارالمصنفين ۾ ويٺو لکي. تحقيق جو اسلوب ۽ تنقيد جو انداز اهوئي آهي، جيڪو شبلي مڪتب جو آهي. غازي بيگ ترخان، جهانگير جي طرفان سنڌ کان قنڌار تائين ملڪ جو حاڪم هو. 25 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو، پر پنهنجي علم دوستي، شاعرن جي سرپرستي ۽ سخاوت جي ڪري هڪ اهڙو افسانو ڇڏي ويو جيڪو فسانه عجائب کان گهٽ ڪونهي. هو پنهنجي وقت جو عبدالرحيم هو. جيڪڏهن ڪيس وڏي عمر ملي ها ته عبدالرحيم خان خانان جي علم پروريءَ جا داستان ماڻهن کان وسري وڃن

ها. مُلا عبدالباقي نهاونديءَ ماثر رحيمي لکي جيڪا خدمت ڪئي آهي، اُها راشدي صاحب پنهنجو اهو ڪتاب لکي ڪئي آهي. پر ٻنهين ۾ تفاوت اهو آهي ته مُلا عبدالباقي نهاونديءَ جي لکڻين ۾ درٻاري رنگ آهي، پر راشدي صاحب جي اسلوب ۾ ويهين صديءَ جو تصنيفي شعور ۽ سليقو ظاهر آهي. ان ڪي پڙهڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن ته ائين ٿو محسوس ٿئي ته اسين ڪو افسانو پيا پڙهون. ان جي اندازِ بيان ئي اهڙو آهي، مون پنهنجي ڪتاب "بزم تيموريه" جي ٻئي جلد ۾ ان مان گهڻو فائدو ورتو.

هڪڙي ڏينهن راشدي صاحب مون کي ڊاڪٽر ضياء الدين احمد ڊيسائي ۽ پاڪستان جي آثار قديمه جي سپرنٽينڊنٽ جناب خورشيد حسن سان گڏ ٺٽي وٺي ويو، جيڪو ڪنهن زماني ۾ مشهور شهر هو ۽ جتي ڪنهن وقت چار سؤ علمي مڪتب هئا، پر هاڻي ماٺهو گهڻو ڪري اتي مڪليءَ جي شاهي قبرستان جي زيارت لاءِ ويندا آهن، جيڪو ڇهن ميلن ۾ پکڙيل آهي. هتي جي عمارتن تي جناب راشدي صاحب جو هڪ ڪتاب 'مڪلي نامو' سنڌي زبان ۾ ڇپيو، جنهن ۾ تمام گهڻي تحقيق ڪيل آهي. انهن عمارتن جي باري ۾ راشدي صاحب کي تمام گهري ڄاڻ هئي. هن ڏاڍي چاهه سان پئي ٻڌايو ته ڄام نظام الدين، ۽ مبارڪ خان جون قبرون ڏسو، عيسيٰ خان ترخان، سلطان ابراهيم، جاني بيگ ترخان، غازي بيگ ترخان، باقي بيگ ازبڪ، طغرل بيگ، جان بابا ۽ ديوان شرفا جي مقبرن جي ڪاريگري ڏسو. سرن ۽ پٿرن ڪان سواءِ اڇي ۽ نيري ٽائيل تي ڪاشيءَ جو ڪم ۽ اُپريل اکرن جا بهترين نمونا ڏسو. انهن جي ڪن عمارتن تي جيڪي قرآني آيتون مهارت سان اُڪريل هيون، انهن کي پڙهو. راشدي صاحب پاڻ اسان کي ٻڌائيندو رهيو، جنهن مان خبر پئي ته پاڻ آثار قديمه جو هڪ وڏو ماهر آهي. وري چوڻ لڳو ته شاهجهان جي ٺهرايل هڪ مسجد کي به ڏسندا هلو. اتي اڇي ٽائيل، موزيڪ، ڪاشيءَ جي ڪم ۽ پٿر تي اُڪر جون جيڪي بهارون ڏسڻ ۾ آيون، انهن تي راشدي صاحب گهڻي دير تائين ڳالهائيندو رهيو. ٺٽي مان واپس ويندي، اسين هڪ اهڙي هنڌ ترسياسون، جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو ديبل آهي ۽ اتي ئي محمد بن قاسم اچي لنگر هنيو هو. هِن وقت اهو هڪ وڏي دڙي جي صورت ۾ آهي. پر راشدي صاحب

پنهنجي پوري چرچائي انداز سان يقين ڏياريو ته اهو ديبل هرگز ڪونهي؛ ديبل جي جاءِ ڪٿي ٻئي هنڌ آهي. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ رات دير تائين سندس لکڻ پڙهڻ واري ڪمري ۾ ساڻس گڏ سندس لکيل ۽ ٻين ڪتابن جي وچ ۾ ويهي علمي هني مون ملهايوسون. هن جيترا به تذڪره خود ايڊٽ ڪيا آهن يا ڪرايا آهن، انهن ڪي ڏسي مون عرض ڪيو ته مون انهن تذڪرن مان مدد ورتي، پنهنجي ڪتاب 'بزم تيموريه' ۾ ايترا ته واڌارا ڪيا آهن، جو هاڻي اهو ٽن جلدن ۾ شايع ٿي رهيو آهي، پر ان ۾ جيترو به واڌارو ڪريان ٿو، اوترو ئي اوهان جا نوان نوان تذڪرا سامهون اچن ٿا ته منهنجو ڪتاب اڳي وانگر ئي اڻپورو لڳي ٿو.

انهن ڏينهن ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڊاڪٽر ابوالليث صديقي پاڻ وٽ رات جي مانيءَ تي گهرايو. راشدي صاحب مون کي هن وٽ پاڻ سان وٺي هليو. اتي پروفيسر ڊاڪٽر يونس حسني ۽ راز مراد آبادي اڳ ۾ ئي ويٺا هئا. ماني ڏاڍي گهٽي ۽ تمام سٺي هئي. راشدي صاحب مانيءَ جي ڏاڍي ساراهه ڪئي، پر خود راشدي صاحب کي سندس مزيدار ڳالهين ۽ چرچن جو داد سيني پئي ڏنو. راز مراد آباديءَ پنهنجو ڪلام ٻڌايو. هن جي شعرن تي راشدي صاحب جيڪو داد پئي ڏنو، ان جي ڪري محفل ڏاڍي متي. گهڻي دير تائين اها محفل هلي ۽ پوءِ راشدي صاحب، مهرباني ڪري مون کي پنهنجي گهر ڇڏي ويو.

انهن ئي ڏينهن ۾ پاڪستان جي مشهور ۽ محبوب اديب جناب مشفق خواجه هڪ تمام شاندار ڊنر ڏني، جنهن ۾ هندستان مان آيل مهمانن مان مولانا سعيد احمد اڪبرآبادي ۽ جناب نثار احمد فاروقي کي به دعوت ڏنل هئي. ان ۾ ڪراچيءَ جي علمي آسمان جا سيئي وڏا تارا گڏ ٿيا. ڏاڍي لطف واري مجلس ٿي، پر ان جي شمع راشدي صاحب ئي هو. ماني ٻفي طريقي تي هئي. راشدي صاحب ڪاڏي جي پليٽ ڪٽي جتي به ٻينل تي نظر آيو، اتي سيئي ماڻهو ڇڪبا گڏ ٿيندا ٿي ويا. هن پنهنجي چرچي ڀوڳ واري گفتگوءَ سان سيني کي پئي ونددرايو. سندس وات مان ڪا ڳالهه نڪتي ٿي ته سڄي محفل ۾ ٽهڪڙا پئجي ٿي ويا. علمي چرچا ڪرڻ علمي نڪتن مان ڪو خاص نڪتو ڪڍڻ، اديبن تي بروقت راءِ ڏيڻ ۽ شاعرن کي ڇهنڊڙيون هڻڻ، هن جي لاءِ ڪا ڏکي ڳالهه نه هئي. هر شخص هن سان ئي پئي ڳالهايو ۽ وري هر ڪنهن سان هن ئي پئي

گفتگو ڪئي. ڪپڙا بہ ڪيس واھ جا نهندا هئا. سوٽ پائي يا سٿڻ ۽ ڪڙتو پائي ڪنهن بہ دعوت ۾ ويندو هو تہ نظرون ڏانهس ئي کڄي وينديون هيون. مجلس ۾ هن جي ايندي ئي هرطرف رونق ۽ چرچي ڀوڳ جي چاندوڪي پکڙبي ڏسبي هئي. هو اڳ ۾ اٿي ويندو هو تہ سڄي مجلس اجهامي ويندي هئي.

جنهن ڏينهن مان هندستان روانو پئي ٿيس، ان کان هڪ رات پهرين منهنجي ڏهتيءَ جي بسم الله خواني ٿيڻي هئي. ان گڏجاڻيءَ ۾ راشدي صاحب پاڻ آيو. ڊاڪٽر ابوالليث صديقي، ابوالخير ڪشفي، راز مراد آبادي، مولانا عبدالقدوس هاشمي ندوي، ڊاڪٽر عبداللطيف، جناب مشفق خواجہ، جناب ظفر احمد انصاري ۽ ٻيا ڪيترائي معزز ماڻهو ان گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيا. راشدي صاحب جي هجڻ ڪري اها مجلس، ادبي مجلس ٿي پئي. جناب راز مراد آبادي پنهنجو ڪلام ترنم سان پڙهيو، پوءِ مولانا عبدالقدوس هاشمي، پروفيسر ابوالخير ڪشفي ۽ جناب مشفق خواجہ پنهنجو ڪلام ٻڌايو ۽ سڀني جو مخاطب جناب راشدي صاحب ئي هو. ڪيس پنهنجو ڪلام ٻڌائڻ وقت هنن کي احساس هو تہ اهي هڪ تمام وڏي صاحبِ نظر ۽ صاحب فن جي اڳيان پنهنجو ڪلام پڙهن پيا. راشدي صاحب جي طرفان هنن کي جيڪو داد پئي مليو تنهن کي هنن پنهنجي ڪلام جي اصل صلو پئي سمجهيو. انهيءَ گڏجاڻيءَ مان راشدي صاحب اُسهڻ وقت منهنجي ڏهتيءَ کي پنهنجيءَ هنج ۾ ڪنيو ۽ هن جي هٿ ۾ هڪ وڏي رقم جو لفافو ڏنو، مون سندس هٿ جهلي ڪيس روڪڻ گهريو ٿي تہ هن هڪدم چيو تہ، ”منهنجي زندگيءَ جي هڪ تمام وڏي خوشيءَ کي ظاهر ڪرڻ ۾ تون رنڊڪ ڇو ٿو وجهين؟“ اهو ٻڌي آءٌ ماٺ ٿي ويس. پوءِ ڪنهن ان وقت هڪ فوٽو ڪڍي ورتو، جيڪو اسان ٻنهين جو آخري فوٽو آهي. خدا ڄاڻي ٿو تہ هن جا ڪڍيل ڪيترا فوٽا منهنجي زندگيءَ جي سرمايي ۾ شامل آهن. پر ان آخري فوٽي کي هرهر ڏسان ٿو ۽ هن جي يادن جا ڏيئا ذهن ۾ روشن ٿين ٿا. ويندي وقت هن ڏاڍي ڏک ۽ غم وچان چيو تہ سندس هڪ خطرناڪ آپريشن ٿيڻ وارو آهي. جيڪڏهن سڀني جي دعا سان ان مان ڇڙهي پار ٿيس تہ وري ملاقات ٿي سگهندي. 24- مارچ 1980ع تي اها منهنجي آخري ملاقات هئي.اعظم ڳڙهہ ۾ سندس خط ايندا رهيا. خيال

هو تہ سندس آپريشن ضرور ڪامياب ٿيندو، ۽ هو چاڪ چڱو ڀلو ٿي ويندو ۽ ساڻس تمام جلد ملاقات ٿيندي. پر 1- اپريل 1982ع تي ريڊيو تان سندس رحلت جي خبر ٻڌم تہ ڦٿڪڻ لڳس، افسوس! پاڪستان جو هڪ ”پرنس اسڪالر“ گذاري ويو. هن ننڍي کنڊ جي علم جو هڪ سرچشمو، فن جو مرڪز ۽ تحقيق جو ماهر هليو ويو. علم وارن ۽ فن وارن جي مجلس جي شمع گل ٿي ويئي. علم دوستي، علم نوازي ۽ علم پروريءَ جي شمع جو پروانو اڏامي ويو. هو اتي پهچي ويو جتي سڀني کي هڪڙي ڏينهن وڃڻو آهي. پر پنهنجي پٺيان اعليٰ اخلاق جي زينت، پنهنجي علم دوستيءَ جي رنگيني ۽ علم نوازيءَ جا داستان ڇڏي ويو. سندس وس ۾ هجي ها تہ پنهنجي وقت جو عبدالرحيم خانخانا هجي ها ۽ پنهنجي سرپرستيءَ ۽ سخاوت سان اديبن، شاعرن، محققن ۽ دانشورن کي پنهنجي چؤڌاري ميڙيو وينو هجي ها. وٽس ايتري دولت هجي ها جيتري عبدالرحيم خانخانان وٽ هئي تہ سخاوت جا مثال قائم ڪري ها. هاڻي تہ رڳو دعا آهي تہ الله تبارڪ تعاليٰ کيس جنت ۾ جايون ڏي. آمين ثم آمين.

❖❖❖

Phone No. 508

**Islam and Orientalists Forum**

DARUL MUSANNIFEEN *(Shibli Academy)*
AZAMGARH (INDIA)

بسم اللہ الرحمن الرحیم

**ندوة الاسلام والمستشرقين**

دار المصنفين (اكاديمية شبلي) أعظم كره (الهند)

الأمانة العامة

*Chairman:* Maulana Sayed Abul Hasan Ali Nodwi
*Secretary:* Sayed Sabahuddin Abdur-Rahman

الرئيس: الشيخ أبو الحسن علي الحسني الندوي
الأمين العام: السيد صباح الدين عبد الرحمن

Ref. No.      الاشارة

Date      التاريخ

مکرمی    السلام علیکم


آپ کا رسالہ مضمون ملا۔ شکریہ قبول کریں، ڈاکٹر نذیر احمد صاحب کو
مضمون دے دیا گیا۔

جناب غلام ربانی صاحب کو میرا لکھا ہوا اسلام مضمون پہنچا دیں۔
خدا کرے آپ ہر طرح بعافیت ہوں۔

والسلام احقر

سید صباح الدین عبدالرحمن

**سيد صباح الدين عبدالرحمان جا هث اکر**



### پير صاحب جا هٿ اکر

ماسکو مان، بيماريءَ جي بستري تان پنهنجي
دوست غضنفر مهديءَ کي لکيل خط

واداراا

**آزاد قاضي**

**الف: علمي ۽ قلمي پورهيو، ڪجهہ وڌيڪ مواد**

(1) ڪجهہ وڌيڪ ڪتاب.

(2) معاون ايڊيٽر، مؤلف وغيره.

(3) اڻڇپيل/اڻپورو علمي ذخيرو

**ب: علمي وضاحتون**

**ج: علمي ۽ ادبي ادارن سان تعلق**

# (الف) علمي ۽ قلمي پورهيو ڪجھ وڏيڪ مواد

## 1. ڪجھ وڏيڪ ڪتاب

### 1. فڪشن

هن عنوان هيٺ پير صاحب پاران اوائلي دؤر ۾ تخليق ڪيل نثر توڙي نظم جو شمار ٿئي ٿو. پير صاحب اوائلي دؤر ۾ 1930ع ڌاري ڪي شعر چيا ۽ مختلف موضوعن تي ڪي ننڍا ۽ ڪي طويل افسانا، جن ڪي بعد ۾ ناوليٽ سڏيو ويو، جهڙوڪ 'انارڪلي'، 'الزليخا' وغيره لکيا. سندس اهي طويل افسانا/ ناوليٽ 1951ع تائين ڪتابڙن جي صورت ۾ شايع ٿيندي نظر اچن ٿا.

پير صاحب جي فڪشن واري مواد تي ابتدائي ڪم ڪندڙ روشن خيال ترقي پسند شاعر ۽ اديب محترم رشيد ڀٽي، راشدي صاحب واري ان ڪم بابت لکي ٿو:

"راشدي صاحب افسانوي ادب ۾ تڏهن وک وڌائي جڏهن اپکنڊ جا اڪثر مسلمان اديب نيم مذهبي، نيم تاريخي، ناولن ۽ افسانن لکڻ ۾ رڌل هئا. هي زمانو لڳ ڀڳ 1930ع کان شروع ٿي 1945ع ڌاري پورو ٿئي ٿو." (مئگزين هلال پاڪستان ڪراچي، سيپٽمبر 1983ع)

پير صاحب جو اهو ابتدائي مواد مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي.

ان دؤر ۾ پير صاحب پنهنجي لاءِ 'سيد فدائي الراشدي' ۽ 'فدائي البهمنوي' جهڙا قلمي نالا استعمال ڪندو هو.

پير صاحب جو اهو ابتدائي مواد اميد آهي ته تمام جلد راقم الحروف جي محنت سان، ميڙجي چونڊجي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيندو.

### 2. اسلامي ڪتبخانا

پير صاحب جو هي ڪتاب، اطالوي زبان جي خاتون مس اولنگا پنٽو پاران ساڳئي عنوان هيٺ لکيل ۽ سه ماهي رسالي اسلامڪ ڪلچر اپريل 1929ع واري پرچي ۾ شايع ٿيل، هڪ مضمون جو ترجمو آهي. جيڪو اطالوي مان جرمن متشرق ڊاڪٽر ڪرنيڪو انگريزيءَ ۾ آندو ۽ ان تان قاضي اختر ميان جونا ڳڙهيءَ اهو اردو ۾ آڻي 1932ع ۾ شايع ڪرايو. پير صاحب جيئن ته ان مضمون کي لاڳاپيل موضوع بابت ڀرپور معلومات مهيا ڪندڙ نهايت محققانه ڪم سمجهيو پئي، انڪري پاڻ ان کي 'ستاره سنڌ' اخبار جي مدير واري حيثيت ۾ 7 جولاءِ 1937ع تي ترجمو ڪرڻ وقت ان ڳالهه به اظهار ڪيائين ته:

”اسان سنڌي زبان کي به ان کان محروم ڪرڻ مناسب نه ڄاتو، تنهنڪري شامل ورقن جي ذريعي مضمون جو مفصل ترجمو پيش ڪجي ٿو.“ (اسلامي ڪتبخانه تعارف)

اڳتي هلي 1939ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ ان کي پنهنجي اشاعتي پروگرام هيٺ ڪتابي صورت ۾، ڪرائون سائيز جي 50 صفحن تي مشتمل ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو، جيڪو بعد ۾ ته ماهي مهراڻ 1984/2ع ۾ پڻ شايع ٿيو.

### 3. سنڌي ادب

پير صاحب جو سنڌي ادب جي تاريخ بابت اردوءَ ۾ لکيل هي ڪتاب، سنڌي ادب جي ابتدائي تاريخن ۾ بنيادي اهميت واري حيثيت جو حامل آهي.. جيتوڻيڪ ان تي اشاعت جو سال ڄاڻايل ڪونهي پر ان ڪتاب ۾ ڪن بين تازو شايع ٿيل ڪتابن ۽ رسالن بابت جا معلومات ڏني ويئي آهي، انهن ٿاڻن مان ان ڳالهه جو اندازو ڪري سگهجي ٿو، ته اهو ڪتاب 1952ع ۾ شايع ٿيو هوندو. ان سلسلي جو تفصيلي مطالعو ڊاڪٽر غلام محمد لاکو پيش ڪري چڪو آهي. (سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، ص 395 کان 402)

هي ڪتاب پاڪستان پبليڪيشن مغربي پاڪستان پڌرو ڪيو، جنهن کي ان وقت تائين واري دؤر تائين سنڌ ادب جو سرسري جائزو شمار ڪري سگهجي ٿو. انڪري ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ اهو مواد ورهاڱي کان پوءِ ٻاهران آيل اردو ڳالهائيندڙ لاءِ ڪميشن جي امتحاني پورائي خاطر لکرايو ويو هو. هي بنيادي نوعيت وارو ڪتاب آهي، جنهن تان پوءِ سنڌي ادب جي مختلف صنفن بابت ڪم ڪندڙ محققن مدد ورتي. ڪتاب ۾ آيل مواد واري مقبوليت جي مدنظر ان جو روسي ترجمو مس ييگوروووا رئيسہ (Miss Yegorova Raissa) 1983ع ڌاري ڪيو، جنهن کي USSR Academy of Science: Institute of the Peoples of Asia شايع ڪيو. ان لاءِ ڊاڪٽر لاکي صاحب جو خيال آهي تہ:

> ”هن ڪتاب جي اشاعت سنڌ توڙي ماسڪو ۽ يورپ ۾، سنڌي ادب جي اڀياس لاءِ نيون راهون هموار ڪيون، ڇو تہ هي ڪتاب اردو زبان ۾ هو ۽ ٻيو تہ هن ۾ سنڌي ادب جو هڪ پيرائتو، سنجيدو ۽ سلسليوار خاڪو ڏنل هو، انڪري هي ڪتاب سنڌ کان ٻاهر پڻ مقبول عام ٿيو.“ (سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، ص 402)

ان ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ڪيو، جيڪو 1981ع ۾ گرامي پبليڪيشن دولت پور صفن پاران پڌرو ڪيو ويو. جڏهن تہ ماهنامہ ’اظهار‘ ڪراچي اپريل- مئي 1983ع ۾ مڪمل اردو ترجمو شايع ڪيو. سنڌي ترجمي جو ٻيو ڇاپو 1996ع ۾ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد شايع ڪيو.

### 4. مهراڻ جون موجون

پير صاحب جو ترتيب ڏنل هي ڪتاب، ماهنامي ’نئين زندگي‘ ۾ 1950ع کان 1969ع تائين، ادب ۽ تاريخ جي موضوع تي ڇپيل چونڊ مواد جو مجموعو آهي. ڊبل ڪرائون جي 464 صفحن واري هن مواد ۾ پير صاحب تاريخ، سير سفر، سوانح، ادبي تاريخ، ادب جي صنفن: افسانو، ڪافي، گيت، نظم، غزل، قصيدو ۽ قطعا جي چونڊ پيش ڪئي

آهي. ڪتاب ۾ آيل مواد جي اهميت بابت اظهار ڪندي، پير صاحب ديباچي ۾ لکيو آهي ته:

”گذريل ڇهن سالن کان ’نئين زندگي‘ سنڌي ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، اها ڪنهن کان به ڳجهي ڪين آهي. هن رسالي ۾ وقت بوقت اهڙيون چيزون پيش ٿينديون رهيون آهن، جن کي هڪ دائمي ۽ لازوال حيثيت حاصل آهي، پر ضرورت هئي ته اهڙيون چيزون، جن کي ’بهترين ادب‘ سڏڻ گهرجي، منجهانئس چونڊي چيوٽي، يڪجاءِ ڪري، بنهه جدا هڪ اهڙي قسم جي دائمي حيثيت ڏني وڃي، جنهن جون اهي واقعي لائق ۽ مستحق آهن. ’مهراڻ جون موجون‘ انهيءَ سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي.“ (ص - ج)

پير صاحب جي متئين جملي مان ان ڳالهه جو اندازو ٿئي ٿو ته اها پير صاحب جي خواهش ۽ ڪوشش هئي ته اهڙا شاندار مجموعا جڙندا ۽ شايع ٿيندا رهن. انڪري ديباچي جي آخر ۾ پير صاحب لکي ٿو:

”اسان جي ٻولي ۽ ادب جي بقا لاءِ ضرورت آهي ته وقت بوقت ههڙا مجموعا شايع ٿيندا رهن، جن ۾ اسان جو بهترين ادب محفوظ ٿيندو رهي. اهو صحيح آهي ته پراڻن رسالن مان چونڊڻ، چيوٽڻ ۽ صحيح سهڻيون چيزون ڳولي ڪڍڻ آسان چيز نه آهي، پر پنهنجي ٻولي ۽ ادب جي حفاظت ۽ بقا لاءِ اسان کي اورچ ۽ اڻٿڪ ٿي ڪم ڪرڻو پوندو.“ (ص — م)

پير صاحب جي اها خواهش ۽ ڪوشش ئي هئي، جنهنڪري ماهنامي ’نئين زندگي‘ ۾ شايع ٿيل مواد جا مختلف موضوعن جي حوالي سان اهڙا اٺ مجموعا شايع ٿيا، جيڪي پنهنجي پنهنجي موضوع تي منفرد ڪتاب شمار ٿين ٿا. انهن مان پهريون ’مهراڻ جون موجون‘ ۽ آخري ’ماڪ ڦڙا رابيل‘ پير صاحب پاڻ ترتيب ڏنا.

ادب ۽ تاريخ جي ميدان ۾ نوجوانن کي اتساهيندڙ ۽ نيون راهون ڏيکاريندڙ هي ڪتاب پهريون ڀيرو 1956ع ۾ پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي ڇپرو ڪيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو 1964ع ۾ ڇپرو ٿيو.

5. تذڪرهء امير خاني

پير صاحب هن ڪتاب ۾ سنڌ جي هڪ اهڙي علمي ۽ تاريخي خاندان جو مفصل احوال قلمبند ڪيو آهي، جنهن ڪيئي نامور شاعر، مؤرخ ۽ اهلِ قلم پيدا ڪيا، جيڪو خاندان 300 ورهين تائين سنڌ جي سياست ۽ حڪومت تي اثر انداز رهيو، جنهن جي جاهہ و جلال جا ڪيئي آثار ۽ اهڃاڻ بکر، روهڙي، دادو ۽ سيوهڻ کان ٺٽي تائين پکڙيا پيا آهن ۽ اڄ بہ ان خاندان جي عظمت جي نشاندهي ڪري رهيا آهن. پير صاحب وڏي محنت ڪري، جستجو ۽ جاکوڙ سان ڪيئي ڪتاب ڳولي ۽ سوين ورق ورائي هن خاندان جي علمي ڪارنامن تي 362 صفحن تي مشتمل ڊيمي سائيز جو هي ڪتاب لکيو. جنهن ۾ مختلف شخصن، فرمانن، عمارتن ۽ ڪتبن جون 82 تصويرون پڻ ڏنيون ويون آهن. فوٽو گرافي پير صاحب جو بهترين مشغلو هوندو هو، انڪري هن ڪتاب ۾ آيل تصويرون جيڪي گهڻو تڻو پير صاحب پاڻ ڪڍيون ۽ ڪجهہ آثار قديمہ وارن کان حاصل ڪري ڪتاب کي جاذب بنايو ويو آهي. جيتوڻيڪ اهي تصويرون ڏيڻ مان پير صاحب جو مقصد محض ڪتاب کي جاذب بنائڻ نہ هو، پر انهن برباد ٿيندڙ آثارن کي ڪاغذن ۽ ڪتابن ۾ محفوظ ڪرڻ اولين مقصد هو. ڇاڪاڻ تہ پير صاحب ڪتاب جي مواد حاصل ڪرڻ واري ڪوشش دؤران انهن جي جيڪا برباد ٿيندڙ حالت ڏٺي، ان ڪري سندس خواهش هئي تہ:

”جيڪي آثار اڄ موجود آهن، انهن سڀني جا فوٽا ڪتاب ۾ ڏيان، اڄ اُهي زبون ۽ زير و زبر واريءَ حالت ۾ موجود تہ آهن، خدا ڄاڻي سڀاڻي اُهي بہ رهن يا نہ رهن، تنهنڪري تذڪري ۾ انهن جي صورت کي محفوظ ڪرڻ ازحد ضروري نظر آيو.“ (ص 5)

هن خاندان جي علمي ڪمن واري حوالي سان ايترو تہ مواد ڏيو پکڙيو پيو آهي، جو پير صاحب پاران ايتري جاکوڙ ڪرڻ جي باوجود ڪيس ان ڳالهہ جو اعتراف ڪرڻو پيو تہ:

"باوجود گهڻو ڪجهه هٿ ڪرڻ جي ٻه، آءٌ هيءَ دعويٰ نہ ٿو ڪريان تہ هن خاندان جيڪي علمي اثاثو ڇڏيو، سو سڀ مون ڏٺو يا مون کي ميسر ٿيو. خدا ڄاڻي اجا ڪيترا ماڻڪ ۽ موتي اکين کان اوجهل رهيا ۽ ڪيترا هيرا ۽ لعل زماني جي اٿل پٿل گم ڪري ڇڏيا." (ص-5)

هن ڪتاب جي مواد بابت تحقيق ڪرڻ جو سبب ستين جي ٿان، روهڙيءَ جو اهو مجاور آهي، جنهن 1932ع ۾ پير صاحب جي هڪ سوال جي جواب ۾ ڪيس ابوالقاسم نمڪين خاندان جي انهن قبرن کي، بن قسم (محمد بن قاسم) سان ملائي، ڏاهر ۽ محمد بن قاسم بابت عجيب ڏند ڪٿائي روايت بيان ڪري ٻڌائي هئي. ان موقعي جو ذڪر ڪندي، پير صاحب افسوس جي اظهار طور لکي ٿو:

"قبرستان ڏسڻ بعد پنهنجي سنڌي پائرن جي ناواقفيت، بي خبري ڪري ۽ بي بهري هجڻ تي مطلق افسوس ڪونہ ٿيو، ڀلا کهڙي لکيل پڙهيل سنڌيءَ پنهنجي ملڪ ۽ وطن جي آثارن کي اڃي ڏٺو آهي؟ کهڙي سياڻي ۽ سيبتي ڪين اصل حقيقتن کان آگاهہ ڪيو آهي؟ ان حالت ۾ اڌ پڙهيا سنڌي ۽ اڻ پڙهيل ديهاتي جو نہ هر شهيد کي صحابي ۽ هر ابوالقاسم کي، بن قاسم چئي، نياز ۽ نذر ڏيئي هنن صحابين سڳورن کان امداد گهرندا." (ص 2)

پير صاحب جا اهي جملا اڌ پڙهئي عام ابوجهہ ماڻهوءَ لاءِ نہ پر لکيل پڙهيل، سياڻن سيبتن جي سوچ ۽ عمل تي هڪ طنز آهن. اهو 1932ع جو واقعو آهي، جڏهن پير صاحب صحافت جي ميدان ۾ هو ۽ افسانا لکندو هو. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ پير صاحب جي ذهن ۾ انقلاب آڻڻ ۽ ڪيس تحقيق واري ڪم ڏانهن راغب ڪرڻ وارو اهو واقعو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان کان پوءِ ئي پاڻ تاريخي دفترن ۽ تذڪرن جي ورق گرداني طرف قدم وڌايائين.

عشق از فرهاد ما هنگامها تعمير کرد

ورنہ اين بزمِ خموشان هيچ غوغائي نداشت

پير صاحب جو هي ڪتاب 1961ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

**6. ماڪ پنا رابيل**

’نئين زندگي‘ ۾ 1965ع تائين شايع ٿيل مواد جو هي انتخاب پير صاحب جي قيمتي مشورن مطابق 1965ع ۾ تيار ڪيو ويو. هي مواد ٽن حصن تي مشتمل آهي. پهرئين حصي ۾ مشهور شاعرن ۽ اديبن جو تذڪرو تصويرن سان آيل آهي، ٻئي حصي ۾ سنڌي ادب جي مختلف نثري صنفن تي مواد گڏ ڪيل آهي ۽ آخري حصي ۾ تحقيق ڪندڙن جي آسانيءَ لاءِ، ماهنامي ’نئين زندگي‘ جي گذريل ارڙهن سالن دؤران شايع ٿيل مضمونن جي فهرست ڏني ويئي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل مواد جي روشنيءَ ۾ پير صاحب ڪي ڪتاب جي مواد تي جامع مقدمو لکڻو هو، پر اوچتو سندن ايران جي دؤري تي اُسهڻ ڪري، اهو لکجي ڪونه سگهيو، انڪري ان جي ناشر، اداري پاران مختصر ’ٻه اکر‘ لکي ڪتاب شايع ڪري ڇڏيو. ڊبل ڪرائون جي 196 صفحن وارو هي ڪتاب 1965ع ۾ پاڪستان پبليڪشن ڪراچي پڌرو ڪيو ويو.

**7. مرزا عيسىٰ ترخان ثاني**

پير صاحب کي سنڌ جي ذري ذري سان محبت هئي. ان محبت ئي کيس ايڏا ڪشالا ڪرايا. اهڙن ئي علمي ڪشالن مان هي ٻه هڪڙو ڪتاب آهي، جيڪو دراصل مڪلي نامي جو ئي حصو آهي، پر جهڙي طرح ترخاني قبرستان ۾ مرزا عيسىٰ ترخان جي محلات نما مقبري جو ڪو مٽ ثاني ڪونهي، سيني ۾ نرالو ۽ نشامبر پيو نظر اچي، شايد پير صاحب ان جي شخصيت کي ٻه نشامبر ڏيکارڻ لاءِ مڪلي نامي مان مرزا عيسىٰ ترخان بابت لکيل مواد ڌار ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو. پر ان ئي دؤر جي هڪ ٻي قابلِ احترام شخصيت شهيد دريا خان جنهن جي شهادت کان پوءِ ئي ترخانن جي ساٿيارن ارغونن کي سنڌ ۾ پير کوڙڻ جو موقعو ملي سگهيو هو، ان شهيد وطن جي عظمت کي پڻ کيس ان سان گڏ نشامبر ڪرڻو هو، انڪري هن ڪتاب

جي ابتدا ۾ دريا خان لاءِ پير صاحب عقيدت جا گل هن ريت نڇاور ڪيا آهن:

”دريا خان دولهہ!

پنهنجي قلم جو هي پورهيو، ڪمال قرب ۽ نياز منجهان، تنهنجي ’مبارڪ نالي‘ سان منسوب ڪريان ٿو.

هن ڪتاب ۾ انهن ڏارين جي عبرت انگيز پڄاڻيءَ جو داستان آهي:

- جيڪي خرابي سنڌ‘ جو باعث بڻيا!
- جيڪي اسان جي ڪمزورن جو فائدو وٺي، اسان جي وطن جا والي بڻجي ويٺا!
- جن جو مقابلو ڪندي، تون سِرُ ڏيئي سُرهو ٿئين!

اڄ انهن جو پوئنير ڪو بہ ڪونہ آهي!

اڄ تنهنجي پوئنير ساري سنڌ آهي.

هو فنا ٿي ويا،

تون زنده جاويد آهين.

سورهيہ توتي سنڌ جو سلام آهي!“

**حسام الدين راشدي**

تصويرن سوڌو 481 صفحن تي مشتمل ڊيمي سائيز جو هي ڪتاب تبرڪ طور چند ڪاپيون، 1967ع ۾ ئي شايع ڪرايو ويو.

**8. هفت مقالہ**

هن ڪتاب جي عنوان مان ئي معلوم ٿئي ٿو تہ ستن مقالن جو مجموعو آهي. اهو دراصل فارسي زبان و ادب جي مختلف موضوعن تي ٽہ ماهي اردو رسالي ۾ شايع ٿيل مضمونن جي چونڊ مواد تي مشتمل آهي. ڪتاب جي ديباچي ۾ جميل الدين عالي لکي ٿو:

”اسان جي خوش قسمتي آهي جو اسان جي محترم پير حسام الدينءَ پنهنجي گوناگون مصروفيتن جي باوجود ان معاملي ۾ اسان جي مدد ڪئي. هي چوندڳ پاڻ وڏي محنت ۽ توجهه سان ڪئي آهي.“ (ص 3)

اها ڪتاب جي پبلشر جي راءِ آهي، پر ان ڪم جي حوالي سان پير صاحب جي ايماندارانه راءِ اها آهي ته:

”فارسي ادب ۽ زبان اردو رسالي ۾ شايع ٿيل مقالن جي فهرست جڏهن منهنجي دوست مشفق خواجه منهنجي اڳيان رکي ته اها ڪافي ڊگهي هئي. وقت جي گهٽتائيءَ جو خيال رکندي، مون هتي شامل ڪيل ستن مقالن تي چوندڳ جو نشان هنيو. بس ان ڪان پوءِ، نالو منهنجو ۽ سڄو ڪم مشفق خواجه جو... بهرحال هن جيڪا تڪليف ورتي، مان ان جو شڪر گذار آهيان.“

ڊيمي سائيز جو 342 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب انجمن ترقيءَ اردو ڪراچي، 1967ع ۾ شايع ڪيو.

### 9. احوال و آثار ملڪ الشعراء ابو الفيض فيضي

مرزا عيسيٰ ترخان نالي ڏار ڪتاب وانگر سنڌ جي بلند مقام شاعر، ابوالفيض فيضي جنهن کي شهنشاهه اڪبر جي درٻار ۾ ملڪ الشعراء وارو درجو مليل هو. اهو پير صاحب جي ضخيم ڪتاب 'تذڪره شعراء ڪشمير' ۾ آيل آهي. پر شايد فيضيءَ جي ايڏي وڏي مان مرتبي کي نظر ۾ رکندي، سنڌ جي هن اعليٰ مرتبت شخصيت تي پير صاحب هي مواد ڌار ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو. اصل ڪتاب منهنجي نظر مان نه گذريو آهي، جو ان بابت وڌيڪ تبصرو ڪريان پر مواد جو اندازو هيٺين ڳالهه مان بخوبي ٿي سگهي ٿو. سنڌ جي هن نامور شخصيت بابت مختلف حوالن سان وڏي جاکوڙ ڪري پير صاحب تذڪره شعراء ڪشمير ۾ 480 صفحن تي مشتمل مواد پيش ڪيو آهي.

### 10. ديوان بيرم خان

اڪبر بادشاهہ جو مشهور سپهہ سالار عبدالرحيم خانِ خانان کي شاعر ابن شاعر هئڻ جو شرف حاصل هو. سندس والد بيرم خان فارسي ۽ ترڪيءَ جو اعليٰ پايي جو شاعر هو. سندس فارسي شعر پير صاحب ايڊٽ ڪيو، ۽ ترڪي زبان ۾ چيل شعر ڊاڪٽر محمد صابر ايڊٽ ڪري، گڏيل طور ديوان بيرم خان تيار ڪيو، جنهن جو ڊاڪٽر ايم.ايچ صديقي انگريزي زبان ۾ معياري نوعيت جو مقدمو لکيو. 100 صفحن تي مشتمل ڊبل ڪرائون ۾ هي ديوان انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي يونيورسٽي طرفان 1971ع ۾ شايع ٿيو.

### 11. تذڪره مشايخ سيوستان

عبدالغفور بن حيدر سيوهاڻي جو 1039هہ ۾ لکيل هي تذڪرو سنڌ بابت تذڪره نويسيءَ واري مواد جي حوالي سان وڏي اهميت جو حامل آهي. لاڪي صاحب جو خيال آهي تہ اهو سيوهڻ بابت لکيل ڪتابن ۾ اولين ماخذ واري حيثيت رکي ٿو. (تذڪره مشايخ سيوستان، ص 16)

ان جي پير صاحب کي 1967ع تائين صرف نالي جي حد تائين معلومات هئي (حديقة الاولياء، مقدمو، ص 7) پر اها سندس پاران ڪيل جستجو ۽ جاکوڙ هئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس سندس دوست سائمن ڊگبي Royal Asiatic Society London ۾ محفوظ هن نسخي جي فوٽو ڪاپي حاصل ڪري 1971ع ۾ ڏياري موڪلي، جنهن کي بنياد بنائي پير صاحب کي ان تي حاشين حوالن سان جامع ڪم ڪرڻ جو ارادو هيو. ان مقصد لاءِ پاڻ ٺٽي وانگر سيوهڻ شهر جا پڻ ڪيئي ڦيرا چڪر ڪاٽيائين. ان سلسلي ۾ پاڻ لکي ٿو:

> ”هن تذڪري ۾ ذڪر ڪيل بزرگن جي تلاش ۽ تحقيق ۾ ڪيترا دفعا آءٌ سيوهڻ ويو آهيان... گويا ڪندي ڪيتريون نيون ڳالهيون ۽ ڪيترا نوان انڪشاف ٿيا آهن.“

پير صاحب پنهنجي ان ڪيل جاڪوڙ ڪان پوءِ هن تذڪره کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، جيڪو خاڪو تيار ڪيو، ان جو اظهار هن ريت ڪيو ويو:

"پرين ٽن سالن جي جاڪوڙ بعد اڄ آءٌ هي تذڪرو هينين ٽن قسطن ۾ شايع ڪري رهيو آهيان:

1. فارسي متن
2. فارسي متن جو سنڌي ترجمو
3. حاشيا، مقبرن جو احوال، نقشا ۽ تصويرون"

(تذڪره مشايخ سيوستان، ص 20)

مٿي ذڪر ڪيل خاڪي جي روشنيءَ ۾، پير صاحب جو، هن ڪتاب کي جامع طرح جوڙي شايع ڪرڻ جو ارادو هو. پر پاڻ ان جو صرف پهريون حصو يعني متن ئي تيار ڪري سگهيو، جيڪو ٽه ماهي مهراڻ 3-4/ 1974ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو. پير صاحب جو هن تذڪري تي ڪم هليو ئي پئي جو سنڌن هڪ معتقد نياز همايوني، سنڌن ئي خواهش تي، پير صاحب جو تيار ڪيل ۽ مهراڻ ۾ شايع ٿيل متن جو سنڌي ترجمو ڪري مهراڻ 3-4/ 1979ع واري پرچي ۾ شايع ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت پير صاحب جي خواهش موجب هن تذڪري جا ٻه مرحلا مڪمل ٿي ويا، البت ٽئين مرحلي وارو ڪم ڪرڻ باقي هيو، اهو ٿي وڃا ها ته هي تذڪرو پير صاحب جي خواهش موجب مڪمل ٿي وڃي ها.

پير صاحب پوين ڏينهن ۾ بيمار رهڻ سبب ان سلسلي ۾ شايد ڪو وڏيڪ ڪم نه ڪري سگهيو. ۽ اهو ڪم اتي ئي رهجي ويو. سنڌن پاران ان سلسلي ۾ ميڙيل چونڊيل مواد به سنڌن علمي ذخيري واري گنج ۾ گڏجي في الحال گم ٿي ويو. ان ڳالهه جي مدنظر هن تذڪري تي نئين انداز ۾ ڪم ڪرڻ جي ضرورت محسوس پئي ٿي، جنهن جي پورائي لاءِ ابتدائي طور ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب قدم وڌايو، جنهن پير صاحب وارو ايڊٽ ڪيل متن، اصل نسخي جي ٻن صفحن جا عڪس، پير صاحب ۽ سائيمن ڊگبي جون تصويرون شامل ڪري، مقدمو

لکي، ڊيمي سائيز ۾ 86 صفحن جو ڪتاب جوڙي، ڪميٽي جشن لعل شهباز ضلع حڪومت ڄامشورو پاران 2010ع ۾ شايع ڪرائي ڇڏيو. ائين في الحال اهو مواد تہ محفوظ ٿي ميدان ۾ اچي ويو، پر ان ۾ پير صاحب واري خواهش موجب حاشين ۽ تصويرن واري حوالي سان اڃا ڪم ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي، جنهن تي لاکو صاحب ڪم ڪري رهيو آهي.

## 12. مثنوي مهر و ماه از جمالي دهلوي

هندستان جي صوفي شاعر جمالي دهلويءَ تبريزي عوام جي خواهش تي، هي مثنوي 905هہ/ 1499ع ۾ لکي، مڪمل ڪئي، جنهن جو پير صاحب ڊبل ڪرائون جي 202 صفحن تي مشتمل متن تيار ڪيو، جنهن ۾ پاڻ پنهنجي محبوب شغل موجب مختلف نوعيت جا فوٽا ۽ مثنوي جي مختلف خطي نسخن جا عڪس پڻ ڏنا اٿن.

مثنوي مهرو ماه جي متن تيار ڪرڻ کان سواءِ پير صاحب ان ۾ جمالي دهلوي جي زندگيءَ بابت 114 صفحن تي مشتمل گهڻ پاسائين معلومات وارو فارسيءَ ۾ مقدمو لکيو آهي، جنهن لاءِ پير صاحب جو چوڻ آهي تہ "اهو اصل اردوءَ ۾ لکيو ويو هو، جنهن کي سندس دوست ڊاڪٽر سيد علي رضا هن ڪتاب لاءِ فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو." (مثنوي مهرو ماه، ص 108)

ان مقدمي ۾ پير صاحب جمالي دهلوي جي زندگي ۽ ڪارنامن جو جائزو پيش ڪيو آهي. ياد رهي تہ جمالي دهلوي جو هڪ ٻيو ڪتاب سيرالعارفين، پير صاحب جي ڪوشش سان، ڊاڪٽر ايوب قادريءَ ترجمو ڪيو، جيڪو مرڪزي اردو بورڊ لاهور 1976ع ۾ شايع ڪيو. ان تي پير صاحب جمالي دهلويءَ جي حالات زندگي ۽ ڪارنامن بابت اردوءَ ۾ ڀرپور نوعيت جو مقدمو لکيو هو.

مثنوي مهر ماه، مرڪزي تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد، 1974ع ۾ شايع ڪيو.

### 13. تذڪره مشاهير سنڌ، حصو پهريون

سنڌ جي مشاهيرن بابت ڪتاب تيار ڪرڻ پير صاحب جي ابتدائي دؤر وارن خواهشن ۾ شامل هو. 1946ع واري دؤر ۾ ان تي ڪنهن حد تائين ڪم جي شروعات پڻ ڪئي هيائين. پير صاحب جو لکيل مضمون ملا محب علي سنڌي دراصل ان سلسلي جي ڪڙي هو، جنهن کي ڪيترا ماڻهو پير صاحب جو ڪتاب تصور ڪندا آهن. حقيقت ۾ اهو هڪ مضمون آهي، جيڪو پهريون ڀيرو 28 آگسٽ 1946ع واري قرباني اخبار ۾ هيٺين نوٽ سان شايع ڪيو ويو هو.

”سيد حسام الدين راشدي ڪيتري عرصي کان سنڌ جي مشاهيرن تي ڪتاب لکي رهيو آهي، جنهن ۾ اسلام جي اچڻ کان وٺي 19 صديءَ جي خاتمي تائين، جيڪي مشاهير ٿي گذريا آهن، تن جو ذڪر هوندو. اهو تذڪرو سنڌ جي تاريخي سلسلي ۾ انسائيڪلو پيڊيا جو ڪم ڏيندو. هيٺيون مضمون انهيءَ ڪتاب تان ورتل آهي. ڪتاب ۾ تقريباً ڇئن هزار مشاهيرن جو احوال اچي ويندو. خدا ڪري جلدي اهو اهم علمي ڪم ختم ٿئي ۽ ڪتاب سنڌ ۽ هند جي علمي حلقي لاءِ مشعل راهه بڻجي.“

ان ابتدائي نوٽ مان معلوم ٿئي ٿو ته پير صاحب مشاهير سنڌ واري طرز تي جامع ڪتاب لکڻ جو ارادو رکيو پئي. پير صاحب ان وقت تائين ڪراچيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪري چڪو هو ۽ مولانا دين محمد وفائيءَ واري حلقي سان وابسطه هو. ان ئي دؤر ۾ مولانا دين محمد وفائي صاحب ’تذڪره مشاهير سنڌ‘ جي رٿا تي ڪم ڪري رهيو هو، جنهن لاءِ پاڻ، پير صاحب کان ڪتابي مدد پڻ حاصل ڪندو رهندو هو پر ڪيس ڏيکاريندو ڪجهه ڪونه هو. بقول پير صاحب:

”ڪيترن آزين ۽ نيزارين بعد به پنهنجو مسودو مون کي ڏسڻ نه ڏيندو هو، جڏهن ملندو هو تڏهن مون کي ڪجائڻ ۽ هرڪائڻ لاءِ هميشه پنهنجي تذڪري ۽ پنهنجي مواد لاءِ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري پاڻ لطف حاصل ڪندو هو. مولانا ۽ منهنجي وچ ۾ اها علمي ’ونجهه وٽي‘ سنڌس

زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين قائم رهي.“ (تذڪره مشاهير سنڌ حصو I، ص 10)

مولانا صاحب پاران اهو هٿ ۾ ڪنيل انسائيڪلو پيڊيا انداز وارو ڪم، جنهن کي ان دؤر وارين حالتن، محدود وسيلن ۽ ماخذن جي اڻاٺ سبب پير صاحب پهاڙ جيترو ڪم سڏي ٿو. مولوي صاحب پاران چِٽي چيٽي ڪري ميڙيل اهو ڪم، جيڪو پاڻ پنهنجي هوندي، ڪنهن کي ڏيکارڻ لاءِ تيار نہ هو، اهو سندس وفات بعد، سنڌي ادبي بورڊ جي ذريعي ايڊٽ ڪرڻ لاءِ پير صاحب جي هٿن تائين پهتو. تڏهن پاڻ مولانا صاحب جي علمي اهميت ۽ اعليٰ مقام جي مدنظر، سندس ان مسودي سان گهٽي چيڙ‌ڇاڙ ڪانہ ڪيائين. صرف مختصر حاشيا لکي، 288 صفحن تي مشتمل ان جو پهريون جلد تيار ڪيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1974ع ۾ ڇپرو ڪيو. جيتوڻيڪ مڪمل ڪتاب ٽن جلدن ۾ آهي، پويان ٻئي جلد بہ شايع ٿيل آهن، پر پوين جلدن لاءِ پير صاحب کي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڪونہ ملي سگهيو.

## 14. هوڏوتي، هوڏينهن

فڪشن واري انداز ۾، پير صاحب جو لکيل هي ڪتاب، سندن زندگيءَ جي تجربن، يادگيرن ۽ مطالعي توڙي مشاهدي جو نچوڙ آهي. گهڻ موضوعاتي معلومات مهيا ڪندڙ، هن ڪتاب کي سنڌي ادب جي بهترين ڪتابن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ ذڪر ڪيل دؤر واري سنڌي سماج جي مختلف رخن جا جلوا، ادبي تاريخ جا مختلف پاسا، سياسي چرپر جا لاها چاڙها، سماجي ريتون رسمون، مختلف وڏيرن ۽ سياسي ماڻهن پاران سرڪار جون خوشامنديءَ واريون حرڪتون، شاعرن ۽ اديبن جي نوڪ جهوڪ، ادبي محفلون، مشاعرا، مناظرا، مطلب تہ هڪڙي عام ماڻهوءَ جي روزمره زندگيءَ کان وٺي عالمن اديبن جي احوال، سياستدانن ۽ وڏيرن جي رهڻي ڪهڻي سياسي سماجي روين بابت

هڪ ڀرپور مطالعو پيش ڪري ٿو. ايتري قدر جو قمبر جي هڪ ڪنبياڻي 'هاج' جي شخصيت ۽ ڪردار، حرڪتن ۽ ادائن جي وڏي موهيندڙ انداز ۾ منظر نگاري ڪئي اٿس. پر اها به محض دل جي وروتهه، لفظي چاشني طور ڪيل ڪانهي. اهڙا بيان ڪندي به پير صاحب پنهنجي عالمانه انداز سان تعميري طنز ڪندي نظر اچي ٿو، جيئن 'هاج' هٿان ٿيندڙ وڏيرن جي ڦرمار بابت طنز ڪندي چوي ٿو:

"اهڙي آب و تاب، جوڙ ۽ جنسار سان هاج جي هٿان وڏيرن جي پڳي هاج لهندي هئي."

اهو مذڪور به، پاڻ محض دل پشوريءَ لاءِ ڪونه ٿو ڪري، پر ان سڄي قصي جي آڙ ۾ ان دؤر جي علمي دنيا ۾ فارسي اثر هيٺ محبتي ماڻهن لاءِ، استعمال ٿيندڙ تشبيهن، استعارن جو ورجاءُ ڪري، هڪ طرف انهن کي زنده ڪيو ڇڏي ته ٻئي طرف ان دؤر جي عڪاسي ڪئي اٿس، جنهن ۾ فارسي جي اثر کان سنڌي شعر و شاعري آهسته آهسته پاڻ آجو ڪري رهي هئي. جيڪڏهن اڳتي هلي ڪير سنڌ جي سماجي، ثقافتي ۽ ادبي تاريخ لکندو ته ان کي گهربل مواد جي اوسر واري حوالي سان، هن ڪتاب مان گهڻو ڪجهه مواد ميسر ٿي سگهندو.

پير صاحب جي ابتدائي زندگيءَ جو گهڻو ٽڪو لاڳاپو اتر سنڌ يعني لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ سکر سان رهيو، انڪري سندن يادگيرين واري هن ڪتاب ۾ مختلف حوالن سان گهڻو مواد ان ايراضيءَ سان ئي واسطو رکي ٿو.

پير صاحب جي هن ڪتاب جي جنهن ماحول ۾ تخليق ٿي يعني وطن کان ڏور منيلا ۾ ترسيل هڪ بيمار عالم جنهن کي آرام جي سخت ضرورت هئي، ان کي ديس مان هڪ دوست وٽان، پنهنجي همعصر ساٿيءَ جي وفات جو جڏهن اطلاع مليو ته سندن روح بي آرام ٿي ٿو پوي ۽ هو ڊاڪٽرن جي مشورن کي پُٺي ڏيئي قلم کڻي پنهنجو پاڻ سان پنن پرزن تي اندر جا احوال اورڻ ٿو ويهي ته هي ڪتاب تيار ٿيو پوي، مواد جي مناسبت سان پير صاحب پاران ان جو شروعات ۾ نالو 'جيئن ڏٺو آهه

مون‘ رکيو ويو هو پر ساڳئي نالي سان سائين جي.ايم. سيد جي ڪتاب شايع ٿيڻ کان پوءِ ’هو ڏوٿي، هو ڏينهن‘ عنوان رکيو ويو.

ڊبل ڪرائون جي 425 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب، پير صاحب 8 فيبروري 1960ع تي شروع ڪيو، ان کي صرف اٺن مهينن ۾ 28 آگسٽ 1960ع تي پورو ڪيو، جيڪو سندن خاص نظرداري هيٺ 1977ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

## 15. تذڪره رياض العارفين I

پير صاحب جنهن جو تذڪره نويسي دلپسند موضوع هو، ان سلسلي ۾ پاڻ ڪيترائي تذڪرا نئين سر ايڊٽ ڪيائين ۽ انهن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، سوَن جي تعداد ۾ تذڪرا ڳولي ڦولي نظر مان ڪڍيائين. ان ڏِک ڊوڙ ۾ پاڻ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جون لائبررين ۽ انهن جا ڪئٽلاگ ڏٺائين. نتيجي طور ڪين ڪن ڪن تذڪرن جا مصنفن جا هٿ لکيل يا انهن جي همعصر ڪاتبن جا لکيل هڪ ئي تذڪري جا ڪيترائي نسخا هٿ لڳا، جن کي سامهون رکي پاڻ پنهنجي پسند جي تذڪرن کي نهايت عرق ريزيءَ سان ايڊٽ ڪيائين. پر هن تذڪري لاءِ پير صاحب جو چوڻ آهي تہ:

> ”’تذڪره رياض العارفين‘ جو ذڪر منهنجي اطلاع ۽ علم موجب ڪٿي بہ ڪونہ آيو آهي ۽ ان جي مؤلف آفتاب راءِ جو احوال ڪنهن تذڪري نويس لکيو آهي. هن تذڪري جي قلمي نسخي جو انحصار هڪ فرد جي معلومات تي آهي.“ (نسخن هاءِ گفتني، ص يڪ)

اهو فردِ واحد پير صاحب جو دوست مشفق خواجہ هو، جنهن پير صاحب جي تذڪرن واري شوق جي مدنظر کين هن واحد نسخي جو اطلاع ڏنو (ص يڪ) جيڪو انجمن ترقيءِ اردو ڪراچي جي ذخيري ۾ موجود هو. ان جي تاريخي اهميت جي مدنظر پير صاحب ان هڪ ئي نسخي کي بنياد بنائي، هي تذڪرو نئين سر تيار ڪيو، جيئن تہ اهو

واحد نسخو هو ۽ ان جو مؤلف بہ ايترو معروف ڪونہ هو، جنهنڪري ان جو ڪن ٻين علمي تذڪرن ۾ بہ ذڪر نہ ٿو ملي. لهاذا هو پاڻ بہ مواد ڪي معياري پيش نہ ڪري سگهيو. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن هي تذڪرو تيار ٿيو تہ پير صاحب جي راءِ اها هئي تہ، اهو تذڪرو سوانحي لحاظ کان پڙهندڙن کي مطمئن ڪرڻ وارو ڪونهي ۽ نہ ان ۾ تحقيق ۽ تڪليف جو ڪو عمل دخل آهي. ان جي باوجود هي تذڪرو تيار ڪيو ويو، ان جو بنيادي سبب ان ۾ جمع ڪيل شاعرن جي عددي اضافي ۽ تذڪره نويسيءَ واري تسلسل جي آخري ڪڙي هئڻ قرار ڏنو ويو. ان سلسلي ۾ پير صاحب لکيو:

”هن تذڪري جي اها خاصيت آهي جو شاعرن جي گهٽي تعداد واري لحاظ کان هي ’صحف ابراهيم‘ (1205هہ)، ’مخزن الغرائب‘ (1318هہ)، ’عرفات العاشقين‘ (1024هہ) ۽ ’مجمع النفايس‘ (1164هہ) جي صف ۾ شمار ٿئي ٿو.“

نہ رڳو اهو پر مٿي ذڪر ڪيل برصغير ۾ لکيل انتهائي اهم تذڪرن ۾ هن تذڪري جي انڪري بہ اهميت وڌي وڃي ٿي جو، پير صاحب جي بقول:

”هن تذڪري کان پوءِ ڪو بہ تذڪرو نہ لکيو ويو، جيڪو هن جو مقابلو ڪري سگهي پر هڪ لحاظ کان فارسي شاعرن جو هيءُ آخري تذڪرو آهي، جيڪو هتي برصغير ۾ لکيو ويو، جنهن کي قابل ذڪر سمجهيو وڃي.“ (ص ششم)

اهڙي اهميت واري ان آخري تذڪري تي پير صاحب دلجمعي سان محنت ڪئي پر واحد نسخو هئڻ ڪري ان ڪم ۾ ڪين ڪيتري ڪاميابي ٿي، ان جو اندازو سندن هنن جملن مان ٿئي ٿو:

”مون اها ڪوشش ڪئي آهي تہ اصل بنياد جيڪي مؤلف جي نظر ۾ هئا، انهن جي روشنيءَ ۾ (ڪم آيل) نالا، تخلص، جاگرافيائي ماڳ مڪان ۽ شعرن کي درست ڪريان، پر

باوجود پوري ڪوشش جي ڪتي ڪتي مان تصحيح ڪرڻ ۾
ڪامياب نہ ٿيو آهي.“ (ص هفتم)

ڊبل ڪرائون ۾ 530 صفحن جو (الف کان ط) هي حصو 1977ع ۾ انتشارات مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان شايع ڪيو.

## 16. ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون

پير صاحب 1932ع کان مضمونن ۽ مقالن جي صورت ۾ جيڪو قلمي پورهيو ڪيو، هي ڪتاب ان چونڊ مواد تي مشتمل آهي. پير صاحب زندگيءَ جي آخري دؤر ۾ ان ڳالھ طرف توجھ ڏنو ۽ هي ڪتاب پنهنجي نگرانيءَ ۾ تيار ڪرايو. ان وقت تائين ڪمپيوٽر جو دؤر ڪونہ آيو هو، لوهي ٽائيپ تي ڪم هلندو هو. انڪري هن ڪتاب جي ذخامت 846 صفحن تائين وڃي پهتي. شايد انڪري ئي ان ۾ ٻيو وڌيڪ مواد نہ ڏنو ويو. ڪتاب تي سنڌ جي نامور اسڪالر ۽ پير صاحب جي همعصر عالم محمد ابراهيم جويي صاحب مدبرانہ پيش لفظ لکيو، جنهن ۾ ان ڳالھ طرف اشارو ڪيو آهي تہ:

”پير صاحب جيءَ عالمانہ تحقيقي ڪاوش هڪ پڌرو ادبي ڪارنامو تہ آهي ئي، پر اها سنڌ جي تاريخي ورثي جي املھ دريافت، اُن جو هڪ بي بها مخزن، جنهن جو بنياد انيڪ ڪتابن ۽ تمام وڏي مطالعي تي آهي، صدين جا احوال اُن ۾ آيل آهن. اسان جي سڄي تاريخ جون نہ، تہ بہ اُن جي ڪن وڏن اهم دؤرن جون. عربن جي دؤر کان وٺي اڄ تائين جي ڏينهن جون نهايت سبق آموز ۽ پيرائتيون ڳالهيون، ڏاڍي پُر ذوق ۽ دلسوز انداز سان اسان کي ٻڌايون اٿن.“ (ص 8 – ڪ)

هي ڪتاب انجمن تاريخ سنڌ 1981ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب ۾ شامل ڪيل مواد سان لاڳاپيل ڪيئي ناياب تصويرون پڻ ڏنيون ويون آهن.

**17. تذڪره رياض العارفين حصو ٻيو**

تذڪري جو هي حصو (ع تا ي) ساڳئي اداري، ساڳي سائيز جي 382 صفحن تي، 1982ع ۾ شايع ڪيو، جنهن جو مقدمو پير صاحب جي معتقد سيد عارف نوشاهي لکيو، جنهن ۾ هن پير صاحب جي تذڪره نويسيءَ جي تصحيح واري ڪيل پورهيي تي پڻ تفصيلي روشني وڌي ۽ ان ڳالهه جي پڻ نشاندهي ڪئي تہ پير صاحب هن تذڪري جي پهرئين حصي وقت ان ڳالهہ جو اظهار ڪيو هو تہ جيڪڏهن فرصت ملي تہ انشاءالله ٻئي حصي ۾، ڪي حاشيا ۽ ڪي اضافا ڪندس پر افسوس جو ان لاءِ ڪيس مهلت نہ ملي سگهي.“ (بيش گفتار، ص 1)

اهڙي ريت پير صاحب جي آخري زندگيءَ ۾ هي ڪتاب پڌرو ٿيو، جنهن کي اسين پير صاحب جي حياتيءَ ۾ شايع ٿيل سندس آخري ڪتاب چئي سگهون ٿا.

**18. مراة الجمال**

هي ڪتاب پير صاحب جي پسند ڪيل ۽ چونڊ ڪري پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيل فارسي، سنڌي ۽ اردوءَ جي مختلف معلوم ۽ نامعلوم شاعرن جي ڪلام جو مجموعو آهي، جنهن لاءِ ڪتاب جي پبلشر مهتاب اڪبر راشدي جو چوڻ آهي تہ:

”آءٌ مجان ٿي تہ سندس ڊائريءَ ۾ اهي گڏ ٿيل شعر ان جي پنهنجي اهڙي ملڪيت آهن، جيڪي هن پاڻ لاءِ ئي ۽ پنهنجي ذوق جي تسڪين لاءِ ئي گڏ ڪيا هئا، نہ ڪہ ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ، پر اها بہ حقيقت آهي تہ پير صاحب مرحوم جهڙين وڏين شخصيتن جي هر شئي نہ رڳو سندن ملڪيت هوندي آهي پر اُها اسان جي، اوهان جي ۽ سڀني جي ملڪيت هوندي آهي. پير حسام الدين جهڙا ماڻهو رڪندا نہ آهن پر ڏيندا ئي رهندا آهن. پوءِ چاهي اُهي هن دنيا ۾ هجن يا نہ هجن. اِهو خيال دل ۾ ڌري اسان سندس پسند جي شعرن تي مشتمل هيءَ ڊائري ڇپائي پيش

ڪري رهيا آهيون، جيڪا نہ رڳو اسان جي وندر جو ذريعو آهي پر پير صاحب مرحوم جي شخصيت جا مختلف پهلو جاچڻ ۽ انهن تي تحقيق ڪرڻ ۾، هي شعر جاٽن ڪي وڏي مدد ڏيندا ۽ مرحوم جي نفسياتي ارتقا تي وڏي روشني وجهن ٿا.“ (مرآة الجمال، ص - ج)

ڊيمي سائيز ۾، 160 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب پير صاحب جي ٻي ورسيءَ جي موقعي تي 1984ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌس ياد ۾ شايع ڪيو.

### 19. ڳالهيون منهنجي سنڌ جون

ڪتاب ’ڳالهيون منهنجي سنڌ جون‘ مرتب غلام محمد لاکو- مواد جي لحاظ کان، ’ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون‘ ڪتاب ۾ آيل مواد جو تسلسل آهي، انڪري ڏنل عنوان بہ ساڳئي مقصد سان نهڪندڙ اٿس. هن ڪتاب ۾ پير صاحب جي وڌيڪ ٽڙيل پکڙيل مواد کي گڏ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مقالا، تقريرون، خط ۽ انٽرويوز کان سواءِ ڪجهہ ليکڪن جي ڪتابن تي پيش لفظ / مهاڳ عنوان سان پير صاحب جو لکيل مواد پڻ گڏ ڪيو ويو آهي. ڪتاب تي مرتب جامع مقدمو لکيو آهي، جنهن ۾ پير صاحب جي سموري ڪيل قلمي پورهيي جو، مختصر مگر جامع نموني تذڪرو پيش ڪيو ويو آهي.

هي ڪتاب پهريون ڀيرو 1992ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو هو، جنهن جو سڌارن ۽ واڌارن سان ڊيمي سائيز جي 380 صفحن تي مشتمل نئون ڇاپو وڌيڪ مستند ۽ جامع نموني 2007ع ۾ ٻيهر شايع ڪيو ويو.

### 20. مقالات راشدي

’مقالات راشدي‘، مرتب غلام محمد لاکو- پير صاحب جي اردوءَ ۾ لکيل 21 مقالن جو مجموعو آهي، جيڪي پير صاحب کن

همعصر دوستن تي لکيا يا کن علمي ادبي محفلن ۾ پيش ڪيا. ڪتاب ۾ لاڪي صاحب پاران لکيل مقدمي ۾ هر مقالي بابت مختصر معلومات ڏني ويئي آهي، جنهن سان ان مواد لکجڻ جو پس منظر معلوم ٿئي ٿو. حرفِ اول عنوان هيٺ پير صاحب جي هڪ ٻئي شاگرد ڊاڪٽر رياض الاسلام پير صاحب جي علمي معيار بابت لکيو آهي:

”هو صرف زباندان نہ هو، پر ڪتاب شناسيءَ جو ماهر هو، تاريخ ۽ آرڪيالاجي تي پڻ گهري نظر رکندو هو... هو رڳو اديب نہ هو پر اصل معنيٰ ۾ عالم، فاضل ۽ محقق هو. قلم ڀلي ادبي موضوع تي کڻي، يا تهذيب و تمدن يا تاريخ تي يا ڪتابن تي، پر سندس لکڻيءَ ۾ وسيع علم سبب، رچاءُ، گهرائي ۽ وسعت پيدا ٿي ويندي هئي.“ (ص 5)

اهڙي وسعت ۽ رس ڀريل رچاءَ وارو ڊيمي سائيز ۾ 428 صفحن تي اردوءَ ۾ لکيل پير صاحب جو هي مواد 2002ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ايسٽ اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي يونيورسٽي شايع ڪرايو.

## 21. الزليخا

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي پاران طويل مقدمو لکي، نئين انداز ۾ تيار ڪيل هن ڪتاب جو بنياد پير صاحب طرفان اوائلي دور ۾ لکيل طويل افسانو ’الزليخا‘ آهي، جنهن جو مقدمو لکندي خانائي صاحب نہ رڳو پير صاحب جي ’الزليخا‘ ۾ اختيار ڪيل اندازِ تحرير جا تفصيل لکيا آهن پر سنڌي ادب ۾ شايع ٿيل مختلف ليکڪن جي ساڳئي موضوع واري مواد جو پڻ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. ڊيمي سائيز جو 134 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب، 2003ع ۾ مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ شايع ڪيو.

## 2. معاون ايڊيٽر مؤلف (Author/Co Author)

پير صاحب جي سڄي زندگي علم جي ڳولا ڪندي مختلف نوعيت واري مواد جي تحقيق ۽ تدوين، ترتيب ۽ تصحيح ۽ حاشيه نگاري ڪندي گذري. ان ميدان ۾ سندن ڪو مٽ ثاني ڪونہ هو. علم سان سندن اٿاهہ عشق ۽ لکڻ سان بي پناهہ لڳاءَ جي اها انتها هئي جو پنهنجي محنت واري دائري ڪي مقدار ۽ موضوع واري حوالي سان ڪنهن هڪ هنڌ محدود نہ رکيائون پر جنهن موضوع جي جيڪا تقاضا ۽ معاشري لاءِ ضرورت هئي، ان ڪي مڪمل ڪرڻ ۾ اوترو ئي هٿ هلايائون. اهوئي سبب آهي، جنهنڪري جتي سندن قلم مان نڪتل من پسند موضوع تذڪره نويسيءَ تي هزارين صفحن وارا ڪتاب ملن ٿا، اتي ڪنهن موضوع تي 80-100 صفحن تي مشتمل مواد وارا ڪتاب پڻ آهن. جتي هن جڳ مشهور عالم جي هٿن مان هزارين صفحا لکيا ويا، جن ڪي ڏسي، سندس همعصر عالمن اهو تصور ڪيو پئي ويو تہ اهو ايترو ڪم جنن لکيو ۽ ملائڪن مڪمل ڪيو هوندو، اتي ان علمي سفر ۾ سندن ڪردار بظاهر غير معروف، ڪجهہ اهڙن ڪتابن جو ساٿي ايڊيٽر مشترڪ مرتب، حاشيہ نگار ۽ نظرثاني ڪندڙ واري روپ ۾ نظر اچي ٿو. سندن علم سان دلچسپيءَ جي اها انتها چئجي جو تاريخ ۽ آثار قديمہ ۽ ادب جي ميدان ۾ جاکوڙيندڙ عالمي معيار جي هن باوقار شخص معاشرتي ضرورتن ۽ درسي گهرجن جو پورائو ڪندڙ مواد طرف پڻ توجهہ ڏنو ۽ ان ميدان ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان قلم وهائي، گهربل ڪمن ۾ هٿ ونڊايو.

هتي سنڌ جي هن باوقار پورهيت عالم جي اهڙي ئي علمي پورهيي جي نشاندهي ڪجي ٿي، جنهن ۾ پاڻ مددگار ليکڪ، مددگار مرتب يا نظرثاني ڪندڙ واري حيثيت ۾ نظر اچي ٿو.[1]

**(1) ارمغان**

پير صاحب جو فارسيءَ سان خاص لڳاءُ هو.عالمي دنيا جي اسڪالرن ۾ به سندس سڃاڻپ فارسي عالم واري هئي. فارسيءَ کي ايران کان ڌار ڪري نه ٿو سگهجي. ايران ئي فارسيءَ جي ڦهلاءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. خاص طور تي شهنشاهه ايران جي دؤر ۾ سڄي دنيا ۾ فارسي دانن جي وڏي پذيرائي ڪئي ويندي هئي، انڪري سڄي دنيا جا سمورا فارسي دان ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ايران ڏانهن متوجهه هوندا هئا. اهڙي ماحول ۾ 1960 واري ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ۾ 'انجمن ادبيات فارسي' نالي هڪ ادارو قائم ٿيل هو. ان اداري شهنشاهه ايران جي ولي عهد رضا شاهه پهلويءَ جي جنم (31 آڪٽوبر 1960ع) جي ياد ۾ 11 ڊسمبر 1960ع تي راشدي صاحب جي گهر تي هڪ ميڙاڪو سڏايو، جنهن ۾ ايران جو سفير احمد خادمي نوائي به شريڪ ٿيو. ان محفل ۾ پيش ڪيل شاعريءَ واري مواد جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو:

"ان موقعي تي شاعرن، ايراني ملت سان يڪجهتي، شهنشاهه ايران جي عزت افزائي ۽ ولي عهد رضا پهلويءَ جي ڄم جي خوشيءَ ۾ فارسي، سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ شعر پيش ڪيا. انهن شعرن کي سهيڙي ڪتابي صورت ڏني ويئي." (مهراڻ 2008/3ع)

اهوئي مواد هو، جنهن کي 'ارمغان' عنوان ڏيئي ڪتابي صورت ۾ آندو ويو. ان ڪتاب جا مرتب ڪندڙ ممتاز حسن ۽ سيد

---

[1] هن مواد جو بنياد ڊاڪٽر غلام محمد لاکي طرفان لکيل مضمون 'سيد حسام الدين راشديءَ جو گهڻ معلوم ڇپيل ڪتابي ذخيرو" (مهراڻ 3/ 2008ع) تي رکيو ويو آهي.

حسام الدين راشدي هئا. ڪتاب جو انگريزي پيش لفظ ممتاز حسن ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ سخن داني عنوار سان ٻه اکر مرزا ابو جعفر ڪشفي لکيا.

هي ڪتاب 1961ع ۾ ناشر جي نالي بغير شايع ٿيو.

**(2) آسان اردو حصہ اول**

هي ڪتاب ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ لاهور وارن پاران تدريسي گهرجن جي پورائي طور چوٿين ڪلاس وارن غير اردو يعني سنڌي شاگردن لاءِ تيار ڪرايو ويو. ڪتاب ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ۽ پير حسام الدين راشدي جي ادارت هيٺ تيار ٿيو، جنهن جي نظرثاني پڻ پير صاحب ڪئي. ڪرائون سائيز جو هي ڪتاب پهريون ڇيرو ڪڏهن شايع ٿيو، اهو في الحال معلوم ناهي ٿي سگهيو، البت چوٿون ڇيرو 1965ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب اردو اڪيڊمي ڪراچي سنڌ شايع ڪرايو.

**(3) بنيادي اردو**

'بنيادي اردو ۽ علاقائي زبانن جون گڏيل لغتون' واري مقصد هيٺ مرڪزي اردو بورڊ پاران بنيادي اردو ڪتاب مختلف ٻولين جهڙوڪ پشتو، بلوچي، ڪشمير، فارسي، ترڪي، عربي ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ڪرڻ جو پروگرام ناهيو ويو هو. ان پروگرام جي حصي طور هي ڪتاب پڻ شايع ٿيو، جيڪو ٻه هڪ قسم جي لغت آهي. ان جي اشاعت هيٺ آڻڻ جو مقصد بيان ڪندي ڪتاب جو مرتب ابوالليث صديقي صاحب لکي ٿو:

"ان جو مقصد اردوءَ جي اهڙن بنيادي لفظن جي هڪ فهرست مهيا ڪرڻ آهي، جيڪي روزانو ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪم ايندا رهن ٿا ۽ جن جي مدد سان اهي ماڻهو، جن جي مادري زبان اردو نہ آهي، ٿوري

ڪان ٿوري وقت اندر اردو ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪري سگهن ٿا.“ (ص 7)

اردو سکڻ ۽ ڳالهائڻ جي سلسلي ۾ هن بنيادي نوعيت واري ڪتاب جو سنڌي ترجمو محترم جمال رند کان ڪرايو ويو، جنهن جو اصلاح ڪندڙ ايڊيٽر پير حسام الدين هو. ڊيمي سائيز جي 91 صفحن جو هي ڪتاب 1968ع ۾ مرڪزي اردو بورڊ لاهور پاران ڇپرو ڪيو ويو.

## (4) توزڪ جهانگيري جلد پهريون

پير صاحب مغليہ دؤر جي جن ڪتاب کي سڀ کان اهم ڪتاب تصور ڪندو هو، انهن مان شهنشاهه نورالدين محمد جهانگير جي لکيل ۽ لکرايل آتم ڪهاڻي ’توزڪ جهانگيري‘ بہ هڪ هو. ان جي تاريخي اهميت سبب پير صاحب ان جو ترجمو ڪرڻ ضروري سمجهيو پئي پر پير صاحب گهڻين مصروفيتن سبب اهو پاڻ ڪونہ ڪري سگهيو. ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

”مصروفيتن سبب مون لاءِ، اهو تہ مشڪل هو تہ مان پاڻ اهو ترجمو ڪريان، انڪري مون پنهنجي نگرانيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ جي حامي هنئي ۽ ترجمي لاءِ، اهو ڪتاب پاڪستان جي مشهور اهلِ قلم مولوي اعجاز الحق صاحب قدوسيءَ جي حوالي ڪيم.“ (حصو پهريون، ص 5)

مولوي اعجاز الحق پير صاحب جو تيار ڪيل اعتماد جهڙو ساٿي هو. ان جيتوڻيڪ پير صاحب جي نظرداريءَ ۾ ڪم ڪيو پئي پر پوءِ بہ مواد جي اهميت ۽ افاديت جي مدنظر ان کي وڌيڪ مستند بنائڻ لاءِ، پير صاحب، هڪ ٻئي عالم پروفيسر عبدالمجيد صديقي کي پڻ ان ڪم ۾ شامل ڪيو. ان سلسلي ۾ پير صاحب لکي ٿو:

”ڪيس گذارش ڪيم تہ هو بہ هڪ هڪ لفظ جي اصل سان پيٽا ڪندو وجي. ۽ ان ڪان پوءِ مان پاڻ بہ پرک خاطر ڪيترن معاملن کي وقت بوقت ڏسندو رهيس.“ (ص 5)

ٻن سالن تائين پير صاحب جي نگرانيءَ ۾ ڪيل ايتري جاکوڙ کان پوءِ وجي پير صاحب جي هن ڪتاب جي اردو ۾ ترجمو ٿيڻ واري خواهش پوري ٿي، جنهن ۾ ذڪر ڪيل ڪيترين ئي شخصيتن ۽ ماڳن مڪانن کي واضح ڪرڻ لاءِ پاڻ هر باب جي آخر ۾ حاشيہ لکيائين تہ جيئن پڙهندڙن کي گهربل معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نہ ٿئي.

ايتري ڪجهہ ڪرڻ جي باوجود پير صاحب ان ڪم مان مطمئن ڪونہ هو. پاڻ هن اهم تاريخي ماخذ لاءِ ان جي اهميت ۽ افاديت جي مدنظر، تحفة الڪرام جي تيار ڪيل فارسي ڇاپي جي طرز تي ڪم ڪرڻ جو خواهان هو. پنهنجي اهڙي خواهش جو اظهار هن ريت ڪيو اٿن:

”(هن ڪتاب جو) ترجمو پنهنجي جاءِ تي، پر علمي ضرورت اجا بہ ان وقت تائين پوري ڪانہ ٿيندي، جيستائين اصل فارسي متن جو ڪو درست معياري علمي ڇاپو شايع نہ ٿو ڪيو وجي.“ (ص 6)

پير صاحب جي خواهش موجب توزڪ جهانگيري فارسيءَ جو تہ اهڙو ڇاپو شايع نہ ٿي سگهيو. پر پير صاحب جي ڪوشش ۽ نظرثاني سان تيار ٿيل اردو ڇاپي جو وڏي تختيءَ سان ۾ 744 صفحن تي مشتمل پهريون جلد مجلس ترقي ادب لاهور پاران جولاءِ 1968ع ۾ پڌرو ڪيو ويو.

## (5) سماجي اپياس (درجو پنجون)

درسي ڪورس ۽ ضرورتن واري پورائي طور هي ڪتاب پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاهور تيار ڪرايو هو. ڪرائون سائيز ۾ 134 صفحن وارو هي ڪتاب 1969ع ۾ اردو اڪيڊمي ڪراچي شايع ڪيو.

متي ذڪر ڪيل معلومات بغير ڪتاب ڏسڻ جي، ڇپيل ڪتابن تان ڪنئي ويئي آهي. انڪري وڌيڪ تبصرو ٿي نه ٿو سگهي.

**(6) سماجي اڀياس (ڪلاس اٺون)**

هي ڪتاب پڻ انين ڪلاس وارن ٻارن جي درسي ضرورتن جي پورائي طور، ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ لاهور تيار ڪرايو، جنهن ۾ تاريخ، جاگرافي ۽ شهريت تي مشتمل مواد شامل آهي. هي ڪتاب 1969ع ۾ شايع ٿيو.

**(7) توزڪ جهانگيري جلد ٻيو**

پير صاحب جي نظرداريءَ هيٺ، اعجاز الحق قدوسيءَ پاران ترجمو ڪيل ۽ حاشيہ لکي مڪمل ڪيل شهنشاهہ نورالدين محمد جهانگير جي خود نوشت تي ٻڌل هي 603 صفحن تي مشتمل ٻيو جلد آگسٽ 1970ع ۾ مجلس ترقي ادب لاهور شايع ڪيو.

**(8) هفت زباني لُغت**

لغت کي علم و ادب جي دنيا ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. خاص طور گهڻ ٻوليائي لغت ٻولين جو وڏو اهم ذخيرو آهي. پاڪستان جهڙي گهڻ قومي ملڪ ۾ ته هر قوم جي ٻوليءَ واري حوالي سان اهڙي نوعيت واري لغت بنيادي اهميت رکي ٿي. اهڙي اهميت جي مدنظر ورهاڱي کان پوءِ ان ڳالهہ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي ويئي ته گڏيل پاڪستان (اولهہ ۽ اوڀر) ۾ رائج مشهور ستن ٻولين جي ڪا مشترڪ لغت تيار ڪئي وڃي. اهي ٻوليون هيون، اردو، بنگلہ، بلوچي، پشتو، پنجابي، سنڌي ۽ ڪشميري. انڪري ته جيئن قومي هم آهنگي پيدا ڪرائڻ ۾ آساني ٿي سگهي. ان سلسلي ۾ ڌار ڌار زبانن

مان لفظ چونڊڻ لاءِ واسطيدار ٻولين جي مختلف عالمن ۽ اديبن جون
ڪميٽيون جوڙيون ويون. سنڌي ٻوليءَ لاءِ جوڙيل اهڙي ڪميٽي جو
پير صاحب سربراهه هو. جڏهن ته نياز همايوني ۽ محمد انور بلوچ ان
جا ميمبر هئا. رائل سائيز جي 802 صفحن تي مشتمل ستن ٻولين ۾
جوڙيل هن لغت جو بنيادي مقصد ذڪر ڪيل ٻولين مان هڪ جهڙي
معنيٰ وارا روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ لفظ گڏ ڪرڻ هئا. هن
بنيادي نوعيت واري لغت جا مرتب ڪندڙ اشفاق احمد، محمد اڪرم
چغتائي ۽ فضل قادر فضلي هئا. هيءَ لغت 1974ع ۾ اردو سائنس بورڊ
لاهور شايع ڪئي.

### (9) طبقات ناصري

منهاج سراج جو سن 658هه/ 1260ع ۾ لکيل هي ڪتاب، جيئن
ته سلطان ناصر الدين جي دؤر ۾ لکيو ويو. انڪري ان جي نسبت
سبب 'طبقات ناصري' سڏيو ويو. عمومي تاريخ، موجوده افغانستان ۽
ننڍي کنڊ جي تاريخ بابت هي هڪ مستند ۽ معتبر تاريخي ڪتاب
سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو فارسيءَ ۾ انجمن تاريخ افغانستان پاران ٻن
جلدن ۾ (1342- 1343ش) شايع ڪيو ويو هو. ان ڪتاب کي سامهون
رکي پير صاحب جي دوست عبدالحئي حبيبي 'طبقات ناصري' ترتيب
ڏنو ۽ پوءِ حبيبي صاحب واري ان مواد کي سامهون رکي، پير صاحب
جي هڪ ٻئي دوست مولانا غلام رسول مهر ان جو اردو ترجمو ڪيو.
اچانڪ مهر صاحب 1971ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو، جنهنڪري پير صاحب
جي مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي دوستن جي هن علمي سرمايي کي سنڀالي ۽
شايع ڪرڻ جي جوابداري پير صاحب تي اچي ويئي، انڪري پير
صاحب هن سڄي ڪتاب جي نظرثاني ڪري، ان کي جنوري 1975ع ۾
مرڪزي اردو بورڊ پاران ٻن جلدن ۾ شايع ڪرايو. ڪتاب جو پهريون
حصو ڊيمي سائيز جي 1051 صفحن تي مشتمل آهي.

**(10) طبقات ناصري جلد ٻيو**

ساڳئي اداري پاران ڊيمي سائيز جي 504 صفحن تي شايع ٿيل هي ٻيو حصو بہ جنوري 1975ع ۾ پڌرو ٿيو. هن حصي جي آخر ۾ لکيل تعليقات جو ترجمو پير صاحب جي نظرداريءَ ۾، مولانا اعجاز الحق ۽ پروفيسر محمد ايوب قادريءَ کان ڪرايو ويو. اهڙي ريت برصغير جي تاريخ جو، هڪ اهم ماخذ جنهن تي پير حسام الدين راشدي جي ٻن دوستن عبدالحئي حبيبي قنڌاري ۽ مولانا غلام رسول مهر جو پورهيو ڪيل هو. اهو پير صاحب جي ڪوشش سبب ئي سنڌيالجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو، ڪتاب جي شروعاتي صفحي تي نظرثاني ڪندڙ طور پير صاحب جو نالو نمايان طور لکيل آهي.

**(11) سنڌي زبان جي بنيادي لغت**

وزارتِ تعليم حڪومت پاڪستان پاران 1970ع واري ڍاڪي ۾ مختلف ٻولين جي بنيادي لغت ۽ ڪاروباري لغت واري حوالي سان بنيادي مواد جهڙوڪ ڳڻپ، تور ماپ ۽ ڪئلينڊر جا لفظ ۽ قومي لفظن جون لغتون تيار ڪرائڻ واري اسڪيم جوڙي ويئي هئي. 'سنڌي زبان جي بنيادي لغت' ان اسڪيم جي حصي طور تيار ڪرائي ويئي. سنڌي ادبي بورڊ کي ان ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ وزارت تعليم پاران حڪم جاري ٿيا، جن 14 مکيہ عالمن ۽ اديبن جي پاڻ وٽ ميٽنگ گهرائي. انهن عالمن مان پير حسام الدين راشدي پڻ هڪ هو. انهيءَ ميٽنگ ۾ مذڪور ڪتابن جي تياريءَ جي مسئلن ۽ ڪم جي طريقيڪار بابت ويچار ڪيو ويو. (ص 2) طئہ ٿيل طريقيڪار موجب جيڪو بہ ڪم ٿيڻو هو، ان جي ايڊٽ ڪرڻ وارو ڪم پير حسام الدين راشدي صاحب جي حوالي ڪيو ويو. اهڙي طرح پير صاحب جي نظرداريءَ هيٺ هي بنيادي نوعيت وارو ننڍڙو ڪتاب جڙي راس ٿيو. ڊيمي سائيز جو 58 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب 1976ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

(12) تذڪرة الشعراء

تذڪره نگاري پير صاحب جو پسنديده مشغلو هو. سڄي حياتي پير صاحب فارسي تذڪرن تي ڪم ڪندي گذاريو، جن ۾ اڪثريت بين جي لکيل مواد جي آهي، جنهن جي پير صاحب اصلاح ڪري، حاشيہ، حوالا ۽ تعليقات لکي مڪمل ڪيو. مٿي ذڪر ڪيل تذڪرو شهنشاهه جهانگير ڏانهن منسوب آهي، جيڪو تاجڪستان جي اسڪالر پروفيسر عبدالغني ميرزايوف ترتيب ڏنو هو، جنهن کي پير صاحب اڻپورو ڄاڻي، ان جي نظرثاني ڪري، مفصل حاشيا لکيا.

ڊيمي سائيز جو 100 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب 1976ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ايسٽ اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي يونيورسٽي شايع ڪيو.

# ج: علمي وضاحتون

## 1. تذڪره شعراءِ ڪشمير از مرزا اصلح

سيد صباح الدين عبدالرحمان پير صاحب جي همعصر ۽ حجتي دوست هجڻ سان گڏوگڏ هڪ وڏو عالم هو. ان پنهنجي مواد ۾ پير صاحب جي هن ڪتاب جي هڪ ئي ڪتاب طور ستن صفحن تي مشتمل تفصيلي معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انڪري آءٌ ان بابت هتي وڌيڪ لکڻ مناسب نہ ٿو سمجهان، البت مولانا صاحب، هن ڪتاب جي مواد واري معلومات ڏيڻ ۾ جيڪو طريقي ڪار اختيار ڪيو آهي، جنهن موجب پنجن جلدن تي گڏيل تبصرو ڪيو ويو آهي، منهنجي خيال ۾ ائين ڪرڻ سان ڪتاب جو اصل رنگ ۽ ڍنگ نکري نروار نہ ٿو ٿئي. اهڙي طرح پير صاحب جو ڪيل پورهيو نمايان نظر نہ ٿو اچي. انڪري آءٌ ان ڪتاب جي مرزا اصلح واري جلد ۽ ان کي بنياد بنائي پير صاحب پاران تيار ڪيل وڌيڪ چئن جلدن جي تيار ٿيڻ واري اصل صورتحال بيان ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو.

اصل ۾ هي تذڪرو انهن فارسي گو شاعرن جو آهي، جن جو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ڪشمير سان لاڳاپو رهيو. هي ڪتاب اصلح متخلص مرزا سن 1747ع/1161 هجري ۾ تيار ڪيو هو. تذڪره نگاريءَ سان دلچسپي هئڻ سبب چوڏهن سالن جي عمر ۾، ان تذڪري جو نالو پير صاحب جي ڪن پيو هو. جيتوڻيڪ ڪشمير پير صاحب جو موضوع ڪونہ هو. (تذڪره شعراءِ ڪشمير، مرزا اصلح، ص ) پر تذڪره نگاريءَ واري شوق سبب 43 سالن ڪان پوءِ اهو ڪم سندس حصي ۾، ان وقت آيو، جڏهن اقبال اڪيڊمي، علامہ محمد اقبال واري حوالي سان اهڙن ڪتابن کي، شايع ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو، جيڪي علامہ محمد اقبال جي اشاعتي خواهشن ۾ شامل هئا.

ان سلسلي ۾ پير صاحب مرزا اصلح جي لکيل هن ڪتاب جا مختلف نسخا پيٽي، ان جي تصحيح ڪري، اهو مواد تيار ڪيو، جيڪو 1967ع ۾ اقبال اڪيڊمي شايع ڪيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو 1983ع ۾ شايع ٿيو آهي.

**تذڪره شعراء ڪشمير (ڀاڱو پهريون) پير حسام الدين راشدي**

پير صاحب جڏهن مرزا اصلح واري تذڪري جي تصحيح ڪري، ان تي حاشيہ ۾ حوالا لکڻ وارو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، تڏهن ان تي محنت ڪري، ايترو تہ مواد هٿ ڪيائين جو ڪيس مرزا اصلح وارو مواد بنهہ مختصر ۾ اڻپورو معلوم پئي ٿيو. انڪري تحقيق ڪندي ڪشمير جي حوالي سان مرزا اصلح واري تذڪري ۾ آيل شاعرن کان سواءِ، ٻين شاعرن بابت مواد پڻ گڏ ڪندو ويو. اهڙي ريت سندس هي جادوئي انداز ۾ لکيل ڪتاب وجود ۾ اچي ويو. ان ڪتاب جي وجود ۾ اچڻ جو ذڪر پير صاحب جي پنهنجي زباني ٻڌو ۽ حظ حاصل ڪريو.

”انسان جڏهن ڪو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ٿو، تڏهن ان کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪيتريون نيون ڳالهيون، نوان منصوبا ذهن ۾ اچي ويندا آهن. اصلح تي ڪم ڪندي (ڳولا ڦولا دؤران) ڪيترائي ڪشمير جا فارسي گو شاعر نظر آيا، جن جو ذڪر محمد اصلح ڪونہ ڪيو هو، (تڏهن) خيال آيو تہ اهڙي مواد کي آخر ۾ ضميمي طور شامل ڪري ڇڏيان، پر جڏهن شاعرن جو تعداد ٽن سوَن کي پهتو اُن وقت ضميمي جو ارادو ختم ڪري مستقل ڪتاب جي تياريءَ وارو خيال ڪيم. اهڙي ريت هن وقت پڙهندڙن جي خدمت ۾ جيڪو ڪتاب پيش ٿيو آهي، سو اهوئي آهي، جنهن کي محمد اصلح جي تذڪري جو تڪمله تصور ڪرڻ گهرجي.“ (تذڪره شعراءِ ڪشمير، بخش اول گذارش ص 1)

اهڙي ريت هن تذڪري جو گڏ ڪيل مواد ايترو تہ گهڻي تعداد ۾ ٿي ويو، جو ان سموري کي چئن ضخيم ڀاڱن ۾ ورهايو ويو، جنهن جو پهريون ڀاڱو الفابيٽ جي حساب سان 'آ' کان 'ش' تائين آهي، جيڪو

شروعاتي 12 صفحن کان پوءِ 1 کان شروع ٿي 516 صفحن تي ختم ٿئي ٿو. هي ڪتاب اقبال اڪيڊمي 19ع ۾ شايع ڪيو.

**تذڪره شعراءِ ڪشمير ۽ ٻيو**

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ، ابتدا ۾ ڪشمير، پير صاحب جو من پسند موضوع ڪونہ هو. پر تذڪري نگاريءَ واري شوق سبب مرزا اصلح جي تذڪري تي جڏهن ڪم ڪرڻ وينو ۽ جيئن جيئن ڪم ڪندو ويو تہ ڪشمير سان بہ سندس دلي لڳاءُ ٿيندو ويو، اهو شايد انڪري بہ هجي، جو پير صاحب جنهن جي محبت جو محور سنڌ هئي، ان عظيم سنڌ جون وسيع سرحدون بہ قديم زماني ۾ ڪشمير سان لڳنديون هيون، شايد اهوئي والهانہ دلي لڳاءُ هجي، جنهن جو پير صاحب هن ٻئي حصي ۾ هن ريت اظهار ڪيو آهي:

”مان جيڪڏهن چاهيان ها تہ ڪوتاهہ قلمي، ڪن لاثار ۽ چشم پوشيءَ کان ڪم وٺي، تذڪري کي مختلف بلڪ مختصر ترين ڪري پئي سگهيس، پر هڪ تہ ڪشمير هوئڻ ئي اسان جو عزيز ترين سرمايو آهي، ۽ ٻيو اهو تہ، هي موضوع جيڪو اسان جي ماضيءَ جي علمي وراثت ۽ روايت جو شاندار اهڃاڻ دنيا جي گوشي ۾ گم ٿيل آهي. هڪ اهڙي داستان واري حيثيت رکي ٿو، جيڪو چپن تائين تہ ايندو رهيو، پر نہ ڪڏهن ٻڌايو ويو ۽ نہ وري ٻڌو ويو. اهوئي سبب آهي، جو هن موقعي تي مون پنهنجون ڪيئي ٻيون مصروفيتون هڪدم ترڪ ڪري، جيڪي ڪجهہ ڪڏ ڪري سگهيس، اهو يڪ ساهي چئي ويس ۽ سچ تہ اهو آهي تہ هن وڻندڙ رنگين داستان جي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ واري ڪم ۾ پنهنجي ذاتي شوق ۽ جذبي جو پڻ عمل دخل آهي.“ (تذڪره شعراءِ ڪشمير، بخش دوم، ص 5)

ڪتاب جا صفحا پهرئين جلد جي ترتيب موجب سلسليوار هنيا ويا. اهڙي ريت هي حصو شروعاتي 16 صفحن کان پوءِ 517 کان شروع

ٿي 1043 تي پورو ٿئي ٿو. هن حصي ۾ ’ص‘ کان ’غ‘ تائين لفظ سان شروع ٿيندڙ نالن وارن شاعرن جو ذڪر آيل آهي. هن مواد تي جا محنت ڪئي ويئي، ان جو اندازو پير صاحب پاران چيل هينين جملن مان ٿي وڃي ٿو. پاڻ دعويٰ ڪري ٿو تہ:

”صائب جي سلسلي ۾ نہ فقط سوانحي مواد ڏنو ويو آهي، پر، ان جي ديوان جي 37 اهڙن خطي نسخن جي پڻ نشاندهي ڪئي آهي، جيڪي يا تہ خود شاعر جا هٿ اکر آهن، يا ان جي شاگرد عارف تبريزيءَ جي قلمي ڪاوش آهن يا وري اهڙا نسخا آهن جيڪي ڪتابت جي لحاظ کان همعصر يا ويجهڙائپ واري دؤر جا آهن... صائب جو شايد ئي ڪو اهم ديوان هن فهرست ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويو هجي.“ (تذڪره شعراءِ ڪشمير، بخش دوم ص 1)

اهڙي قسم جي مستند دعويٰ مختلف حوالن سان شاعر شيخ يعقوب ۽ طالب آملي لاءِ پڻ ڪئي ويئي آهي. هي حصو 1968ع ۾ اقبال اڪيڊمي لاهور شايع ڪيو، جنهن جو ٻيو ڇاپو 1983ع ۾ ڇپيو آهي.

## تذڪره شعراءِ ڪشمير ڀاڱو ٽيون

پير صاحب پاران ساڳئي شوق، معيار ۽ جذبي سان تيار ڪيل هن ڪتاب جو هي حصو پڻ 1968ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو ’ف‘ کان ’م‘ تائين وارن لفظن سان شروع ٿيندڙ نالن وارن شاعرن تي مشتمل آهي. صفحن جي هلندڙ سلسلي موجب شروعاتي 12 صفحن کان پوءِ 1045 کان 1577 تائين صفحن تي مشتمل آهي. هن مجموعي ۾ پڻ ٻين تحقيق ٿيل ڪن نون گوشن طرف اشارو ڪندي پير صاحب فرمائي ٿو:

”پهرين ٻن جلدن وانگر، هن حصي ۾ پڻ شاعرن جي زندگي ۽ منظومن بابت ڪيتريون ئي نيون ۽ اهم شيون ظاهر ڪيون ويون آهن.“ (تذڪرائ شعراءِ ڪشمير گذارش، ص 1)

**تذڪره شعراءِ ڪشمير ڀاڱو چوٿون**

هن ڪتاب جو هي آخري حصو آهي، جيڪو هونئن تہ ’ن‘ کان ’ي‘ تائين شروع ٿيندڙ نالي وارن شاعرن تي مشتمل آهي پر حقيقت ۾ اهو سڄي ڪتاب جو ’تڪمله‘ پڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ پير صاحب کي اڳ شايع ٿيل جلدن ۾ آيل ڪن شاعرن بابت واڌو مواد مليو يا ڪشمير بابت ڪي قصيدا هٿ لڳا يا مختلف حوالن سان ڪي تصويرون ۽ خطن جا نمونا مليا تہ سڀ هن حصي ۾ جمع ڪري ڇڏيا اٿس. آخر ۾ سموري مواد ۾ ذڪر هيٺ آيل ماڻهن، ماڳن مڪانن ۽ ڪتابن جي ڏسٽي پڻ ڏني ويئي آهي. مرزا اصلح واري تذڪره شعراءِ ڪشمير ۾ سندس تيار ڪيل شعراءِ ڪشمير حصو 1 کان 4 تائين لکيل حصن ۾ شامل ڪيل اردو ’گذارش‘ جي اهم ڳالهين کي فارسيءَ ۾ لکي هن حصي جي آخر ۾ ’حرفِ آغاز‘ طور ڏيئي ڪم کي مڪمل ڪيو ويو آهي. سلسليوار صفحن واري تفصيل موجب، ابتدائي 34 صفحن کان پوءِ 1579 کان 1932 تائين مواد ڏيڻ کان پوءِ 124 صفحن تي مشتمل ڏسٽي ۽ ٻيو مواد ڏنو ويو آهي. اهڙي ريت اسان جي هن بزرگ عالم ڪشمير، جنتِ نظير جي محبت ۾ مرزا اصلح وارو تذڪرو ايڊٽ ڪندي، وڏي عرق ريزي سان ان موضوع تي اٽڪل 2000 صفحن جو واڌو مواد تيار ڪري ورتو. تذڪره ڪشمير جو هي چوٿون ۽ آخري جلد مئي 1969ع ۾ اقبال اڪيڊمي لاهور پاران پڌرو ٿيو. هن مجموعي ۾ حرفِ آخر طور پير صاحب جنهن دل نواز انداز سان رات ڏينهن هڪ ڪري ڪيل ڪم جو تفصيل بيان ڪيو آهي، اهو سڄو ئي ڏاڍو دلڪش آهي پر ان ۾ هي چند سٽون اوهان بہ پڙهو ۽ حَظ حاصل ڪريو.

”مون پوڻن ٽن سالن ۾ گل و گلزار ڪشمير جي گوشي گوشي ۾ روحاني سفر ڪيو آهي، باغ بهاريون ڏٺيون آهن، ساوڪ ڏٺي آهي، گل و گلزاري ڏٺي آهي، جبلن جي اوچائين ۽ هيناهين تي نظر وڌي آهي، ماٿريءَ جي مڙني نشيب و فراز کي ماپيو آهي، جهنگلن، بيابانن کي

ڪچيو آهي، سردي گرميءَ ۾ هليو آهيان. هن عرضِ جنت تي هر طريقي سان قريو آهيان، هر ڪنڊ ۾ ويو آهيان، ۽ گلستان ۾ پهچي هر ڏار ۽ ٽاريءَ مان گل ۽ پن پٽيا آهن، تڏهن وڃي مون اوهان لاءِ هي گلدستو سجايو آهي. هن ۾ رڳو گلن جي لالاڻ نہ آهي، پر منهنجي دلي لڳاءَ واري ڳاڙهاڻ بہ اوهان محسوس ڪندا، ۽ گلن سان گڏ جيڪي لڪل ڪندا هئا، انهن جي رهندن جا نشان بہ اهل نظر جابجا ڏسندا. (تذڪره شعراءِ ڪشمير، بخش چهارم، حرفِ آخر، ص 7)

## (ب) تذڪره روضة السلاطين و جواهر العجائب

سيد صباح الدين عبدالرحمان تبصري هيٺ آيل ڪتابن ۾ ڪتاب نمبر 13-14 تي روضة السلاطين/ جواهر العجائب ۽ ديوان فخريءَ جو ڏار ڏار ذڪر ڪيو آهي، انهن جي اشاعت جي اصل ڪيفيت هن ريت آهي.

متي ذڪر ڪيل ڪتاب دراصل فخري هرويءَ جا ٽي ڪتاب، بہ تذڪره ۽ هڪ سندس شاعريءَ جو مجموعو آهي، جن جو مولانا صباح الدين ڪافي حد تائين تفصيل ڏنو آهي. پير صاحب پهريان ذڪر ڪيل تذڪره ايڊٽ ڪيا، ان دؤران سندس علم ۾ آيو تہ فخري هروي پاڻ بہ شاعر هو. پوءِ ان جو ڪلام هٿ ڪري، ٻنهي تذڪرن ۽ سندس شاعريءَ جي ديوان کي گڏي ”روضة السلاطين و جواهر العجائب“ نالي ڪتاب تيار ڪيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 1968ع ۾ شايع ڪيو.

تازو معلوم ٿيو آهي تہ ايران ۾ ڪنهن صاحب ديوان فخري ڌار ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو آهي پر ان بہ ڪمال هوشياريءَ سان پير صاحب جو ذڪر ضمناً ڪيو آهي. جڏهن تہ مواد ساڳيو پير صاحب وارو ئي ڪم آندو اٿس.

## (ج) اڻڇپيل / اڻپورو علمي ذخيرو

ڪو بہ عالم يا محقق مطالعي، مشاهدي ۽ تحقيق واري جدوجهد دؤران پنهنجو پاڻ کي، ڪنهن هڪ موضوع تائين محدود نہ رکندو آهي. جيتوڻيڪ حضرت انسان جي زندگي محدود آهي پر ان جي چاڻ هوندي بہ، ڪم ڪرڻ جي حوالي سان خواهشون لامحدود ٿين ٿيون، جن لاءِ هر ڪو هوريان ڏاڍيان ڪم ڪندو رهي ٿو. وقت، اهميت ۽ ضرورت جي مدنظر ڪي ڪم سهيڙجي، اڪلائجي، شايع ٿي، پڙهندڙ جي هٿن تائين پهچيو وڃن پر ڪي آخري مرحلن تي اچي اٽڪيو بيهيو رهن، تہ ڪي موراڳي اڌورا يا ڪن حالتن ۾ ابتدائي مرحلن ۾ رهجيو وڃن. ازل وارو سڏ تہ هر ڪنهن کي ورنائڻو آهي. ان ڪان ڪن لاٿار تہ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪانهي. آخر موت ماڻهوءَ کي مات ڏيو وڃي ٿو، اهڙي صورتحال ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ، اهو وڏو مسئلو ٿيو پوي تہ اُهي پنهنجي محبوب شخصيت پاران رٿيل يا هٿ ۾ ڪنيل علمي ڪمن بابت ڪيئن ٿا معلومات حاصل ڪن.

منهنجي خيال ۾ ان جا بنيادي طور تي ٽي ذريعا ٿين ٿا.

1. لاڏاڻو ڪري ويل شخصيت پاران لکيل ڪي يادداشتون
2. شايع ٿيل ڪتابن جي مقدمن/ مهاڳن/ پيش لفظن ۾، ڪن هٿ ۾ ڪنيل يا اڳتي ڪم ڪرڻ جو اظهار ڪيل خواهشن بابت معلومات
3. ان شخصيت پاران وقت بوقت ڏنل انٽرويوز ۾ آيل هلندڙ ڪمن يا خواهشن جو ٿيل اظهار
4. ان شخصيت پاران خاندان جي پوئنيرن وٽ ڇڏي ويل ذخيرو.

سيد حسام الدين جهڙي هاڪاري عالم جي علمي ذخيري سان پڻ، مٿي ذڪر ڪيل صورتحال لاڳو آهي. پير صاحب گهڻو تڻو تہ مواد شايع ڪرائي ويو پر مني صديءَ ڪان مٿي واري دؤر ۾ پاڻ ڪيترائي

ڪم هٿ ۾ ڪنيائين، جن جو مختلف جاين تي وقت بوقت اظهار ڪيو اٿس. انهن رٿيل ڪمن مان، سندس زندگيءَ وارن پوين سالن تائين ڪي ڪم آخري مرحلن تي پهچي چڪا هئا، جن جا پاڻ اڻپورا مسودا خانداني ذخيري ۾ ڇڏي ويا. ڪن ڪمن بابت ابتدائي ڪم جا بنياد رکي ويو، ڪي ته شايد رڳو سندس خواهشون ئي رهجي ويون. اهو حال نه رڳو ڪتابن پر مختلف موضوعن تي سندن لکيل مضمونن جو پڻ هو.

هتي پاڻ اها ڪوشش ڪئي آهي ته پير صاحب جي علمي ذخيري سان دلچسپي رکندڙن لاءِ، اهڙي مواد جي نشاندهي ڪئي وڃي. جيڪو اجا پڙهندڙن جي اکين کان اوجهل رهيو آهي.

هتي هڪ وضاحت ڪرڻ ضروري ٿي سمجهجي ته هن مطالعي هيٺ رڳو ڪتابن جو نه، پر اهڙن مضمونن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. البت ان لاءِ بنيادي شرط اهو آهي ته اهو مواد ڪڏهن به شايع نه ٿيو هجي. ڇاڪاڻ ته هتي اڻپورو ۽ اڻڇپيل مواد جو ذڪر ڪرڻو آهي.

ٻيو عرض ته هتي صرف اهڙن مضمونن/ ڪتابن ڪي ذڪر هيٺ آندو ويو آهي، جن بابت پير صاحب پاڻ ڪجهه نه ڪجهه ڪم ڪيو، اهڙي مواد کان پاسو ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ پير صاحب محض ايترو اظهار ڪيو ته اهو ڪارگر مواد آهي، ان تي ڪم ٿيڻ گهرجي.[1]

## مير علي شير قانع جو شعري ذخيرو

مير علي شير قانع پير صاحب جي سموري علمي ڪم تي حاوي نظر اچي ٿو. ان جي ڇڏيل علمي ڪم کي پير صاحب ئي اڳتي وڌايو. ان ڪيل ڪم دوران نثر توڙي نظم بابت ڪجهه مواد پير صاحب مڪمل ڪري شايع به ڪرائي ويو. البت ميڙا چونڊيءَ دوران ڪجهه شيون رهجي ويون، جن لاءِ پير صاحب جو چوڻ هو ته:

---

[1] اهڙي قسم جو تفصيل جاچڻ وارن دوستن کي ميان محمد پنهل ڏهر جو مضمون"پير حسام الدين راشدي جون ادبي ۽ تحقيقي خواهشون" ڏسڻ گهرجي. (مهراڻ 1996/2ع)

”ڪجهه نعتون، منقبت، ترجيح بند، مسدس ۽ قصائد جيڪي مڪلي نامہ واري بياض ۾ محفوظ رهجي ويا آهن، انهن کان سواءِ سندس اُهي منتشر اشعار ۽ غزل، ڪجهه تاريخون ۽ رباعيون، جيڪي سندس نثري تصنيفن يا بياضن ۾ موجود آهن، اهڙي منظوم ذخيري مان ’مختيار نامو‘، ’رزميه نظم‘ آهي ۽ ’ختم السلوڪ‘ تصوف تي هڪ جامع مثنوي آهي. اهي ٻئي مستقل ڪتاب آهن، جن کي شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. اهڙي طرح مير قانع مرحوم جي منتشر شعرن، غزلن، رباعين يا تاريخي قطعات جو جيڪو غير مسلسل ۽ پکڙيل اثاثو آهي، ان کي پڻ خدا توفيق ڏني تہ سندس ڪتابن مان چونڊي ۽ ترتيب ڏيئي ڇاپيو ويندو.“ (مثنوي، قصائد قانع تعارف، ص 1-2)

مٿي ذڪر ڪيل مواد بابت پير صاحب ڪم ڪندو پئي رهيو.

**گلدستہ نورس بهار**

پير صاحب ”سنڌ جا تاريخي ۽ سياسي خط“ سري سان 1973ع ۾ هڪ مقالو لکيو. ان ۾ پاڻ لکيائين:

”زندهہ قومون پنهنجي تاريخي اثاثي ۽ تهذيبي ورثي کي سيني سان سانديين ٿيون. ڪاش اسان وٽ بہ هن قومي سرمائي جي بچاءَ جو احساس پيدا ٿئي ۽ اسين بہ هوش ۾ اچون ۽ تاريخي خطن جا قدم بہ قدم اهڙا مجموعا گڏ ڪرڻ ۽ ڇاپڻ شروع ڪريون.“ (ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، 1987ع) ص )

ان ۾ ئي پاڻ ’گلدسته نورس بهار‘ جو ذڪر ڪندي ان ڳالهہ طرف اشارو ڪيائين تہ:

”هن ڪتاب جا ٻہ نسخا منهنجي ڪتبخاني ۾ موجود آهن، جن کي آڏو رکي مون هن ڪتاب جو متن تيار ڪيو آهي ۽ انتظار آهي تہ حاشين ۽ ڇنڊاڻ سان ان کي ڇاپيو وڃي.“ (ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، ص 166)

ائين ٿو معلوم ٿئي تہ پير صاحب جي خواهش موجب اهو مواد تيار نہ ٿي سگهيو. پير صاحب سان زندگيءَ وفا نہ ڪئي ۽ ڪم رهجي ويو.

تازو معلوم ٿيو آهي تہ سنڌ آرڪائيوز کاتي وارن پير صاحب جي شاگرد رشيد ڊاڪٽر سليم اختر کي اهو ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي. خدا ڪري مڪمل ٿي وقت سر شايع ٿئي.

## تذڪره مشائخ سيوستان

پير صاحب جڏهن 'تذڪره مشائخ سيوستان' ايڊٽ ڪري تہ ماهي 'مهراڻ' ۾ شايع ڪرايو تڏهن لکيائين تہ:

"هي تذڪرو ٽن قسطن ۾ شروع ڪري رهيو آهيان (1) فارسي متن (2) فارسي متن جو سنڌي ترجمو (3) حاشيہ، مقبرن جو احوال، نقشا ۽ تصويرون." (مهراڻ 1974/3ع)

اهو ڪم جيڪو پير صاحب ٽن حصن ۾ ورهائي ڪرڻ گهريو پئي ان جي پاڻ صرف پهرين قسط يعني فارسي متن تيار ڪري سگهيو، جيڪو 1974ع جي 'مهراڻ' ۾ شايع ٿيو. ان کان 5 سال پوءِ سندس معتقد، محترم نياز همايوني ان جو سنڌي ترجمو شايع ڪرايو. (مهراڻ 3-1979/4ع) باقي ڪم رهجي ويو، پورو نہ ٿي سگهيو. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جيڪو مواد شايع ڪيو آهي، اهو اڻپورو آهي.

## مقالات الشعراء جا تعليقات

پير صاحب جي ايڊٽ ڪيل مقالات الشعراء مان معلوم ٿو ٿئي تہ اهو ڪتاب تيار ڪرڻ وقت سندس خيال هو تہ پنهنجي بين ڪمن وانگر هن ڪتاب کي جامع ڪرڻ لاءِ ان تي تعليقات لکي پر اهو ڪم ڪتاب جي ذخامت ۽ وقت جي گهٽتائيءَ سبب ٿي ڪونہ سگهيو. ان ڳالهہ جو اظهار ڪتاب جي 'آغاز' ۾ هن ريت ڪيو اٿن:

”شروعات ۾ خيال هوم ته شاعرن جو احوال ۽ وڌيڪ معلومات ۽ تاريخي واقعا، تعليقات طور ڪتاب جي آخر ۾ ڏيان پر ڪتاب جي ذخامت کي نظر ۾ رکندي ائين نه ڪيم. قسمت رهي ته تعليقات تي مشتمل ڌار جلد تيار ڪندس، جيڪو هن جلد کان پوءِ انشاءالله پڙهندڙن لاءِ پڌرو ٿيندو.“

**تاريخ رشيدي**

پير صاحب 1980ع جي آخر ۾ ڏنل هڪ انٽرويو ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب طرف اشارو ڪندي ان ڳالھ جو اظهار ڪيو هو ته:

”تاريخ رشيدي منهنجي هڪڙي مرحوم دوست جي فرمائش آهي، ته اهو ڪتاب مان ايڊٽ ڪريان ۽ شايع ڪريان. خدا توفيق ڏئي، اهو هڪڙو فرض آهي، جيڪو ادا ڪرڻو آهي. ڪم اڃا شروع ڪونه ٿيو آهي. هن ڪتاب جا پنج ڏھ نسخا جيڪي دنيا جي مختلف هنڌن تي هئا، سي سڀ گڏ ڪري رکيا اٿم، انهن کي فقط تصحيح ڪري متن تيار ڪرڻو آهي. اهو ڪم اڃا شروع نه ڪري سگهيو آهيان، جو محنت تمام گھڻي آهي ۽ اها طاقت مان پاڻ ۾ نه ٿو سمجهان. مون نه ڪيو ته انشاءالله ڪو ٻيو ڪندو. بهرحال اهو ڪم منهنجي ذهن ۾ آهي.“ (ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، ص 358)

پير صاحب پنهنجو پاڻ تي لاڳو ڪيل ان ذميواريءَ کي ڪيتري حد تائين اڳتي وڌائي سگهيا، ان ڳالھ جو اندازو ڊاڪٽر رياض الاسلام جي هيٺين لکڻ مان ٿئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

”پير صاحب جي غير مڪمل ڪمن مان غالباً سڀ کان اهم ڪم مرزا حيدر دوغلت جي شهره ’آفاق تاريخ رشيدي‘ جي ايڊيٽنگ جو ڪم هو. اها رٿا سندس زندگيءَ جي وڏين آروزئن مان هئي ۽ 1981ع جي پڇاڙيءَ تائين پاڻ ان فڪر ۾ هئا ته ڪنهن طرح اهو ڪم پورو ٿي وڃي. جنوري 1982ع ۾ جڏهن پاڻ لنڊن روانا ٿيڻ وارا هئا، تڏهن شايد

اچڻ واري واقعي جو متن الفا تي چڪو هو، چاڪاڻ جو روانگيءَ کان اڳ تاريخ رشيديءَ جي سمورن روٽو گرافن ۾ صاف ڪيل نقلن جو ڪريڊٽ منهنجي ۾ پروفيسر محمود الحسن صديقي جي حوالي ڪري ويا.“ (مهراڻ 1983/1ع، ص 76)

## تذڪره پوراني سادات

سنڌ جي قديم تاريخي شهر ٺٽي ۾ آباد پوراني ساداتن جي خاندان، وڏا نامور شخص پيدا ڪيا، جن جا ڪيئي علمي ڪارناما شمار ڪيا وڃن ٿا. ان ئي خاندان جي هڪ فرد ’نصرت نامه ترخان‘ جهڙو عاليشان ڪتاب لکيو هو. ان علمي خاندان بابت پير صاحب ڪم ڪندو رهندو هو، جنهن کي آخري عمر ۾ ڪتابي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان جو ذڪر ڪندي لکيو اٿن:

”ارادو اٿم ته خدا توفيق ڏئي ته اهو ڪتاب جيئن مير معصوم جو لکيو اٿم، لکي پورو ڪريان، چاڪاڻ ته اهو منتشر آهي ۽ تمام قيمتي مواد آهي، جو جيڪڏهن گڏ ٿي وجي ته سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب مڪمل ٿي وجي. ان خاندان جي علمي اهميت اها آهي جو ان جو واسطو سينٽرل ايشيا، خراسان ۽ هرات سان آهي.“ (ڳالهيون منهنجي سنڌ جون، ص 358)

سائين حسين شاهه راشدي چوندو هو ته پير صاحب جي پويان ڇڏيل علمي ذخيرن ۾ هن ڪتاب جو منتشر مواد موجود اهي. خدا ڪري ته اهو ميڙجي شايع ٿي سگهي.

## سنڌي ادب جي تاريخ

پير صاحب کي براڻون (Edward G. Browne) جي لکيل تاريخ “A Literary History of Persia” ڏاڍو متاثر ڪيو هو. پاڻ ان طرز تي سنڌي

ادب جي تاريخ لکڻ جا خواهشمند هئا. هڪ انٽرويو ۾ ان ڳالهہ جو هن طرح اظهار ڪيائون:

”اسان جي ادب جي تاريخ لکيل ڪانهي، منهنجي اها نيت آهي تہ سنڌ جي ادبي تاريخ لکجي. ادبي تاريخ اجا تائين ڪانہ لکي ويئي آهي. تذڪره بيشڪ لکيا ويا آهن پر ادبي تاريخ جيئن برائون لکي آهي، اسان وٽ ڪونہ آهي. اها تاريخ جنهن مان توهان کي خبر پوي تہ شمشير الحيدري جي پيدا ٿيڻ ۾ سندس ذهن نهڻ جا اسباب ڪهڙا آهن ۽ (اهڙي تاريخ) اسان وٽ آهي ئي ڪانہ.“ (ڳالهيون ڳوٺ وٽڻ جون ص 355) اهڙي نوعيت ڪي نوٽيس پير صاحب جي علمي ذخيري ۾ موجود ڇپيا وڃن ٿا.

## تحفة الڪرام (حصو I-II)

مير علي شير قانع جي تاريخ تحفة الڪرام ٽن حصن ۾ آهي، جنهن جو ابتدائي طور پير صاحب هڪڙو حصو (ٽيون) ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو، جنهن جو سڌي طرح سنڌ سان واسطو هو. پر ان جي تاريخي اهميت جي مدنظر پاڻ باقي ٻين ٻن حصن تي پڻ ڪم ڪرڻ جا خواهشمند هئا، ڇاڪاڻ تہ ان تاريخ لاءِ سندس خيال هو تہ:

”ان جي پڙهڻ کان پوءِ سنڌ جي ماڻهن کي ڪنهن بہ ٻئي ڪتاب پڙهڻ جي ضرورت نہ رهندي.“ (مهراڻ 1983/3)

افسوس جو اهو شاندار ڪم پير صاحب هٿان مڪمل ٿي ڪونہ سگهيو، ورنہ اسان جهڙن سست ۽ سهل پسند ۽ ڪم ٽپائو طريقا ڳوليندڙن لاءِ واهہ جو ڪم ٿي وڃي ها.

## تذڪره ميرڪي سادات

ميان غلام مصطفيٰ پيو، پير صاحب جي قريب ترين دوستن مان هو، جنهن سان وقت بہ وقت علمي معاملن تي پاڻ خيالن جو اظهار

ڪندا رهندا هئا. پيي صاحب، پير صاحب جي رهيل علمي ڪمن جو جيڪو ڏکهو تفصيل ڏنو آهي، ان ۾ هو اها ڳالهه اعتماد سان لکي ٿو ته:

"ميرڪي سادات، جيڪي سکر ۾ رهن ٿا جو تذڪرو تاريخ به ڪمپليٽ ڪري ڇڏيا اٿائون، ان تي ڪو ٿورو ڪم رهيل هوندو." (مهراڻ 1983/3ع)

## 2— هو ڏوٿي هو ڏينهن

'هو ڏوٿي، هو ڏينهن' عنوان سان پير صاحب جو ڪتاب 1977ع ۾ شايع ٿيو جيڪو سندن يادگيرين واري مواد تي مشتمل آهي. پاڻ اهڙي ئي نوعيت وارو هڪ ٻيو ڪتاب محترمه والده جون يادگيرون نوٽ ڪري لکڻ جا خواهشمند هئا. ان سلسلي ۾ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو چوڻ آهي ته 'هو ڏوٿي، هو ڏينهن' جي طرز تي خاص طرح پنهنجي سائڻ ماءُ جي يادگيرين لکڻ جو ڏاڍو شوق هون ۽ مون کي پڪ آهي ته سندن ڇڏيل ڪاغذن ۾ ضرور انهن تجويزن تي سندن ڪي ابتدائي يا ڪجهه قدر وڌيڪ نوٽ موجود هوندا." (مهراڻ 1984/4ع)

اسان جي هن هاڪاري عالم جي وفات ڪان پوءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڏانهن جيڪو پير صاحب جو ذخيرو آيو، جنهن ۾ سندن پنهنجو لکيل قلمي مواد بنهه گهٽ آهي، ان مان اندازو ٿئي ٿو ته سندن اڻڇپيل قلمي پورهيي ۾ 'فارسي ادب جي مختصر تاريخ'، 'سنڌ جي تاريخي شهر منصوره' بابت ڪجهه مواد، 'غلام شاهه راشدي جي ڪلام' بابت مواد، سنڌ جي تاريخ بابت ڪن نادر نوٽن تي مشتمل مواد، اڃا منتشر پيو آهي. ان ڪان سواءِ محترم سائين حسين شاهه راشدي، هڪ پيري ڊاڪٽر لاڪي سان ان ڳالهه جو به اظهار ڪيو هو ته اردو ادب جي تاريخ بابت پڻ ڪي نوٽ بڪ ۽ پير صاحب جون اوائلي دؤر ۾ لکيل ڪهاڻيون ۽ شعر به سندن ذخيري ۾ موجود آهن.

اهڙي ريت پير صاحب جي هيٺ ذڪر ڪيل ڪجهه مقالن جي پڻ نشاندهي ٿئي ٿي.

- "<u>بلگرامي سادات ۽ سنڌ</u>": ارڙهين صديءَ اندر بلگرام جي ساداتن جو سنڌ سان وڏو تعلق رهيو آهي. هي مضمون ان عنوان تي جاڻ ڏئي ٿو. راشدي صاحب جي ذخيري ۾ اڻ ڇپيل ڪاپي موجود آهي." (سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، ص 407)
- "<u>منصوره جي تاريخ</u>": ان سلسلي جا ڪجهه مضمون اول مهراڻ ۾، ۽ بعد ۾ "ٻالهيون ڳوٺ وڻڻ جون" ۾ شايع ٿيا ۽ متعدد اڻڇپيل رهجي ويا. (ساڳيو حوالو ص 407)
- "<u>بيدل جو مطالعو</u>": سنڌ جي ڪلاسيڪل سلسلي جي هن آخري شاعر بابت، سيد حسام الدين مرحوم جا ٽي مضمون ڇپيل آهن. جڏهن تہ چار يا پنج اڻ ڇپيل صورت ۾ نوٽ بڪ ۾ محفوظ آهن. (حوالو ساڳيو، ص 407)

پير صاحب سنڌ جو عاشق هو. سندس سموري سوچ، فڪر ۽ عمل سنڌ لاءِ ئي هئا. جڏهن هڪ انٽرويو ۾ ڪائنڻ پڇيو ويو تہ:

"جيڪڏهن توهان جي دل ۾ اهو خيال اچي تہ آءٌ فقط اڄوڪو ڏينهن هيءَ گهڙي جيئرو آهيان ۽ سياڻي آءٌ ڪونہ هوندس، تہ اهڙي آخري موقعي تي توهان ڇا چوندؤ سنڌ جي ماڻهن کي؟"

تڏهن جواب ۾ چيو هيائين: "سنڌا سنڌ، تاريخ! تاريخ."

هن جيڪي ڪجهہ ڪيو، سنڌ سان اٿاهہ عشق سبب ئي ڪري ويو. سندن اهڙي محبت واري ميڙا چونديءَ مان ضرور ڪي ڪٺا، سندن خانداني ڪاغذن ۾ هوندا، جيڪو سندن مواد اخبارن ۽ رسالن ۾ ورهاڱي کان پوءِ شايع ٿيو، ان تائين تہ رسائي ممڪن آهي. پر اهڙو مواد جيڪو بنهہ آڳاٽي دؤر ۾ شايع ٿيو يا پير صاحب نامڪمل هئڻ ڪري شايع نہ ڪرايو، اهڙي مواد جا سندن خانداني علمي ورثي ۾ ڪي نسخا ملڻ جو امڪان آهي. اهو جيڪڏهن خانداني ڪٻٽن مان ٻاهر نڪري سوڌڻ سنوارڻ لاءِ سامهون اچي وڃي تہ هوند سنڌ جي هن ازلي عاشق جي محبت سان ڪيل ان ميڙا چونديءَ کي اوتري ئي عشق ۽ محبت پري محنت سان مڪمل ڪري سگهجي ٿو.**

## علمي، ادبي ادارن سان لاڳاپا

### الف: اخبارون ۽ رسالا

**ايڊيٽر ۽ مددگار ايڊيٽر طور:**

- ماهوار 'المنار' سکر — 1930ع
- ٽي روزه 'سنڌ زميندار' سکر — 1930ع - 1934ع
- روزاني 'ستاره سنڌ' سکر — 1934ع - 1937ع
- روزاني 'الوحيد' ڪراچي — 1940ع - 1942ع
- روزاني 'قرباني' ڪراچي — 1945ع - 1946ع
- ٽه ماهي 'مهراڻ' — 1957ع - 1958ع
  (سنڌي ادبي بورڊ جو علمي ادبي رسالو)
- ٽه ماهي 'پارس' ڪراچي — 1965ع
- ٽه ماهي 'اردو' ڪراچي — 1967ع کان
  (انجمن ترقي اردو جو رسالو)
- هسٽاريڪل سوسائٽي آف پاڪستان ڪراچي
  جي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر — 1968ع کان
- ٽه ماهي 'ايران شناسي' (حڪومت ايران جو پرچو) تهران — 1969ع
- ميمبر صلاحڪار بورڊ ماهوار 'نئين زندگي' — 1967ع - 1970ع
  (مرڪزي حڪومت جو ماهوار پرچو)

## ب: علمي ادبي ادارا

**صدر**

- پاڪ - روس دوستي انجمن ڪراچي

**نائب صدر**

- پاڪستان ايراني ثقافتي انجمن 1960ع کان 1969ع
- اولهہ ۽ وچ ايشيا ايياس مرڪز، ڪراچي يونيورسٽي 1968ع

**چيئرمين**

- صلاحڪار ڪاميٽي قومي عجائب گھر ڪراچي 1974ع - 1980ع
- قومي دستاويزن جي مائڪرو فنانسنگ ڪاميٽي 1974ع - 1979ع

**باني ميمبر**

- انجمن ترقي اردو ڪراچي 1947ع کان وفات تائين
- اردو ڪاليج ڪراچي 1948ع کان 1970ع تائين
- اردو ٽرسٽ ڪراچي 1950ع
- اداره يادگار غالب 1968ع کان وفات تائين

**ميمبر گورننگ باڊي**

- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1950ع کان 1967 ۽ 1974ع
- اقبال اڪيڊمي ڪراچي 1950ع - 1968ع
- اردو ترقي بورڊ ڪراچي 1958ع کان وفات تائين
- صلاحڪار ڪاميٽي، قومي عجائب گھر ڪراچي 1958ع - 1980ع
- مرڪزي اردو ترقي بورڊ لاهور 1962ع کان وفات تائين
- حاجي عبدالله هارون ڪاليج ڪراچي 1965ع - 1972ع

## ج: صلاحڪار ڪاميٽيون

**ميمبر**

- صلاحڪار ڪاميٽي، ريڊيو پاڪستان ڪراچي 1953ع - 1960ع
- تاريخي رڪارڊ ۽ دستاويز ڪميشن پاڪستان 1958ع - 1970ع
- يونيسڪو طرفان قومي ثقافت جي معاملن جي ذيلي ڪميٽي 1962ع
- صلاحڪار ڪاميٽي ٽي.وي ڪارپوريشن ڪراچي 1967ع - 1969ع
- ايرانيات بين الاقوامي ڪانگريس، تهران جي صلاحڪار ڪاميٽي 1967ع کان وفات
- انتظام ڪاميٽي پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي 1967ع کان وفات
- صلاحڪار ڪاميٽي لياقت ميموريل لائبريري ڪراچي 1968ع کان وفات
- صلاحڪار ڪاميٽي قومي دستاويزات لائبريري ڪراچي 1968ع - 1970ع
- صلاحڪار سب ڪاميٽي تاريخي دستاويزات ڪمشنري ڪراچي 1969ع - 1970ع
- صلاحڪار ڪاميٽي صوبائي تاريخي دستاويزات مغربي پاڪستان 1969ع - 1970ع
- مرڪزي ڪاميٽي سؤ ساله تقريبات علامه اقبال 1974ع - 1977ع
- مرڪزي ڪاميٽي 'سنڌ صدين کان' سيمينار ڪراچي 1974ع
- مرڪزي ڪاميٽي انتخاب نادر دستاويزات ۽ ڪتاب قومي دستاويز ڪاتو 1974ع

## د: يونيورسٽين سان لاڳاپو

- ميمبر اڪيڊمڪ ڪائونسل
  ڪراچي يونيورسٽي — 1958ع - 1972ع
- ميمبر سينٽ سنڌ يونيورسٽي — 1959ع - 1963ع
- ميمبر گورننگ باڊي انسٽيٽيوٽ آف
  سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي — 1962ع کان وفات تائين
- ميمبر اڪيڊمڪ ڪائونسل سنڌ يونيورسٽي — 1959ع - 1963ع
- ميمبر سينڊيڪيٽ سنڌ يونيورسٽي — 1963ع - 1967ع
- سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ريڊرن ۽
  پروفيسرن جي مقرريءَ لاءِ ماهر — 1963ع کان وفات تائين
- ماهر سنڌي ۽ اردو بورڊ آف اسٽڊيز
  ڪراچي يونيورسٽي — 1963ع کان وفات تائين
- ميمبر گورننگ باڊي، ريسرچ سوسائٽي
  آف پاڪستان، پنجاب يونيورسٽي — 1963ع - 1970ع
- باني ميمبر اولهه ۽ وچ ايشيا اڀياس
  مرڪز، ويسٽ ايشين اسٽڊيز،
  ڪراچي يونيورسٽي — 1968ع کان وفات تائين

# پڙهندڙ نَسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪانئُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي ڀاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)